سُرُ گهاتُو

مرتب

حميد سنڌي

شاھ عبداللطيف
ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاھ
حيدرآباد - سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سر گهاتو

(ٻن وڏيڪ عنوانن تي مضمون)

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

مرتب:
حميد سنڌي

شاهه عبداللطيف، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه
حيدرآباد سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
وٽ محفوظ آهن

تاريخ اشاعت: آڪٽوبر ١٩٨٧ع

تعداد : هڪ هزار

قيمت : ٢٥ روپيا

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

هي ڪتاب عبدالحميد آخوند سيڪريٽري، شاهه عبداللطيف
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه پاران ـ جمالي پرنٽنگ پريس
حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيوو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترتيب

١– پيش لفظ	جناب علي محمد جي شيخ ڪمشنر حيدرآباد	
٢– مرتب طرفان ٻه اکر	حميد سنڌي	

١– سر گهاتو جو مطالعو

٣– سر گهاتو	محمد اسماعيل شيخ	١
٤– سر گهاتو هڪ جدوجهد	ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو	٥
٥– سر گهاتو جو فطري پس منظر	رشيد ڀٽي	١٣
٦– سر گهاتو جو اقتصادي ۽ معاشي پهلو	اسد جمال پلي	٢١
٧– سر گهاتو جو مطالعو	ڊاڪٽر نعيم تقوي	٢٦
٨– شاه لطيف جي تمثيل نگاري	مولانا غلام مصطفيٰ دادوي	٣٠
٩– سر گهاتو	ڊاڪٽر تنوير عباسي	٣٤
١٠– سر گهاتو جو مطالعو	پروفيسر زيب ڀٽي	٣٩
١١– گهاتو گهر نہ آئيا	رحيم بخش قمر	٤٣
١٢– ادن ڪٿي اوير	جوهر بروهي	٥٢
١٣– سر گهاتو جي ڊرامائي تشڪيل	پروفيسر غلام رسول بلوچ	٥٧
١٤– سر گهاتو جو مقصد	اسدالله شاه بخاري	٦٨

٢– شاه جي ڪلام ۾ آخرت ۽ دنيا لاءِ جامعيت

١٥– شاه صاحب جي ڪلام ۾ دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت	پروفيسر مير محمد پيو	٧٣

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

١٦- شاهه جي دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت	امداد علي سرائي	٨٣
١٧- شاهه صاحب جي دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت	الهڏنو سومرو	٩١
١٨- شاهه لطيف جي دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت	مولوي عبداللطيف	
١٩- لطيف سائين جي دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت	مير محمد مقبول سومرو	١٠٢

٣- موجوده دور ۾ شاهه جي اهميت

٢٠- موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت	محمد حسين ڪاشف	١٠٦
٢١- موجوده دور ۾ شاهه جي اهميت	نصرت حسين ابڙو	١٢٠
٢٢- شاهه جي موجوده دور ۾ ضرورت	سميع نوشهروي	١٢٤
٢٣- موجوده دور ۾ شاهه جي اهميت	محمد خان مجيدي	١٢٨
٢٤- موجوده زماني ۾ شاهه جي اهميت	حافظ غلام قادر چنه	١٣٧
٢٥- ڪوڙئين ڪن سلام	نذير ناز	١٤٣
٢٦- موجوده دور ۾ شاهه جي اهميت	نعيم الله قريشي	١٤٧

٤- مقالا

٢٧- ايلا- ڪردار جي آئيني ۾	پروفيسر مير محمد پيرو	١٥٠

Scanned with CamScanner

٢٨- ديدار لطيف	محمد رمضان پٺاڻ	١٦٠
٢٩- شاه جي رسالي جي موضوع وار ترتيب	يارمحمد شاه	١٦٥
٣٠- سر سارنگ جو جائزو	شمس‌الدين عرساڻي	١٤٦
٣١- گواهي لطيف جي (شعر)	موج لغاري	١٨٩
٣٢- نذرانہ عقيدت (شعر)	نصيرمحمد منصور	١٩١

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيش لفظ

سنڌ جي سدا حيات شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ٢٤٣ عرس شريف جي موقعي تي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان ڇپايل هي ڪتاب ”سر گهاتو“ گذريل سال ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيل عالمانه مقالن جو مجموعو آهي جن کي بارگاهه لطيف ۾ نذرانئہ عقيدت طور پيش ڪندي خوشي به ٿئي ٿي ۽ اهو احساس به ٿئي ٿو:

اڳهين ڪائو ڪچ، نه ته ماڻڪن موٽ ٿي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي انهن انسانن ۽ برگزيده شخصيتن مان هڪ آهي جنهن جي ڪلام توڙي پيغام جي هاڪ جڳ اندر مشهور آهي.

شاهه صاحب جي سالانه عرس جي موقعي تي هر سال ادبي ڪانفرنس ٿيندي رهي ٿي ۽ هي روايت ١٩٥٠ کان شروع آهي جيڪا اڄ تائين جاري آهي.

ادبي ڪانفرنس ميلي جي تقريبات جو هڪ اهم حصو آهي، جنهن ۾ هر سال سنڌ جا ناميارا اديب، عالم ۽ دانشور اچي شريڪ ٿيندا آهن. اهو صحيح آهي ته ادبي ڪانفرنس ۾ پوري سنڌ جي اديبن جي نمائندگي هوندي آهي پر مون کي اهو چوڻ ڏنو وڃي ته ادبي ڪانفرنس ۾ پيش ٿيندڙ تحريرون شاهه سائين کي اڃا اتي ئي بيهاري بيٺيون آهن جتان شاهه جي ڪلام تي کوجنا جي شروعات ڪئي وئي هئي، شاهه اسلن کان تحقيق جو اهو معيار اهڙي جيڪو عالمانه، مدلل ۽ اثرائتو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن جي ڀوري ريت همت افزائي ٿيندي رهي آهي، شاهه صاحب جي ڪلام تي ريسرچ ڪندڙن جي همت افزائي لاءِ گذريل سال ١٠ هزار رپين جي ايوارڊ جو اعلان ڪيو ويو هو ۽ هن سال پڻ انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندي ٣ مقالن تي هڪ - هڪ هزار روپيه انعام ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڀٽ شاهه ۾ شاندار لائبريري، ميوزم، هاسٽل، سياحن لاءِ موٽيل جو قيام اهي سڀ سهولتون انهيءَ لاءِ آهن ته جيئن سنڌ جو اديب تحقيقي ڪم جي سلسلي ۾ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏي ۽ رڳو لطيف سائين جي ميلي کي نظر ۾ نه رکي پر وڏيڪ وقت جي به قرباني ڏئي، جيئن ادبي ڪم جي رفتار کي به تيز ڪري سگهجي.

لطيف سنڌ آهي ۽ سنڌ لطيف آهي. اهو صرف نعرو نه پر اسان جو ايمان پڻ آهي مگر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته اسان کي پنهنجن بزرگن ۽ مشاهيرن سان صرف لفظي طرح سان محبت آهي.

لطيف جو پيغام انهيءَ لاءِ نه آهي ته اسين سنڌس ڏهاڙي، سنڌس عرس، سنڌس ميلي ۽ سنڌس ڪلاچ جو به لحاظ نه رکون. اها روش اسان جي وطن دوستي کي ڌڪ هڻي ٿي ۽ اهو عام تاثر پيدا ڪري ٿي ته ڇا اسان وٽ پنهنجن هٿرادو جذبن کي تسڪين پهچائڻ لاءِ رڳو شاهه صاحب جو عرس ئي باقي وڃي بچيو آهي- ڇا لطيف سائين جي هن بيت:

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو
تن جي عبداللطيف ڇئي مٽيءَ لَڌو مان
ڪوڙئين ڪن سلام اچيو آسڻ ان سندي

جي تشريح اها ئي آهي جيڪا اسان ڪجهه سالن کان ڏسندا پيا اچون؟ ڇا لطيف سائين جي بارگاهه ۾ عقيدت جا گل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيش ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته لطيف جي اڱڻ تي آيل مهمانن جي نه عزت ڪئي وڃي ۽ نه کين مان ڏنو وڃي.

اسان جي اديبن، دانشورن تي اها به ذمہ داري عايد ٿئي ٿي ته هو هن طرف به پنهنجي قلم ۽ صلاحيتن کي استعمال ڪن. ادبي ڪانفرنس ۾ اڳي هر سال هڪ سُر جو موضوع رکيو ويندو هو مگر گذريل سال کان اديبن ۽ دانشورن جي لاءِ وڏيڪ موضوع رکيا ويا آهن. جيئن شاهه صاحب جي همہ گيريت جي متعلق ڪي علمي ۽ معياري تحريرون وجود ۾ اچن. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جيڪا زبان استعمال ڪئي آهي ان تي به ريسرچ ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ دانشورن تي اها به ذمہ داري عايد ٿئي ٿي ته هو ڏسن ته جيڪي نوان بيت شاهه صاحب جي نالي منسوب ڪيا وڃن ٿا انهن جي علمي حيثيت ڇا آهي!!

سنڌ جي اديبن جي دشوارين جو حڪومت کي چڱي ريت احساس آهي انڪري اهو ضروري ڄاڻو ويو ته عالمن ۽ اديبن کي سڏ ڏجي ته هو ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان مهيا ڪيل سهولتن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن. مون کي اميد آهي ته وقت جي آواز کي غور سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ دل جي گهراين مان نڪتل هنن گذارشن تي سنجيدگي سان غور ڪيو ويندو، جيئن اسان اڳتي هلي پاڻ کي شاهه صاحب جي صحيح عقيدت مندن ۽ پانڌيئڙن ۾ شامل ڪري سگهون. ڇو ته:

مٿان ڇٽي بلوچ، ڪميٽي مان ڪين ٿيو

انهن نه ٿئي جو اينڌڙ نسل اسان جي عالمن، دانشورن تي اها معيار رکي. ته انهن کان ڪجهه به نه ٿيو ۽ هو شاهه صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ڪو مستند رسالو به پيش ڪري نه سگهيا. مون کي اميد آهي ته هي گذارشون ۽ هي عرض احوال اسان جي سنڌ جي باشعور ۽ صحيح قومي درد رکندڙن جي دلين کي ضرور جنجهوڙيندو ۽ کين وقت جي رفتار سان گڏ هلڻ جي تلقين ڪندو.

مخلص
علي محمد جي. شيخ
ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن
۽
چيئرمين ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرتب طرفان ٻه اکر

”سر ليلا چنيسر“ جي ڇپجڻ کان پوءِ ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته انهيءَ سلسلي کي برقرار رکجي، ڇاڪاڻ ته هنن تحقيقي مضمونن جي ڇپجڻ سان شاه لطيف ادبي ڪانفرنس جو چئڻ ته هڪ نئون باب کليو هو. جهڙي ريت هيٺين حال سان ادبي ڪانفرنس جو سلسلو قائم رکيو پئي ويو آهي، مجبورن ٽا ته اهو شاه سائين جي پد سارو نه آهي، پر اهو چوڻ ته ڪي به ناهي درست نه ٿيندو. ادبي ڪانفرنس ۾ سالن کان اديب پنهنجي حال سارو، نور نچوئي ڪاڳر ميڙي اچيو حاضر ٿين. سندن خلوص محبت ۽ عقيدت ان مان ظاهر آهي ته هو نه ڏسن پناه کي نه ڏسن وقت کي، پنهنجا ڏينهن سيڙايو لطيف جي عاشقن ۾ پاڻ ڳڻايو وڃن. لطيف جي ماڳ تي ڪئين ئي ورهيه هي ادبي ڪانفرنس جو ميڙو متل رهيو آهي جنهن لاءِ ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز يا ان کان اڳ قائم ڪيل يادگار ڪاميٽيون انهيءَ ريت کي نڀائڻ ۾ وڏا وس ڪنديون رهيون آهن ۽ سنڌ جي اديب به ان جو سڏ وک وڌي ڪري پيا ڀريو آهي.

مان ان ڳالهه کان انڪاري نه آهيان ته شاه سائين جي ڪلام جي سلسلي ۾ جيڪي ڪم ٿيڻ کپندو هو يا تحقيق جا نوان رخ ڳولڻ کپندا هئا اهو حصو ڪافي رهيل آهي. ڀٽ شاه ثقافت مرڪز، ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين ادارن شاه صاحب جي ڪلام کي اڀلائڻ ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوششون ورتيون آهن. ڪيترا ئي انعام ڏيڻ ۽ ڪتابن ڇپائڻ جا اهتمام ڪيا ويا آهن پر شاه شناسي جو ڪم اڃا اڌوگابرو آهي.

منهنجي نظر ۾ خاص طرح شاه صاحب سان نه صرف سنڌ جڙ ماڻهو پر سنڌي اديب جيتري قدر عقيدت رکي ٿو اها آئليپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. سنڌ جـي اديب ۽ مفڪر ڪـي جڏهن به شاه جـي فڪر ۽ خيال تـي ڪم ڪرڻ لاءِ چيو ويو آهي ته اهو انهي ڪيو آهـي. سوال آهـي اصلي Original ڪم ۽ تحقيق جي نون پيچرن ۽ پنڌ جي ڄاڻ جو. ڇا اسانجي محققن يا ادارن اهڙا سيل يا تحقيق جا مرڪز قائم ڪيا آهن جت سنڌي اديب رهبري حاصل ڪري خاص طرح شاه شناسي جي سلسلي ۾ ڪجهه اڳيرو ٿئي؟ ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ۽ ڪلچر ڊپارٽمينٽ جيئن ته شاه تي ٺيل ڪم ۽ ڄاڪوڙ ۾ هميشه اڳيرو رهيو آهي تنهن ڪري ئي انهيءَ سلسلي ۾ وڪ وڌائي پوندي. ڀٽ تي موجود ثقافتي مرڪز کي تحقيقي مرڪز ناهڻ يا ٻئي هنڌ اهڙيون لائبريريون، مرڪز، ڄاڻو ۽ پارکو مهيا ڪرڻا پوندا جيڪي شاه جي ڪلام تي تحقيق جا نـوان در کولين، ڏس ڏين، سونهون ڪن ۽ روايتي اپٽار کان وڌي ڪيس اڃا به وڌيڪ "آشڪار" ڪن جيئن سندس ڪلام جيڪو سڄي عالم لاءِ آهي، سو "عالم آشڪار" بڻجي.

هن دفعي ڀٽ ڌڻي تي ٿيل ادبي ڪانفرنس اڃا به وڌيڪ شاندار ٿي هئي جنهن ۾ چاليهه کن اديبن مقالا پڙهيا ۽ سر هيو گهاتو. پر هن سال ادبي ڪاميٽي جي سرواڻ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب تحقيق جي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي به نوان موضوع ڏنا ته جيئن روايت به قائم رهي ته ان سان گڏ تحقيق جـا نوان ورق به ورن. نوان موضوع هيا:

(۱) شاه لطيف جي ڪلام ۾ دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت.

(۲) موجوده دور ۾ شاه لطيف جي اهميت.

هن سال جهڙي نموني ۾ اديبن ۾ لطيف سائين جـي آڳهه تياچڻ جو شوق ۽ جذبو ڏسڻ ۾ آيو سو همتائيندڙ هو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اديب هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا هيا جن جو تعداد به سو کن هو. ڪانفرنس جي صدارت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هنن مضمونن کي جهڙي نموني سان گڏ ڪري ڇپائي ڇپائي اوهان آڏو پيش ڪيو پيو وڃي ان لاءِ حقيقت ۾ جس لهڻي پيٽ شاه ثقافتي مرڪز جي چيئرمن محترم علي محمد شيخ صاحب جن، هن ادبي ڪانفرنس ۽ هن ڪتابي سلسلي کي نئين سر دگ لائڻ ۾ شيخ صاحب وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سندس شاه سائين جي درگاه، ثقافتي مرڪز، تحقيقي مرڪز، شاه جو باغ، ۽ اشاعتي سلسلي ۾ ڪيل محنتون ثاب پيون آهن ۽ هاڻ پيٽ ڌڻي جي در اچڻ وارو مطمئن ٿيو وڃي ته لطيف کي ڪنهن وساريو ڪونهي. انهيءَ محنت ۽ جاکوڙ ۾ شيخ صاحب سان گڏ محترم حميد آخوند جو ساٿ پڻ آهي. محترم حميد صاحب نه صرف مرڪز جو سيڪريٽري آهي پر هاڻ ثقافت کاتي جو به سيڪريٽري آهي، اسانکي اڃان به ڪانئس وڏي اميد آهي ۽ وڏي ساٿ جو آسرو آهي.

مان سائين غلام مصطفيٰ قاسمي، سائين ايڇ. ايم. کوڙو جو پڻ ٿورائتو آهيان جن ادبي ڪانفرنس ۽ هن ڪتابي سلسلي کي جوڙڻ ۾ پنهنجي وقت سر ساٿ ڏنو آهي. ٿورا انهن سڀني اديبن جا جن ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، مقالا پڙهيا ۽ اسانجي سڏ کي مان ڏنو. اميد اٿم ته آئنده به پيرو نه پڇندا، ڇاڪاڻ ته شاه جي پيغام کي سڀني ڏانئين پهچائڻ جو ذمو ۽ جوابداري سنڌ جي اديبن محققن ۽ مفڪرن تي آهي، اسين اهڙين گڏجاڻين ۽ ڪتابن ڇپائڻ جو اهتمام هڪ ڪارڪن وانگر، هڪ لطيف جي پانڌيئڙي وانگر ڪندا رهنداسين. شال اسانجيون ڪوششون ثاب پون ۽ لطيف جو نانءُ اڃان به روشن ۽ روشن رهي.

مرتب:
حميد سنڌي
ڪنوينر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد اسماعيل شيخ

سرگهاتو

رسالي جي هن سُر ۾ مکيه ڪردار ”گهاتو“ آهن، جيڪي سنڌ جي ڏاکڻي سامونڊي ڪناري تي، ڪلاچي ۾ رهندا هئا. سمنڊ اُنهن جي ڪيتي هو، جنهن تي سندن جياپي جو مدار هو. رسالي ۾ گهاتن جون وصفون هن طرح بيان ڪيون ويون آهن: اهي سمنڊ جي ويرن ۽ وهڪرن جا چاڙُو هئا، مندن ۽ موسمن جا پارکو، اونهن اوڙاهن جا تارو، ۽ قهري ڪُنن جا فاتح هئا. ٻيڙيون هاڪاري، مڇي مارڻ سندن مشغلو هو. نه رڳو سکيا ستابا هئا، پر پنهنجي راڄ ۽ قبيلي جا اڳواڻ، ۽ انهن جي پرگهور لهندڙ به هئا. طوفاني لهرين ۾ تڙ ڳڻ ۽ ساموندي آفتن سان مقابلو ڪري انهن کي ماري مات ڪرڻ سندن لاءِ چِڻ ته راند هئي. انهن جون اهي ئي وصفون هيون جن جي ڪري پنهنجي ڪڙم قبيلي ۽ راڄ ڀاڳ ۾ هر دلعزيز هئا.

پر جڏهن ڪلاچي جي ڪُن تي ڪنهن وڏي مانگرمڇ اچي مارو ڪيو، تڏهن ملاحن جو سمنڊ ۾ ٻيڙين هاڪارڻ جو سلسلو بند ٿي ويو. مڇ جو مارو ڪُن تائين محدود نه هو، پر آسپاس وارين چاڙُن ۽ چِڇن ۾ به سندس حملا ٿيڻ لڳا. ملاحن جو روزگار بند ٿي ويو، سمنڊ ۾ سندن آزاديءَ سان اچ وڃ به ختم ٿي وئي. ملاحن تي ڏکيا ڏينهن اچي ويا. اهڙي وقت ۾ سوڙهيه گهاتن، مڇ سان مقابلي جو ارادو ڪيو.

وڏڙن ۽ آزمودگار ملاحن، گهاتن کي مشورو ڏنو ته اوهين جيڪي تياريون ڪري مڇ سان مقابلي لاءِ سنبريا آهيو، سي ناڪافي آهن. ڇو ته:

”ايئن نه مرن مڇ، جيئن جُهگا ٻانيو جهول ۾.“

پر گهاتن، جن کي پنهنجي طاقت تي ناز هو، يا جن تي پنهنجي ڪٽنب قبيلي جي ڪفالت جو بار هو، تن مڇ کي مارڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي سمنڊ حوالي ڪيو. اهائي سورهين جي صفت آهي ته ساهه جو سانگو نه ڪن.

شايد ايڏي وڏي مڇ سان مقابلي جو ڪين نه آزمودو هو، ۽ نڪي ان آفت جي طاقت جو اندازو هو، انهي ڪري مڇ ڪين ماري پنهنجو قوت ڪري ڇڏيو، ۽ سندن ڪي ٻه صلاحيتون ڪم نه آيون.

ڪلهه اڳيان گهاتو ويا، گهوري نه چائن،
سا پر نه سکئا، جنهن پر مڇ مرن.
گهگهرئا گهڻ جاڻ، موڙهي مت مهائين،
وڃا گنڊجي ويڙ ۾ پسا منهن مهراڻ
اڳيان پوئيان تاڻ، وڃا ويچارن وسري.

سر گهاتو ۾ آيل بيتن ۽ مضمون، توڙي بيان ڪيل پس منظر جي روشني ۾ لفظ ”گهاتو“ جي معنيٰ کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ٿي ته گهات ۾ ويهندڙ، شڪار جي گهات ڪندڙ. دشمن جي گهات ۾ ويٺل- ۽ شڪاري- پر جيئن ته سڄي رسالي ۾ فقط هن سُر ۾ لفظ گهاتو ڪم آيو آهي، تنهن ڪري اهو لفظ سامونڊي شڪاري لاءِ چٽ ته مخصوص آهي. غوطي خوري به انهن شڪارين جي زندگي لاءِ ضروري آهي، تنهن ڪري گهاتو جي معنيٰ گهوتا هڻندڙ، غوطي خور يا ٽوٻير به چئي سگهجي ٿي. هن سر بابت مشهور عوامي روايت ”مورڙي ۽ مڇ“ واري قصي جي مشهور ڪردار ”مورڙي“ کي به گهاتو نه چيو ويو آهي، جاڪاڻ ته اهو جسماني معزوري سبب پاڻي کان بلڪل پري هو.

جيتوڻيڪ مڇ جي مارجڻ جا اشارا رسالي جي ڪن بيتن ۾ موجود آهن ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

متو آهين مڇ، ٿلها ٿو ٿونا هڻين
ٿو جا پائڻي اڇ، تنهن پاڻي پنا ڏينهڙا

گهوريندي گهور پيا، اگهور گهوريائون
مانگر مارياؤن، ملاحن منهن سنرا.

ليڪن ان جو تفصيل اسان کي "موررڙي - مانگر مڇ" واري قصي مان ملي ٿو. موررڙو، گهاتن جو پاءُ، پر جسماني طور ڪمزور ۽ معذور، پائرن جي ڪٽئي تي پلجندڙ، نڪمائي سبب گهر ۽ لوڪ جي طعنن مهڻن جو شڪار، جيڪو گهر ڇڏي پنهنجي ذهانت سان پرگهروچي آسودو ٿيو هو. پائرن جي مارجڻ ۽ قبيلي جي بيوسيءَ جي خبر سندس غيرت کي للڪاريو، تڏهن پنهنجن پائرن جي ويري مڇ کان انتقام وٺڻ جو پهه ڪيائين. اهائي غيرت فردن ۽ قومن جو قيمتي ورثو آهي. جيڪي به فرد ۽ قومون وير وٺڻ واري جذبي کان محروم رهيون، اهي تباهي کي پهتا ۽ تاريخ جي دفتر ۾ سندن نالو نشان به نه رهيو. ائين چئجي ته وير وٺڻ زندگي جي علامت آهي. عين دين به اهو آهي ته ايمان به اهو. خود اسلامي تاريخ به اهڙن مثالن سان ڀرپور آهي. تنهنڪري هن داستان ۾ به موررڙي جو ڪردار جڻ ته زندگي جي علامت بڻجي ابري ٿو. پر چوندا آهن ته "پلاند پراڻو ٿئي ئي ڪونه" سو موررڙي به جوش جي بجاءِ هوش کان ڪم وٺي هڪ طرف سمنڊ ۾ ماڏار اچڻ جو انتظار ڪيو ته ٻئي طرف مڇ کي مارڻ جا وسائل گڏ ڪرڻ شروع ڪيا. جڏهن اها منڊ پرجي آئي آهي، تڏهن للڪاريائين ته:

متو آهين مڇ، ننهن سو ٿونا هڻين
ٿو جا پائين اڇ، تنهن پاڻي پنا ڏينهڙا

اهو بيت ڪن رسالن ۾ هن طرح به آيل آهي ته:

ٿلهو ٿيو ٿونا هڻين، متو آهين مڇ
باب تنهنجي رڇ، لکيا لوح نلم ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن بيت ۾ مڇ جي خوني ڪارنامن جو نتيجو ظاهر
آهي ته ڪيس نيٺ ملاحن جي رڇن ۾ ڦاسي سزا ڀوڳڻي آهي.
جئن تون هڏ نه موٽيو ڀلو ڀلو مڇ
جا تو ڏني اڄ، تنهن پاڻي پنا ڏينهڙا.
مڇ جي موت جو جيڪو مورڙي چار پکيڙيو، ان مڇ
جو انت هن طرح آندو:
تان تون مڇ نه موٽئو، جان جر هئڙو سهر
آڏا هٽي ڪيرِ، گهٽ ٻڌي جهليئي گهاتئين
آخرڪار مڇ ماري، ملاح سرخرو ٿيا:
گهوريندي گهور ٻيا، اڳهور گهورياٺون
مانگر مارياٺون، ملاحن منهن سنرا.

لطيف سائين، نه فقط مانگر مڇ لاءِ، پر اهڙن ڪردارن
جي خلاف غم ۽ غصي جو اظهار ڪيو آهي. مثال طور
ماري مرين شال، ڏيهه وڃنئي ڏيهون
جا ڳهو جاڙيجا، لاکو تو لوڙهيون هٽي

اڄ گهرجين آءُ، پڌاماڻي پنڌرا
لوڙهيون لڪ مٿاءِ، ويرين واتون لائيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

سرگهاتو — هڪ جدوجهد

جدوجهد انساني عمل جو معراج آهي. عمل ۽ جدوجهد کانسواءِ انسان جي ڪا وقعت نٿي رهي. اعليٰ شاعرن به جدوجهد ۽ عمل پيهم جو سبق پئي ڏنو آهي. ڪڏهن واضح ۽ سڌن لفظن ۾، ۽ ڪڏهن تمثيل ۽ علامت جي اوٽ ۾ ۽ رمزن ۾ لڪائي. دل جي ڳالهه چوڻ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ بي مثل شاعر آهي، جنهن جي خيالي اڏام آهي، اُتي اڪثر ماڻهن جو ته ڌيان ئي ڪونه ويندو آهي. شاهه صاحب جو رسالو سڄو ئي اهڙين رمزن ۽ اشارن سان ڀرپور ۽ علامت نگاريءَ جي اوٽ ۾ مقصد جي موتين سان ڀريل آهي.

هتي 'سر گهاتو' ۾ جيڪا رمز رکيل آهي، ان جي تهه تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. سنڌي شاعريءَ جي روايت ۾ هن سر جا بيت شاهه صاحب کان گهڻو آڳاٽا آهن، پر وکريل موتي آهن. انهن مان واضح طور ڳالهه جو پورو سلسلو اڳيان نٿو اچي. گهاتو اصل سنسڪرت بنياد جي لفظ 'گهاتڪ' مان نڪتل آهي، جنهن جون مختلف حيثيتن ۾ ڪيتريون معنائون آهن، پر شاهه صاحب 'مڇي مارينڌڙ' جو مفهوم ورتو آهي. لاڙ ۾ ميربحر کي "گهاتو" چئبو آهي پر تڏهن جڏهن هو ڏنڊ ۾ انهيءَ مقصد لاءِ تيار بيٺو هجي.

سنڌي شاعريءَ ۾ هي مفهوم يقينا ڪافي قديم آهن، ان جي تاريخي حيثيت کي ڇڏي، کان قطع نظر رکو شعرن ۾ تلاش ڪجي ته ڪيترائي آڳاٽا شعر ملندا.

هي داستان يارهين صدي عيسويءَ ۾ آسريو (۱). هن

سلسلي ۾ جيڪي تفصيلي منظوم روايتون ملن ٿيون تن ۾ امين يا امين ڪٽي شاعر جا بيت آهن (٢)، جيڪي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي مرتب ڪيل ڪتاب ’مورڙو ۽ مانگر مڇ‘ ۾ ڏنا آهن (٣). شاعريءَ جي روايت ۾ ٻه ڪيترن قديم شاعرن جي ڪلام ۾ گهاتوءَ جو مضمون آيو آهي ۽ اُهي امين کان گهڻو آڳاٽا آهن. اهڙن بيتن ۾ خاص طور تذڪره قطبيه ۾ محفوظ بيت اچي ٿو. مذڪوره ڪتاب جي حوالي سان ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته:-

”هڪ ڏينهن ٻيءا بزرگ ۽ مصنف (شيخ علي) قطب العالم شيخ (عبدالجليل) چوهڙ جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ته اتي سماع جون پوريون تياريون هيون. پوءِ جڏهن ئي مجلس شروع ٿي ته سنڌي ذاڪرن هي ڏوهيڙو ڏنو:-

”جو گهڙي سو نئي، ڪو جو قهر ڪلاچ ۾،
خبر ڪونه ڏئي، ته رڇ ڪڄاڙيا رنڊيا.“ (٤)

هي بيت سر جي بنيادي نڪتي جي وضاحت ڪري ٿو. انهيءَ بيت ڪانسواءِ 16-17 صديءَ جي مقبول شاعرن جي ڪلام ۾ به گهاتوءَ جا بيت آهن. شاه صاحب کان اڳ جي شاعرن ۾ قاضي قادن (1463-1551) جي ڪلام ۾ هڪ بيت مليو آهي، جنهن ۾ لفظ ’گهاتوئڙن‘ ڪم آيو آهي (٥). هيري ٺڪر بيت مان سهٽيءَ جي معني ورتي آهي. اهڙا سهٽي، ساموندي ۽ سري راڳ جي سرن سان ٺهڪندڙ بيت لطف الله قادري جي ڪلام ۾ به آهن ۽ شاه عنايت جي رسالي ۾ هي سر ڪونهي. جنهن شاعر جي ڪلام ۾ سر سنمبل مثل نهي راس ٿيو، سو شاه عبدالڪريم (1538-1623) بلڙيءَ وارو هو. سندس رسالي ۾ ڪل ڇهه بيت آهن (٦). هنن بيتن ۾ واضح طور آهو ذخيره الفاظ آهي، جيڪو ’شاه جي رسالي‘ ۾ آيو. ٻين ڪيترن ئي ننڍن وڏن شاعرن سر گهاتوءَ تي طبع آزمائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي (٧). شاهه شريف، صادق فقير، خوش خير محمد ۽ ٻين جو ڪلام انهيءَ سلسلي ۾ نشانبر آهي (8).

سر جو بنيادي مضمون ويريءَ سان ويڙهه ڪرڻ سان واسطو رکي ٿو. ظاهري مضمون جي به پنهنجي اهميت آهي ۽ معاشي توڙي سماجي لحاظ کان تمام اهم آهي. مڇي مارڻ ۽ ان تي گذران جو دار ومدار هجڻ. مڇيءَ جي واپار جو ذڪر خاص طور ايٽڪن جي گزيٽيئر ۽ ڊاڪٽر سورلي جي ڪتاب 'شاهه عبداللطيف آف ڀٽ' ۾ اچي ٿو. واسطيدار محقق ان جو جائزو وٺي سگهن ٿا. سنڌ جي ڪاري ۽ مٺي پاڻيءَ ۾ مڇين ۽ پلن جا قسم به ڪيترائي آهن ۽ انهن جي شڪار جا طريقا به مختلف آهن (9). سماج ۾ جيڪا هڪ ننڍي گروه جي اهميت ٿئي ٿي، ان لحاظ کان ميربحرن جو پنهنجو درجو آهي. ان سلسلي ۾ اعليٰ شاعرن انهن جي اهميت جتائڻ لاءِ قصي جي بنيادي نقطن کي کنيو آهي ۽ عام شاعرن ۽ سگهڙن ته تفصيلي قصو ڪٿي ان ۾ گهڻا گل ٻوٽا رکيا آهن. مورڙي جي بيان کي به سنڌس ڏاڏي کان وٺي بيان ڪيو اٿن ۽ هر ڳالهه جو هر پهلو بيان ڪندا ويڙهه جي آخري منظر تي پهچن ٿا. مورڙي جي داستان کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تاليف 'مورڙو ميربحر ۽ مانگر مڇ' ۾ مڪمل طور سيني ڏسائڻ ۽ اهڃاڻن سميت بيان ڪيو آهي. هن وقت اڳ داستان جو اختصار بيان ڪري پوءِ شاهه صاحب جي ورتل مقصد تي اچان ٿو. روايتن جي بنياد تي معلوم ٿيو آهي ته :-

”راجا دلوراءِ جي زماني ۾ سون مياڻيءَ ۾ اوڀايو نالي مهاڻو رهندو هو، جنهن کي ست پٽ هئا. انهن ۾ مورڙو پير کان منڊو هو. ٻيا ڀائر مڇيءَ جي شڪار تي ويندا هئا ۽ هي پنيان گهر جي سار سنڀار لهندو هو، پر ڀاڄاين جي مهڻن ڪٽي ڇڏيس. هڪ ڀيري ڀائر گهور تي ويا ته سج لهي ويو پر موٽيا ڪونه. نيٺ مورڙو خبرچار وٺڻ لاءِ نڪتو ۽ معلوم ٿيو ته

ڪولاچيءَ جي ڪُن ۾ جيڪو مانگر مڇ هو، تنهن جو ڪاج ٽي ويا. مورڙو انتقام جي باهه ۾ جلڻ لڳو ۽ هڪڙي ڪل تيار ڪرايائين، جيڪو هڪ پڃرو هو، جنهن کي ٻاهران ڪنڍا ۽ ڪل لڳل هئا، هر هڪ ڪنڍي ۾ رسو ٻڌل هو. اهي رسا ڀاڇارين سان ٻڌل هئا. مورڙو ان ۾ ٿي ويٺو ۽ چيائين تہ جڏهن آءٌ رسا لوڏيان تہ ڏيڻ کي ڪاهجو تہ پڃري کي ڇڪي ٻاهر ڪڍن. پڃرو لاٿائون. مانگر مڇ جيئن ان کي ڳيهڻ جي تياري ڪئي، تيئن ڪل ڳلاڦن ۾ ڪپي ويس. ڏيڻ ۽ سانن کي هڪليائون ۽ پڃرو ٻاهر ڇڪجي آيو. پوءِ تہ ٻري تي ٻچ ٿي ويئي. مورڙو سلامت ٻاهر نڪري آيو. مانگر مڇ کي چيري ڦاڙي لاش ڪڍيائون (10).

هي داستان ڪو خيالي داستان ڪونهي. هن تي عالم ڳوجها ڪندا آيا آهن ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب مورڙي جي اولاد جو پتو لڳائيندي ظاهر ڪيو آهي تہ: ”مورڙي جو اولاد ڪراچي، شمس جو ڳوٺ، بابا ۽ ڀٽ ٻيٽن ۽ ابراهيم حيدري بستين ۾ رهي ٿو- جن مان تي پاڙا ڪلاچيءَ وارا، لاڙا ۽ بندري مورڙي پوٽا مشهور آهن (11).

هن داستان ۾ انساني عزم ۽ بهادريءَ جي هڪ عظيم علامت سمايل آهي. هي داستان اسان کي هڪ اپاهج انسان جي حوصلي بابت گهڻو ڪجهہ سيکاري ٿو. شاه صاحب کان اڳ جي شاعرن ۽ شاه صاحب ۾ فرق هي آهي تہ شاه صاحب پنهنجي منفرد انداز سان هن داستان مان بہ هڪ سبق ورتو آهي- ويهي عام قصي گو وانگر ڏگهو بيان نہ ڪنيو اٿس.

رسالي ۾ سر گهاتوءَ ۾ هڪ ئي داستان ۽ ان ۾ ڪل 17 بيت ۽ هڪ وائي آهي، هن ٿورڙي ڪلام ۾ شاه صاحب سر جي بنيادي نقطي ۽ ان جي فلسفي تي ايترو واضح طور گفتگو ڪئي آهي، جيتري ڪنهن ضخيم ڪتاب ۾ مس ڪري سگهجي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب گھاتوءَ جي مڇي مارينڙ جو هڪڙو تاثر ڏنو آهي. گهور ڪرڻ ۽ عميق ڏي هليو وڃڻ ۾ همت کپي ٿي ۽ جيڪو پنهنجي مهم ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، تنهن جي خوشيءَ جي ڪا حد نه آهي:-

گهورينديُ گهور پيا، اگهور گهوريائون،
ميڪر مارياءون، ملاحن منهن سزا.

جن وٽ ڪجهه نه آهي ۽ اڌارو آٽي ڪني چاڙهڻ ۾ ڪيتري هيڻاهين ڏسڻي پوي ٿي، ان جو شاهه صاحب پورو عڪس ڪڍيو آهي:

مون اڌاريا مڇڙا، الله گهاتو آڻ،
ميان مدارن سين، مونکي قادر وجهه م ڪاڻ،
هٿ منهنجي هاڻ، قدر لٿو جن ري.

مورڙي جا پائر مڇ جي مقابلي لاءِ نه ويا هئا. هو گذران خاطر گهور ڪرڻ ويا هئا. آهي چڳير جڏهن پالا ڪٽي ويا، پر ويل ٿري ويئيءَ هو نه وريا ته پويان فڪرمندي ٿي-

ڪالهه ڪلاچيءَ ويا، چتيون ڪٽي چڳير،
پائرن پيرو نه ڪيو، ادن ڪئي اوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪن ورائي جهلي.

شاهه صاحب درد ۽ رقت جي ماحول جي منظر نگاري نهايت ئي دل پڄائيندڙ ڪئي آهي. گهاتو گهر نه موٽيا پر منظر ڇا هو؟ فرمائي ٿو-

ماڪ پڄاين مولهيا، ستان رات پئي،
اوليون اجهڻ لڳيون، ويا ونجهه وهي،
ڪلاچيان ڪهي، ڪڏهن ڪونه آئيو.

گهاتوئن ڪان پوءِ بازار جي ڪهڙي ابتر حالت آهي، تنهن جو عڪس ڏسڻ وٽان آهي-؟

نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرن جي، اڳي هئي الٽ،
سي پڙ پسيو پٽ، ماڙهو وڃن موٽيو.

مورڙي جا پاڻر نه صحتمند ۽ سياڻا هئا، هو قوت، گذران لاءِ گهيڙ تي ويا ۽ وڃي ويريءَ جي ور چڙهيا. ان نڪتي تي شاه صاحب پنهنجو رايو ڏيندي اشارتا چئي چڪو آهي ته "فتح گهڻي چاڻ ۽ ظاهري قوت تي منحصر نه آهي، بلڪ عزم سان ملي ٿي:-

گهنگهريا گهڻ چاڻ، سوڙهي ست سهائين،
ويا گڏجي ويس ۾، پيا منهن مهراڻ،
اگهيان پويان ٿاڻ، ويا ويچارن وسري.

مورڙو ته هڪ ٻالو ٻولو ۽ منڊو شخص هو. هن جي پنهنجي ست ۾ ڪا سڃاڻ تي نه هئي. ڪيس ڪنهن اهميت ئي نٿي ڏني. هن جي اندر ۾ ڀائين جي سهڻ جا ڦٽ ۽ طعنن جا ناسور هئا، پر اچ هو جو ڪر موڙي اٿيو ته هن جو دشمن هن کان لڪل نه رهيو. مورڙو پوري قوت سان حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ هن جيڪو انتظام ڪيو، ان کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪيائين. اهو انساني عزم جو هڪ جيئرو جاڳندو تقليد ڪرڻ جهڙو مثال آهي. سر جي آخر ۾ آيل ڏائي مشهور وائي آهي، جيڪو مورڙي جي واتان شاه صاحب بيان ڪيو آهي:-

جيڪس جهليا مڇ، گهاتو گهر نه آئيا،
ڪاهي وڃو ناڪئا، ڪريو ٻري تي ٻچ،
ڪاٿي سندن ڪنڌيون، ڪاٿي سندن رچ،
ڪن ڪڙڪو ڏاڍو، اٿو اگهيان اچ،
اديون عبداللطيف چئي، سڀ لنگهيندا لڄ.

ظاهري معنيٰ اهائي آهي جنهن جو مٿي مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي. تمثيل ڏسجي ته ان ۾ انسان جون خواهشون ٻ، اندر ۾ ويٺل هڪ مانگر مڇ مثل آهن، جن کي همت سان قابو پائي قربانيءَ جو ثبوت ڏيڻو آهي. مايا جي موه ۾ پاڻ وڃي ڪي ايئن مارڙو آهي، جيئن مورڙي مانگر کي ماريو (١٢).

اهو ڪوپا ڪم تيرو، جو ورتئي وير وقوف سين.

يـــا

گيدي گهڙندا ڪين، مرد پوندا مچ ۾.

يا جيئن سامي تو چوي ـــ

ڪانئر گهمن ڪوٽ، ڪري ناهه نـڱيءَ جا،
رکن نـــہ رتـــيءَ جيترو، عاشق سـورا اوٽ،
سنمک هڻن چـوٽ، سامـــي سپيريـــن جـــي.

حوالا

(١) بلوچ نبي بخش خان: (موروڙو ۽ مانگر مڇ)،
سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد: 1967ع.
ص 10.

(٢) ايضا، ص 10.

(٣) ايضا، ص 55 کان 63. ڪل 52 بيت آهن.

(٤) بلوچ، نبي بخش خان: (سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ)
(سٽاريل ڇاپو) زيب ادبي مرڪز
حيدرآباد 1980ع ص 198.

(٥) ذڪر، هيرو ڇيٺا لال: (قاضي قادن جو ڪلام)
پوڇا پبليڪيشن دهلي 1978ع:
متن ص 44.
بيت نمبر 85. آباڻي ڇيڻون جي، سا نہ ڪيائين ڪن،
تان ڏي پيٺي پريان سان، گهگهر گهاتوئڙن.

(٦) دائود پوٽو، عمر بن محمد: (شاه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام)، شاه عبداللطيف ثقافتي
مرڪز حيدرآبـاد، 1977ع ص
59، 81، 100، 101، 102 ۽
130 (بيت نمبر 19. 20. 44.
61. 64. 65. 93).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۷) بلوچ، نبي بخش خان - (شاه شريف ڀاڏائيءَ جو رسالو، اداره سنڌ شناسي حيدرآباد، 1972ع
ص 164
(۸) ڏسو (الف): بلوچ: راڳناهو (صديق فقير) شاه عبداللطيف مرڪز حيدرآباد 1981، ص 114.
(ب) تنوير عباسي: (ڪلام خوش خير محمد هيسباڻي) سنڌي ادبي بورڊ- ڄام شورو، حيدرآباد 1982، ص 103 .
(۹) تفصيل لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ڪتاب (لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو 1977ع ڏسڻ کپي.
(۱۰) داستان جو متن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي تحرير مان اختصار ڪيل آهي. ڏسو 'روح رهاڻ' پاڪستان اسٽڊيز سينٽر سنڌ يونيورسٽيءَ وارو ڇاپو 1980ع ص ص 91-94.
(۱۱) بلوچ نبي بخش خان: (مورڙو مير بحر ۽ مانگر مڇ) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1967ع ص 13 (مقدمو).
(۱۲) شاه جي رسالي وارا بيت سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت واري ڇاپي (1978) مان ورتل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رشيد ڀٽي

سر گھاتوءَ جو فڪري پس منظر

ادب ۽ ان جي ڪنهن به صنف جي مطالعي يا پرک، يا ڪنهن به قوم ۽ ملڪ جي ادبي تاريخ جي تجزيي يا تحرير لاءِ رڳو ادب جو مطالعو ڪافي نه آهي. جهڙيءَ ريت ڪنهن ملڪ جي سياسي تاريخ جي پرک ۽ لکڻ وقت ان جي اقتصاديات، جاگرافي، سماج، ثقافت ۽ ادب جو مطالعو ڪرڻ ۽ ان کي پس منظر ۾ رکڻ ضروري آهي، تهڙيءَ ريت ڪنهن به ادبي تحرير جي اڀياس ۽ پرک ويل، ان ملڪ جي ان دور جي سياست، سماج ۽ اقتصاديات جو مطالعو به ضروري ٿيو پوي.

اديب يا شاعر جي داخلي احساسن ۽ جذبن تي خارجي حالتن ۽ واقعن جو اثر ٿئي ٿو. اڃا به ائين چئجي ته خارجي ۽ ٻاهرين حالتن ۽ واقعن جي مشاهدن مان ئي فنڪار جا داخلي احساس ۽ جذبا اتپن ٿين ٿا يا محرڪ ٿين ٿا ۽ آڀار ۾ اچن ٿا. ان خارجي ماحول، پنهنجي آس پاس ۽ عوام جي زندگيءَ جي تجربن مان ئي فنڪار پنهنجي تخليق لاءِ ڪچو يا خام مال **Raw Material** حاصل ڪري ٿو ۽ ان خام مال کي ئي پنهنجي فني هيئت جي قالب ۾ ڍالي، پنهنجي ذات سان سنواري، فڪر ۽ خيال جي رنگ روغن سان سينگاري هڪ با مقصد شئي جي روپ ۾ پيش ڪري ٿو. ان ڪري ڪوبه اديب يا فنڪار تيسين ڪا سهڻي ۽ سڦل تخليق نه پيش ڪري سگهندو آهي، جيسين هو عوام ۽ عوامي زندگيءَ سان ويجهو ۽ ڳوڙهو ناتو نه رکندو آهي، ۽ ان جي تجربي جو تت ۽ نچوڙ نه ڇاڻندو آهي. ذات جو اهڙو استعمال ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن فنڪار کي سچو عظيم فنڪار بڻائيندو آهي. ان سبب ئي هو عوام ۾ مقبول ٿئي ٿو ۽ عوامي فنڪار جو درجو ماڻي ٿو. هن جي تخليق ۾ عوام جي زندگيءَ، سماجي ۽ ثقافتي چال ڍال، جذبن، احساسن ۽ امنگن جو اپٽار، سچائي ۽ خلوص سان ڪيل هوندو آهي.

فن ۽ فڪر جو پاڻ ۾ اڻ ٽٽ لاڳاپو هوندو آهي. تخليق جي ڪابه صنف ان کان آجي نه آهي. ان ڪري شاعريءَ جي ذات به فن ۽ فڪر جو هڪ سنگم هوندو آهي. فڪر ۽ خيال، يعني فنڪار جون داخلي ڪيفيتون، خارجي حالتن، پنهنجي ماحول، آسپاس، ۽ عوامي زندگي (سياسي، سماجي ۽ ثقافتي پهلوئن سان) جي تجربن جي مشاهدي جي نچوڙ مان اتپن ٿين ٿيون، ۽ آڌار يا محرڪ وڻن ٿيون. ان ڪري ڪنهن به اديب، شاعر يا دانشور لاءِ به رستا هوندا آهن. هو يا ته عوام دوستيءَ جي ڏگ لڳندو آهي، يا دشمني جي راهه وٺندو آهي. وچين يا عرف عام ۾ غير جانبداري واري واٽ منافقي جو مظهر هوندي آهي، يا ڪم همتي ۽ اخلاقي جرات جي اڻاٺ جي عڪاسي ڪندي آهي، يا وري قومي بي حسي ۽ تجاهل عارفانه جو ثبوت هوندي آهي. ڪوبه سچو ۽ عظيم فنڪار اها وچين واٽ نٿو وٺي سگهي. پر جيڪڏهن ڪو فنڪار اهڙي واٽ وٺڻ جي آزمائش ڪري به ٿو، ته اهو عظمت ۽ مقبوليت جي افق تان لهندڙ سج جيان تيز تيز غروب ٿي، گمنامين جي اونداهن ۾ غرق ٿي ٿو وڃي. گذريل ويجهڙائيءَ وارين قومي، لساني، ثقافتي ۽ ادبي بقاءَ ۽ احياءَ جي تحريڪن ۾ ڪيترائي فنڪار ۽ تخليق ڪار عوام دوست ٿي اڀريا، پر جيئن ئي هو عملي طرح ڪنجي ويا، يا مصلحت ڪان ڪم وٺي پاسو ڪري ويا، تيئن ئي تخليق جي دنيا مان غائب ٿي گمناميءَ جي تاريڪين ۾ دفن ٿي ويا، ۽ اڄ رڳو ماضيءَ جي يادگيرين جي حوالي سان ڄاتا وڃن ٿا. اهو ڀڙائي

ٿو ته عوام جو ساٿ ۽ دوستي، انهن جي ترجماني ۽ جانبداري فن جي سچائي، عظمت ۽ امرتا لاءِ لازمي گهربل شرط يا بندشون آهن. زندگيءَ جي تجربن ۽ ان جي مشاهدن ويل سچو فنڪار عوام ۽ ملڪ جي ماضيءَ کان به بي خبر ۽ اڻ ڄاڻ نٿو رهي. تخليق ڪار، فنڪار ۽ دانشور لاءِ ماضي هڪ فضول يا اجائي وسٿو نه آهي. هو حال جي حالتن کي ماضيءَ جي لاڳاپي ۽ تسلسل سان ڏسندو آهي ۽ آئينده لاءِ سوچ جو سفر طئي ڪندو آهي. ان ڪري سچو ۽ عظيم شاعر سدائين پنهنجي عوام لاءِ هر زمان ۽ هر مڪان جو شاعر سڏبو آهي.

شاهه لطيف به هڪ عظيم، سچو ۽ مڃيل عوامي فنڪار هو ۽ آهي. سندس رسالي جو مطالع پڌائي ٿو ته سندس شاعريءَ جو پس منظر ۽ فڪر جو محرڪ، ان وقت جون سياسي، اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي حالتون هيون. ان دور جي عام ۽ عوامي زندگي جي تجربن ۽ مشاهدن جو نچوڙ ئي سندس شاعريءَ جو موضوع آهي، جنهن کي ماضيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي. سندس سر گهاتو به ان حقيقت ۽ تجزيي کان ٻاهر نه آهي.

شاهه جو دؤر انتهائي شورش وارو ۽ سياسي گهوٽالن جو دور هو. مغل شهنشاهيت پنهنجي ٽٽڙي پڪڙي ختم ٿيڻ کي رسي چڪي هئي. مقامي ڪلهوڙا خاندان آسري اقتدار هٿ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هو، ۽ گهڻي ڀاڱي ڪاميابي ماڻي چڪو هو. هر طرف جنگيون ۽ گهرو لڙايون هيون، جن ملڪ جي معاشي حالت بد کان بدتر ڪري ڇڏي هئي. مٿان نادر شاهه، احمد شاهه ابدالي ۽ مدد خان جي ڦرين، لٽ مار ۽ قتل و غارت سنڌي سماج کي نهوڙي ڇڏيو هو. اهو اقتدار جي منتقليءَ وارو عبوري دور، ۾ سنڌي عوام مسلسل ڌارين حاڪمن جي يا ته جبر ۽ ڏاڍ جو شڪار رهيو هو، يا انهن جي استحصال کان آجي ٿيڻ لاءِ عملي طرح لڙائيءَ ۽ ويڙهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي عمل ۾ رڌل هيو. انهن حالتن ۽ واقعن جو شاهه اکين ڏٺو شاهد هو.

ان دور جي سيني واقعن ۾ اهم ۽ خاص واقعو، جنهن شاهه کي گهڻو متاثر، متحير ۽ متحرڪ ڪيو ٿو ڏسجي، سو شاهه عنايت جي شهادت آهي. ڌارئي سياسي اقتدار، مقامي موقعي ۽ مفاد پرستن جي ساٿ، جنهن سازش ۽ ڪميڻائپ سان جهوڪ جي صوفيءَ کي شهيد ڪيو، سو تاريخ جو اهم ۽ اهميت مثال آهي. ان ويل شاهه جي عمر ٢٨ سال ڌاري وڃي ٿي. شاهه جي شارحن ۽ مفسرن مطابق هو ان شهادت کان گهڻو متاثر ٿيل هو. لطيف، عنايت جو همعصر به هو ته صحبتي به. شاهه اڪثر پنهنجي بزرگ ڏاڏي شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جي درگاهه تي ويندو هو. هُن ئي ان تي مقبرو اڏرايو هو. شاهه عنايت جي ميران پور واري جهوڪ، بلڙيءَ کان ڏيڍ ٻن ميلن جي پنڌ تي آهي. ان ڪري هن سنڌ جي ٻن عظيم شخصيتن جو پاڻ ۾ ميل ملاقات رهندو هو. شاهه جي شارحن مطابق، سنڌس هيءُ مشهور بيت شاهه عنايت جي شهادت جو رد عمل آهي:

سِڪَ تَ پِچار پِرينءَ جي، سِڪَ تَ هوت حضور،

مَلڪ مڙئي منصور، ڪُهي ڪُهندين ڪيترا.

سر رامڪليءَ ۾ "اڄ نه اوطاقن ۾ طالب تنوارين...."

وارن بيتن بابت به اڪثر مفسر ۽ محقق ان راءِ جا آهن، ته اهي شاهه عنايت جي شهادت ۽ جهوڪ جي ويرانيءَ تي چيل آهن.

هاڻي ان وقت جي، توري ۾ مٿي ڄاڻايل سياسي حالتن ۽ واقعن کي خيال ۾ رکو، شاهه عنايت جي شهادت، جهوڪ جي جنگ، ۽ دائري وارن فقيرن جي جنگي حڪمت عمليءَ کي ويچار ۾ آڻيو، جا ويڙهه جي انڪل ۽ حرفت اڄ واري گوريلا ويڙهه جو آ ڳاٽو ۽ اڻ گهڙيل نمونو ٿي لڳي ۽ پوءِ سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهاتوءَ کي پڙهو، ته توهان کي ان پٺيان ڪارفرما شاهه جي فڪر، سنيهي ۽ سبق سمجهڻ ۾ ڪابه ڏکيائي نه ٿيندي.

انهن سياسي حالتن ۽ سماجي ۽ معاشي گهوٽـالن ۾ ۾ ڪوبه سچو دانشور يا مفڪر پنهنجي قوم يا عوام کي جو سنيهو، سبق ۽ فلسفو يا فڪر ڏئي سگهي ٿو، ان جو ورنن ٿي اسان کي سر گهاتوءَ ۾ ملي ٿو. رڳو لفظ گهاتوءَ جي معنيٰ ۽ مراد کي ٿي ڏسو، هي لفظ گهات مان نڪتو ۽ ٺهيو آهي. گهات جي معنيٰ آهي مهل يا موقعو، ريب فريب، ۽ مارڻ يا جان وڃڻ. گهاتو لفظ انهن ٽنهي معنائن جي ميلاپ جي مراد بيان ڪندڙ نمونـي استعمال ڪيو ويو آهي. ان مان مطلب آهي اهڙو ويڙهو يـا ويڙهاڪ، جـو موقعو مهل ڏسي، دشمن کي دوکي ۾ آسري ۾ رکي، مٿس موتمار حملو ڪري ڪيس ماري. اها هڪ جنگي حڪمت عملي آهي، جا جهوڪ جي شهيدن پاڻ کان تمام گهڻي وڏي ۽ هٿياربند فوج سان مقابلي ۽ مزاحمت ۾ ڪتب آندي هئي. جڏهين دشمن وڏيڪ تعداد ۾ وڏيڪ سگهارو، ۽ وڏيڪ هٿياربند هوندو آهي ته حرفت ۽ حڪمت عمليءَ واري جنگ ٿي ڪامياب ويندي آهـي ۽ اتي عام رواجي جنگي فن ۽ مهارت ڪم نه ايندا آهن. ان وقت هڪ مسلسل ۽ جاري جنگ جوٽي ويندي آهي. ڌاري تسلط، حاڪميت ۽ استحصال کان ڇوٽڪاري جـي جنگ ڀڳهي، حرفت واري، حڪمت عمليءَ سان ڀرپور هوندي آهي:

جڙن جهـُڳا پائين جهول ۾، ايئن نه مـرن مـَڇ،
سـِپـَر ڌارِ سمنڊ جـا، ڪي راوَن رڳيون رَڇ،
هي چارون ۽ ڇـَڇ، اچا اوڙاهـ اڳاهون ٿيو.

لطيف، جهوڪ واري واقعي کان متاثر ۽ متحرڪ ٿي، سر گهاتو چيو، ان جي پيڙائي هن بيت مان بـــ ٿئي ٿي. جهوڪ جي تباهيءَ ۽ ويرانيءَ، دائري جي ختم ٿيڻ، شاهه ۽ فقيرن جي شهادت بعد، جو جهوڪ جو منظر يا حال هوندو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان جو نقش هت بيت مان ملي ٿو.

نه ڪا ٻئوءِ بازار ۾، نڪا ڇيڙو ڇٽ،
جيئي ڏنيرين جي، اڳي هئي اڪٽ،
سي پڙ پسيو پٽ، ماڙهو وڃن موٽيا.

هي علامتي بيت، جهوڪ ۽ جهوڪ جي واقعي جي ڏيکاسي ڪري ٿو، نه ته ڇهن مهاڻن جي مرڻ تي ڪا ميائي سڄي، ٻسي يا پڙپانگ نه ٿي ٿئي.

مورڙي جي ڪهاڻي کي شاهه جنهن نموني ۽ انداز ۾ پيش ڪيو آهي، سا خود علامتي اظهار جو نادر نمونو آهي. ڇهن مهاڻن کي جي سگهارا ۽ صحتمند آهن، مگر مڇ هڙپ ڪري وڃي، پر ستون جو نبل ۽ معذور آهي، ان کي ماري مات ٿو ڪري. شاهه سائين چوڻ اهو ٿو چاهي ته دشمن کي مات ڪرڻ لاءِ رڳو سگهه ۽ سريرجي سچائي ڪافي نه آهي، پر عقل، حرفت ۽ حڪمت عملي گهربل آهي، جنهن جي مورڙو علامت آهي.

سنڌ جي سياسي مفڪر، دانشور ۽ شاهه جي شارح جي- ايم- سيد به سر سارنگ کي علامتي شاعريءَ ۾ شامل ڪيو آهي، جيئن سنڌس اڪثر سر آهن. سائينءَ جي خيال ۾ ڪلاچي سنڌ ۾ ڏار ٿي سرڪار ۽ سياسي مرڪز جي علامت آهي، جنهن ۾ قاسي سنڌ جو مظلوم ۽ محڪوم عوام لقمو ٿيندو ٿو وڃي. مگر مڇ مان ڏاريو حاڪم يا سياسي اقتدار مراد آهي. ڇهن ڀائرن مان مراد اهي هٿ ٺوڪيا صاحب اقتدار آهن، جي اقتدار ۽ امارت جي لوڀ لالچ ۾، هوش عقل ۽ نيت جان به وڃائي ٿا ويهن. مورڙيو ان مظلوم ۽ غريب پيڙيل عوام جي علامت آهي جو ڏارين جي ڏاڍ، جبر ۽ استحصال خلاف عمل ۽ جدوجهد ۾ مشغول آهي. ان علامتي پس منظر ۾، ان وقت جي سياسي صورت حال هيٺ عوام جي حالت ۽ ان سان ٿيندڙ زور، جبر، ظلم ۽ استحصال جو چٽر، هن بيت ۾ ڏسو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي،
خبر ڪونہ ڏئي، تہ رچ ڪڇاڙي رنڍ يا.

اقتدار جا پوڄاري، ڌاري فاتح ۽ حڪمران جا ڪاڌيا بہ پنهنجي لوڀ ۽ لالچ جي ڄار ۾ ڦاسي، آقائن جي هوس جو بک ٿي ٿا وڃن، پر مظلوم ۽ پيڙيل عوام پنهنجي مسلسل جدوجهد ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش واري جنگ سان ڌاري حاڪم (مگر مڇ) کي ماري مات ڪري ٿا ڪن، ۽ قوم کي آزادي ۽ چوٽڪاري جي نعمت بخشي خوشين ۽ خوشحالين سان سرشار ڪري ٿا ڪن.

گهوريندي گهور پيا، اگهور گهورياڙون،
مڪر ماريائون، ملاحن منهن سنرا.

سائين جي خيال مطابق شاهہ لطيف، سر گهاتوءَ ۾، مظلوم عوام ۽ محڪوم قوم مان ڌاري حاڪم جابر ۽ ظالم جي خوف ۽ ڊپ کي ختم ڪرڻ ۽ ڪيس ان خلاف اٿي کڙي ٿيڻ جو سنيهو ۽ سبق ڏنو آهي. پٺائيءَ جو هڪ ٻيو شارح ۽ محقق مرحوم پروفيسر اڪرم انصاري سر گهاتوءَ بابت چوي ٿو تہ هن سر ۾ شاعر، دشمن تي سوڀ پائڻ لاءِ، اڻ ٿڪ ڪوشش، جنگي مهارت ۽ ڄاڻ، مضبوط ۽ اجيت وسيلن جي هوند کي ضروري ڄاڻايو آهي. انصاري مرحوم مطابق شاهہ چوي ٿو تہ سوڀ ۽ آزاديءَ لاءِ جوکي کڻڻ ۽ سر جي سودي ڪرڻ کان بہ نہ گهٻرائجي. اڻ ٿڪ جدوجهد، مسلسل عملي حرڪت، سک ۽ آرام حرام ڪرڻ، ڪُنڍي وجهي دشمن سان ڊوبڊو ٿيڻ، اهوئي سر گهاتوءَ جو فلسفو آهي.

ائين جا لنڍو لوڏ، ايءَ پرَ گهاتوئڙن جي،
ڪَنَ ڪلاچيءَ ڪوڏ، سک نہ ستا ڪڏهين.

پٺائيءَ جي هڪ ٻي پارکا، معتقد، قابل احترام مرحوم ايلسا قاضي بہ سندس سر گهاتو پويان اهوئي فلسفو ڪار فرما بيان ڪيو آهي. جدوجهد ۽ عمل ۾ نهايت ڏکيو ۽ اونهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وچو، رڳو مشاهين ۽ اتاچري جدوجهد ۽ هلچل مان ڪجهه نه ورتو آهي. مرحوم، مطابق سوپ جي آدرشن ماڻهن لاءِ رشتا ناتا ۽ لڳ لاڳاپا نظر انداز ڪرڻا پوندا آهن، ڇو جو آهي من جي مراد ماڻڻ ۾ رنڊڪون ۽ رڪاوٽون ثابت ٿيندا آهن. اهڙي حڪمت عمليءَ، ارادن، ۽ جدوجهد سان ڏاڍ ۽ جبر جي علامت، مگرمڇ کي ماري ماروئڙن ۽ ملڪ تي سرهائي ۽ سرسائي آڻي سگهجي ٿي.

جان گيهڙندا گهاڻيا، تان رڇن ڍهو رڱ،
سڳايون ۽ سڱ، ڪلاچيءَ ڪير ڪري.

ٽوري ۾ اهو آهي، شاهه جي سر گهاتوءَ جو فلسفو، پيغام ۽ فڪري پس منظر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسد جمال پلي

سُرگھڙيءَ جو اقتصادي ۽ معاشي پهلو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جنهن زماني ۾ سنڌ جي تاريخ ۽ سماجيات جو ايپاس پنهنجي سدا حيات رسالي ۾ منتقل ڪيو آهي، اهو ايپاس پنهنجي وقت جي ڪيترن ئي داخلي خواهه خارجي اثرات جي روشن تصوير آهي.

لطيف سائين جي دؤر واري سنڌ، انتهائي نازڪ دؤر واري آهي. انهيءَ وقت سنڌ جا سپوت، پنهنجي ۽ پنهنجي ڌرتي ۽ ثقافت جي وجود جي بقا جي جنگ لڙي رهيا هئا. سنڌ ڌرتيءَ جو هر هڪ حصو رت جي رنگ ۾ رڱيل هئو. خارجي قوتن کان علاوه ڪجهه مفاد پرستن ۽ جاگيردارن سنڌ ۾ خانه جنگي جهڙيءَ عظيم سماجي ۽ سياسي جرم ڪري پڻ قوت ڏني هئي، اهڙين حالتن ۾ ملڪ جي جنهن شعبي جو زياده کان زياده متاثر ٿيڻ قريب از حقيقت آهي اهو ”اقتصاديات“ آهي.

سنڌ جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جي جيتري چٽي تصوير اسان کي ڀٽ ڌڻيءَ ڏني آهي اهڙي پيو ڪو به ”بجٽ ساز“ تاريخدان اڄان تائين نه ڏيئي سگهيو آهي.

شاهه سائينءَ جي دؤر ۾ سنڌ جي جيڪا اقتصادي حالت آهي آها (لطيف سائين) رسالي جي مختلف سُرن ۾ بلڪل کلي طرح، ته ڪٿي اشارن، ڪناين ۽ تمثيلن ذريعي بيان ڪئي آهي. هتي اسين مختصر مضمون ۾ جنهن ”اقتصادي پهلوءَ“ جو جائزو ”سرگهڙيءَ“ جي بيتن جي روشنيءَ ۾ وٺنداسين، اهو آهي ”ملاحن ۽ مُهاڻن جي گذارن جو وسيلو“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملاحن، مُهاڻن، سمنڊ، درياھہ ۽ مڇيءَ جو ذڪر لطيف سائين ”گهاتوءَ“ کان سواءِ ٻين سرن جهڙوڪ ”سريراڳ“، ”ساموندي“، ”ڪاموڏ“ ۽ ”سهڻي“ ۾ پڻ ڪيو آهي.

مڇيءَ جو شڪار ۽ اُن ڪـي گذران جو واحد ۽ اهم ذريعو هجڻ جي حيثيت سنڌ جي اقتصادي تاريخ جو اهم باب آهي. جڏهن مختلف خارجي قوتن سنڌ جي معاشيات کي ڪاري ضرب پهچائي تہ زراعت، مال، موڪون ۽ واپار سان گڏ مڇيءَ جي ڪاروبار کي پڻ وڏو ڌڪ لڳو. واپار ۽ خصوصاً ساموندي واپار جي ذريعي سنڌ جـي مڇي ڏيساور تائين پهچندي هئي ۽ مڇيءَ ۾ بہ ”پلو“ تہ انفرادي حيثيت جو حامل رهيو آهي. ”ماهي گيري جي ڪاروبار“ کي جڏهن ڪاپاري ڌڪ لڳو تہ سنڌ جا مقامي ماڻهو خاص طور تي مهاڻا ۽ ملاح تمام گهڻو متاثر ٿيا. انهن جي ”اقتصادي بدحالي“ جو نقشو شاھ صاحب تمام سهڻي نموني چٽيو آھہ. مڇيءَ جي واپار تي سنڌ جي وڏي ۽ زرخيز حصي يعني ”لاڙ“ جي معاشيات جو دارومدار هـو، پر غيرن جـي تسلط ۽ مقامـي مـاڻهن سان زيادتين جنهن اقتصادي بدحالي کي جنم ڏنو، اُها ڏاڍي سنگين هئي. ”اوڙر“ وڻڻ واري بيوسيءَ جي ڪيفيت جـو اندازو ’ساموندي‘ جي هڪڙي سٽ ۾ سمائجي ويو تہ:

”اسان اُڏارا آٿي، آونگ چاڙهيا“

زيرِ بحث سر گهاتوءَ ۾ ٽي اهم موضوع آهن: (١) انتظار ۽ اوسيڙو (٢) جرئت ۽ بهادري (٣) اقتصادي صورتحال.

سر گهاتوءَ جي روايتي آکاڻيءَ کان قطع نظر اسين ڪجھہ اقتصادي اشارن جو جائزو وٺون ٿا.

مـلاح ۽ مُهاڻا تمام گهڻي انداز ۾ مڇي ماري اُن مان ٿيندڙ آمدني تي پنهنجي ٻچن جو پيٽ گذران ڪن ٿا پر جڏهن اهي مختلف داخلي ۽ خارجي اثرات تحت جن جو ذڪر اسين مٿي ڪري آيا آهيون، هاڻـي گهڻي مڇي نٿا ماري سگهن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي ڪشاده روزيءَ ۾ تنگي ٿا ڏسن ته اهي يا ڏاڙيل جو روپ ڌاري سمونڊ واسو ڪن ٿا ۽ پوٽتي نگهه ٿتا ڪري سگهن يا وري اقتصادي بدحالي کين بلڪل نبل ۽ نستو بنائي ٿي ڇڏي ۽ هو ڪجهه به ڪرڻ جي قابل ڪونه ٿا رهن ته اهڙي ڪيفيت جو گهاتن (ملاحن) جي زالن جي زباني اظهار قابل غور آهي ته:

ڏيهاڻي ڏنم ڪيترا، جتي ماريو موڪ،
گهر ۾ گهاتوئڙن جا، ٿما مارين ٿوڪ،
لڏي وڃان لوڪ، اونهي ويسا اوهري.

اهي واپاري جڪي ملاحن کمان مڇي وٺي ان کي ڏورانهن هنڌن تائين وڪڻي بي انداز ناڻو ڪمائيندا اهي هاڻي ”ڪنڪيءَ ڪوڙ“ نه ڏسي پنهنجا رستا مٽائي چڪا آهن. سندن مفاد جي چيز موجود نه ڏسي هنن پنهنجو رخ تبديل ڪيو آهي. هاڻي نه هنن جو ڪو رشتو ناتو رهيو آهي، نه ئي ڪو سڱ سٻنڌ. چاڪاڻ ته هو آهن صرف سانيءَ جا ڏٽي وري انهن ڏانهن مڙيا آهن جن جي هٿ ۾ وقت جي واڳ آهي. حالتن جو جائزو ۽ ڪيفيتن جو بيان هن بيت ۾ ملاحظه ڪريو ته:

ڪلهي جان ڪينڪاريان، ٿان ساٿي سڱ نه ڪن،
واريسو وهٽ وڃن، ڪن سپا ڳڻن ساٺهان.

وقت جو اپياس ڪندڙ جڏهن انهيءَ تبديليءَ جي سببن جي تلاش ڪري ٿو ته کيس جيڪو اهم سبب هٿ اچي ٿو، اهو آهي اقتصادي ذريعن تي مفاد پرست ڏولن جو تسلط. هٿيارن ۽ ناڻي ذريعي ۽ ٻڙ وسيلن جي حالات جي تبديلي، جيئن پاڻي وغيره جي کوٽ، جنهن سبب درياه جو پيٽ سڪي واريءَ جا دڙا ٿي ويو آهي. اڳ پڳ اڇوڪي درياه وانگر. لطيف سائين اهو منظر هيئن ٿو چئي ته:

Scanned with CamScanner

جتي گهورڙو گهاتئين، تڙتي واريءَ ٻٽ،
سهسين ساٽيءَ مٽ، سر سڪو سونگي گيا.

انهيءَ پاڻيءَ جي سوڪ ۽ واريءَ جي دڙن جو اثر اهو ٿو ٿئي ته جت سمنڊ ۾ تار پاڻي بيٺو آهي اتي به نه ٻيڙيون ٿيون نظر اچن ۽ نه ئي وري جهڳا ڪنهن جاءِ تي موجود آهن. ”منتقلي مڪان“ چڙ اقتصادي نا انصافيءَ جو مظهر آهي. ملاحن جي هن نادر حالت جو ذڪر هن طرح ٿو اچي ته:

تريون پسان نه تار ۾، جهڳا جاءِ نه ڪن،
مادر ملاحن، ماڳ نه ڏويا مڪڙا.

انهيءَ حالت تي حساس جذبن جو ضمير هيئن ٿو ماتم ڪري ته:

مادر ملاحن جا، ويئي سهان سور.

گذران جي وسيلن جي عدم موجودگي انسان کي بلڪل بي حال، محتاج ۽ اپاهج بنايو ڇڏي. جتي اڳ ۾ ڏنيرن جي ڪتڻ جو امڪان ئي نه هو اتي هاڻي چلر جي چٽ به ڪانهي. تنهنڪري پابوڙن جي پوشاڪ وارا جيڪي هاڻي ــــ ”آٽين ۽ چاڙهين“ واري حالت ۾ به نه آهن انهن پنهنجا ماڳ متايا ۽ پيٽ گذران لاءِ ٻيا ذريعا اختيار ڪيا. هاڻي فقط اهي پڙ جيڪي پٽ ٻڌجي ويا آهن انهن جو احوال هن ريت بچيو آهي ته:

نڪا ٻوءِ بازار ۾، نڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرن جي، اڳي هئي اڪٽ،
سي پڙ پسيو پٽ، ماڙهو وڃن موٽئا.

اقتصادي غاصب ۽ معاشي بدحالي جي ذميوار کي شاهه صاحب مختلف طريقن ۽ لقبن سان خطاب ڪيو آهي. سر سارنگ ۾ آيو آهي ته:-

ڏڪاريا ڏيهه مان شل موذي سڀ مرن.

سر ڏهر ۾:-

مَتو آهين مَڇَ، ٿلها ٿو ٿونا هٽين

سر گهاتو ۾:-

گهاتو گهر نہ آئيا، جيڪس جهليا مڇ

ڪان علاوه گهاتو ۾ اقتصادي غاصبن ڪان جنهن انداز ۾ پناهہ گهري ويئي آهي اهو ايترو فطري انداز آهي جنهن جي پڙهڻ سان رون رون ڪاندارجيو وڃي ۽ اهو ڏپ اڇيو ٿئي تہ انهن سان پلئہ پوڻ سان ڇڻ تہ ڪو وڏو قهر ٿي پوندو.

حاصل البحث تہ سر گهاتو ۾ شاهہ صاحب جنهن اقتصادي بد ديانتين، مقامي ماڻهن ۽ ملاحن جي حالت زار جو ذڪر ڪيو آهي اهو انهيءَ حقيقت جو ڪليل ثبوت ٿو ڏئي تہ ڪهڙي طرح ٣ سؤ سال اڳي سنڌ جي معاشي نظام کي بلڪل غير فعال ۽ مهجور بنائي مقامي ماڻهن کي مسڪيني ۽ بيڪسي جي زندگي ڏانهن ڌڪي انهن مٿان سامراجي راڄ قائم رکڻ جا جواز پيدا ڪيا ويا.

اقتصادي ناهمواري، ملاحن جي بدحالي ۽ ملڪ جي معاشي نظام جي ابتريءَ جو ڀرپور جائزو لطيف سائين جي هن بيت ۾ مطالع ڪريو تہ:

موڻ اڏاريا مڇڙا، الله گهاتو آڻ،
ميان مدارن سين، مونکي قادر وجهہ م ڪاڻ،
همت منهنجي هاڻ، قدر لڌو جن ريءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر نعيم نقوي

سر گهاتوءَ جو مطالعو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جو ڪلام آفاقيت جو، جامعيت ۽ معنيٰ سان ڀرپور هڪ بي بها تحفو آهي. ڀٽائي صاحب انسان ذات کي تمثيلي انداز ۾ ابدي پيغام ڏنو آهي. سندن ڪلام ۾ سڀ کان وڏي خوبي اها آهي ته هن پنهنجي فڪر کي علائقائي داستانن جي لباس ۾ ايترو ته ڀرپور اثر ۽ پر ڪشش ڪري پيش ڪيو آهي جنهن ۾ زندگي جي هر شعبي لاءِ رهنمائي موجود آهي.

ڀٽائي صاحب قصن جو تمثيلي انداز ان ڪري اختيار ڪيو آهي ڇو ته الله تعاليٰ پڻ قرآن پاڪ ۾ ڪافي جاين تي قصن ذريعي انسانيت جو پيغام ڏنو آهي. اهڙي طرح شاه صاحب قرآن جي پيروي ڪئي آهي.

شاهه سائين جو رسالو پڙهڻ مان محنت و مشقت، صبر و قناعت ۽ ايثار و قرباني جو درس ملي ٿو. هي اهي حقيقتون آهن جيڪي شاه صاحب جي هر سر ۾ نمايان آهن. جيستائين ڀٽائي گهوٽ جي انداز جو تعلق آهي، ان سلسلي ۾ هي چوڻ بلڪل حقيقت آهي ته سندن ڪلام مان، عالم ۽ دانشور، ڏنار پنهوار، شهري خواه ڳوٺاڻا، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل ۽ ننڍا خواه وڏا هڪ جيترو محظوظ ۽ فيضياب ٿين ٿا.

هي اها خوبي آهي جيڪا دنيا جي ٻين زبانن جي ڪنهن به شاعر کي نصيب ناهي.

سر گهاتوءَ جي مطالعي مان خاص طور تي هي حقيقت

ظاهر ٿئي ٿي ته اسان کنهن به معذور کي سندس ڪمزوري سبب حقير نه سمجهون. الله تعاليٰ جي ذات جيڪڏهن ڪنهن کي بظاهر ڪنهن نعمت کان محروم ڪيو آهي ته ساڳي وقت ڪنهن ٻيءَ صلاحيت ۽ نعمت کان به ساڳئي ماڻهو کي نوازيو اٿس.

موروڙو منڊو ۽ معذور ضرور هيو ليڪن خداوند ڪريم کيس عقل جي دولت کان مالا مال ڪيو هو. دنيا جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ صرف ٻن مضبوط پيرن جي ضرورت ڪافي ناهي مگر هڪ پختي عقل جي پڻ ضرورت آهي. تاريخ شاهد آهي ته هڪ صحتمند ذهن پنهنجي عقل جي برتري سبب هزارن انسانن کي اڻ ڳڻ مشڪلاتن کان نجات ڏياري آهي. غلامي کي آزادي ۾ بدلائڻ به عقل جو ڪم آهي. سڄي قوم کي بيدار پڻ عقل ذريعي ڪيو ويندو آهي ۽ اهڙي طرح سست ۽ ڪاهل کي جبل ٽوڙڻ لاءِ به عقل مجبور ڪندو آهي. عقل بدولت ئي انسان سمنڊ جو سينو چيريو ۽ فضا ۾ پنهنجو جهنڊو بلند ڪيو.

سر گهاتو تي تبصرو ڪندي اهو به ضروري آهي ته هن سر جي معنيٰ ۽ مفهوم تي به روشني وڌي وڃي- جهڙي طرح هن سر ۾ مڇيءَ جي شڪار جو ذڪر آهي، ان ڪري هن سر کي شاه صاحب ”گهاتو“ جو نالو ڏنو آهي، ۽ گهاتو جو مطلب آهي ”شڪاري“.

هي سر هن بيت سان شروع ٿئي ٿو:

گهنگهرئا گهڻ جاڻ، موڙهي مت مهائين،
ويا گڏجي وير ۾، پيئا مَڇُ مهراڻ،
اڳيان پويان ڏاڻ، ويا ويچارن وسري.

هن سر ۾ شاه سائين اها نصيحت ڪئي آهي ته پنهنجي طاقت تي ڪڏهن به غرور ۽ گهمنڊ نه ڪجي بلڪل عقل جهڙي قيمتي نعمت کي استعمال ڪجي ورنه وڏي ۾ وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪست جو شڪار ٿي سگهجي ٿو.

هي قصو هڪ مهاڻي جي خاندان تي ٻڌل آهي. جنهن کي ست پٽ هئا. انهن مان ڇهه جوڙا جوان هئا باقي هڪڙو جيڪو سڀني کان ننڍو هو ان جو نالو مورڙو هو. هي ٻنهي ٽنگن کان معذور ۽ جڏو هو. مورڙي جا ڀائر طاقت ۽ بهادري سبب پنهنجي علائقي ۾ مشهور هئا.

ان زماني ۾ ڪلاچي (ڪراچي) جــو ڪُنُ مشهور هو جتي ڪيترائي غوراب غرق ٿي ويا هئا. اتي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪو شڪاري دل نه ٻڌندو هو. مگر مورڙي جي ڀائرن ضد ڪيو ته اسان انهيءَ ڪن ۾ شڪارڪرڻ ويندا سون. ڪافي سمجهائڻ جي باوجود به هو نه مڙيا. ڇو ته هنن کي پنهنجي طاقت تي ڀروسو هو، ۽ انهي ڪن ۾ جيئن ڪاهي ويا ته مانگر مڇ جو شڪار ٿي ويا:

ڪال ڪلاچي ويا، ڇيتون هٺي ڇڳير،
ڀائرن ڀيرو نه ڪيو، ادن ڪئي اوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪن ورائي جهلٽي.

هي هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن جي خبر هڪ قسم جو هراس پکيڙي ڇڏيو ۽ ملاحن جو حوصلو هارجي ويو. آخــر پنهنجي ڀائرن جي بدلي وٺڻ لاءِ معذور مورڙي جــي غــيرت جاڳي ۽ هــن پنهنجي عقل ۽ حوصلي سان اهــڙو ڀيرو تيار ڪرايو جنهن ۾ وڏا ڪيل ۽ ڪوڪا لڳل هئا. هــر ڪل ۾ رسو ٻڌل هئو. پوءِ پاڻ ڀيري ۾ ويهي رهيو ۽ ٻين سهاڻن کي چيائين ته جڏهن رسو لوڏيان ته ڇڪي ٻاهر ڪيجو. اهو سڀ ڪجهه سمجهائي الله سائين جو آسرو وٺــي مورڙي پاڻ کي سمنڊ جي حوالي ڪيو. مانگرمڇ تــه تيار ويٺو هو ۽ ڀيري سميت مورڙي کي ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪيائين ته ڀيري جا ڪل ۽ ڪوڪا سندس ڄاڙين ۾ چڀي ۽ ڦاسي ويا ۽ مانگر مڇ ڦاسي ۽ ٻيوس ٿي پيو. اندري ۾ مورڙي رسا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لوڏيا ۽ جلدي ماڻهن کيس مانگرمڇ سميت ڇڪي ٻاهر ڪيڍيو. اهڙي طرح موروڙي، مانگرمڇ کان پلاند وٺي وڏي ۾ وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو.

سر گهاتوءَ ۾ ڀٽائي صاحب اها تلقين ڪئي آهي ته سر ويرين ۽ ظالمن سان جيڪڏهن غيرت ۽ حوصلو آهي ته هڪ معذور انسان به مقابلو ڪري کين شڪست ڏئي سگهي ٿو. موروڙي جو مثال وڏي اهميت جو حامل آهي جنهن پنهنجي عقل ۽ جرات مندي سبب دشمن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مولانا غلام مصطفيٰ دادوي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي تمثيل نگاري

گهاتو سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي شڪاري يا ماري. انهي مناسبت ڪري ئي مٿس اهو نالو پيو آهي. هيءَ ڳالهه راجا دلوراءِ جي زماني جي آهي ته سون مياڻيءَ ۾ هڪڙو مهاڻو اوپائي نالي رهندو هو، جنهن کي ست پٽ هئا. تن مان ننڍو مورڙو هو. مورڙو منڊو هو انهيءَ ڪري ڀائر کيس گهر جي سارسنڀال لاءِ ڇڏي ويندا هئا. سندس ڀائر هڪ ٻيري ڪلاچيءَ جي ڪن وٽ اچي نڪتا. هنن اهو ارادو ڪيو ته اِن ڪن ۾ گهڙي مڇيءَ جو شڪار ڪجي. اتي جي مهاڻن کين سمجهايو ته هي ڪن تمام خطرناڪ آهي ۽ منجهس هڪ مانگرمڇ رهي ٿو، ڪيئي ماڻهو هن ڪن ۾ ناس ٿي ويا آهن، ان ڪري هتان پڇي پاسو ڪيو. پر هنن کي ڪٿي ڪنيو ٻيڻي هئي، تن ڪنهن جي به ڳالهه نه مڃي ۽ ڪن ۾ ڪاهي پيا. رڃ ڪٿي اڃان گهڙيا ئي مس ته مٿن ڪيئي ڪن وري ويا. ٻيڙي ٻڏي ويئي. مانگرمڇ کي تمام سٺو وجهه ملي ويو، تنهن هڪڙي ئي لقمي ۾ ڇهن ئي کي کڻي ۽ ڳڙڪائي ڇڏيو. وقت گذري ويو گهاتو گهر نه آيا ۽ گهر جا ڀاتي اچي پريشان ٿيا. نيٺ مورڙو هڪ رڃ ڪٿي سندن تلاش ۾ ڏڙ ڏاڙڻ لڳو.

هن کي اها پروڙ پئجي وئي ته سندس ڀاءُ ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ مانگرمڇ ڳڙڪائي ڇڏيا آهن. مورڙو گهر موٽي آيو ۽ اچي ماڻهن کي ٻڌايائين ته قصو هيئن ٿي گذريو آهي.

هاڻي هن ڀائرن جي بدلي وٺڻ لاءِ سيٺي سان صلاح ڪئي. هڪ لوهي پڃرو تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ ٻاهرئين پاسي ڪيترا ڪنڊا ۽ تڪا ڪيل لڳايا ويا ۽ هر هڪ ڪنڊيءَ ۾ ريشمي رسو ٻڌو ويو ۽ ان کي هڪ ٻاچاريءَ سان ٻڌو ويو. اهو سامان ساڻ ڪري سيٺي ڪولاچيءَ جي ڪُن ڏانهن روانا ٿيا. جڏهن ڪُن وٽ آيا تڏهن مورڙي چيو ته مان پڃري ۾ ويهان ٿو، اوهان پڃرو ڪُن ۾ اڇلايو، جڏهن رسا لڏن تڏهن پڃري کي ڇڪي ٻاهر ڪڍجو.

جڏهن مورڙو پڃري سميت ڪُن ۾ لاٿو ويو ته اتي مانگرمڇ به وات ڦاڙيو ويٺو هو، سو پڃري کي ويو ڳڙڪائيندو. پڃري ۾ لڳل ڪيل سندس ڄاڙيءَ ۾ اٽڪندا ۽ زور سان کپندا ويا. مانگرمڇ ڇڪڙجي ويو، مورڙي رسا لوڏيا. مٿي بيٺل ماڻهن ٻاچاريءَ ۾ ڏاند ٻڌا ۽ انهن جي پٺيءَ تي ٻاهه جا مٽا رکيائون. ٻاهه جي تئو ڪري ڏگها اچي ڀڄڻ لڳا ۽ مانگرمڇ کي ڇڪي آڻي سُڪيءَ تي ڪڍيائون. سيٺي پنهنجي اندر جو اوٻر ڀرپور نموني ڪڍيو ۽ مانگرمڇ کي ماري ناس ڪيائون. سندس پيٽ چيري ڀائرن جا ڀانڊا ڪڍي ڪلاچيءَ جي اولهه طرف جبل جي پاڙ ۾ دفن ڪيائون. مورڙو هن مقام جو رکوال ٿيجي ويهي رهيو. مرڻ پڄاڻا کيس به اتي دفن ڪيو ويو. اهو مقام هن وقت به مورڙي جي مقام جي نالي سان موجود آهي. اهو مقام ڪراچيءَ کان ٻه ميل پري هندن جي مساڻ کان سڌ پند تي آهي.

فن شاعري ۾ گهڻو ڪري تلميحون، تمثيلون، استعارا ۽ ڪنايا استعمال ٿيندا آهن. مولانا جلال الدين روميءَ مثنويءَ ۾ اڪثر ڪري تمثيلي قصا ۽ ڪهاڻيون بيان ڪيون آهن، جيئن سوناري جو قصو ۽ ٻيا.

از سر بالين من برخيز اي نادان طبيب،
اين مريض عشق را دارو بجز ديدار نيست.

منهنجي سيراندي کان اٿ اي نادان حڪيم، عشق جي

بيماري جي دوا دلبر جي ديدار کانسواءِ نہ آهي. شاهہ صاحب پنهنجي شاعري ۾ جلال الدين روميءَ جي مثنوي واري طرز کي گهڻي اهميت ڏني آهي. سر گهاتو جي قصي جي تمثيلي مراد هيءَ آهي تہ انسان هڪ وڏو مهاساگر ۽ سمنڊ آهي، جنهن جي اندر ۾ هڪ مانگرمڇ رهي ٿو، جيڪو سڀ ڪجهہ هڙپ ڪري ڇڏي ٿو ۽ هردم پيو پڪاري تہ اچا آڻ اچا آڻ. اهو مانگرمڇ نفس امارو آهي، جيڪو انسان کي نهوڙي ڇڏي ٿو. جيڪو انسان مورڙي وانگر بهادر ۽ عقلمند آهي، سو هن کي ماري مات ڪري ٿو ۽ پوءِ اهو هميشہ لاءِ سک ۽ راحت حاصل ڪري ٿو. پر جيڪو بزدل ۽ نادان آهي، تنهن کي نفس گمراهيءَ ڏانهن گهلي انڌيري کڏ ۾ اڇلي ڇڏي ٿو جنهن مان ان جو ٻاهر نڪرڻ مشڪل ٿيو پوي. قرآن شريف ۾ ارشاد آهي:

جيڪو پنهنجي رب جي حضور ۾ حساب ڏيڻ کان ڊنو ۽ پنهنجي نفس کي روڪيائين خواهشن کان، تنهن جي جاءِ جنت ۾ آهي. شاهہ صاحب چوي ٿو:

ڪالهہ ڪلاچيءَ ويا، ڇڄيون ڪٽي ڇڳير،
پائرن پيرو نہ ڪيو، ادن ڪي اوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪن ورائي جهلي.

ڀڳون ڀِريل مهاڻا پالا ڪٽي ڪلاچيءَ جي ڪن ڏانهن ويا پائرن موٽ نہ ڪئي ۽ دير لاتي، اهڙن جوڌن جوانن کي ڪن روڪي ڇڏيو.

ڏهاڻي ڏنم ڪيڙرا، جنين ماريو موڪ،
گهر ۾ گهاتوئڙن جا، تا مارينم توڪ،
لنڌي وچان لوڪ، اونهي ويا اوهري.

جن ملاحن گهڻي انداز ۾ مڇيون ماريون ٿي انهن جا رکيل ساز سامان ڏسي منهنجو جگر جلي ويو. هو هن جهان مان لاڏاڻو ڪري اونهي سمنڊ ۾ پيهي ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جئن جهڳا پائين جهول ۾، اِئن نہ مرن مڇ،
سيپر ڏار سمنڊ جا، کي رائون رڳيون رچ
هي چارون ۽ چيچ، اچا اوڙاهہ اڳاهون ٿيو.

جيئن چار درياہ جي جهول ۾ وجهين ٿو، تيئن مانگرمڇ نہ مرندا آهن، ڇو تہ هو اونهي پاڻي ۾ رهندا آهن، تون اونهي سمنڊ ۾ ڪم ايندڙ کي پڪا پختا ۽ رنگيل رسن وارا چار پاڻ وٽ رک، هي سمنڊ جون تانگهيون، ڪاريون ۽ ترايون آهن، اوڙاهہ اچا پري آهي. هن سيني بيتن ۾ شاهہ صاحب انسان کي اهوڏس ڏنو آهي تہ جي نفس کي مارڻ چاهين تہ وڏي جدوجهد ڪر ڇو تہ معمولي محنت، جدوجهد ۽ ويڙهہ مان ڪجهہ نہ ورندو.

شاهہ صاحب جي شاعري معرفت الاهي ۽ حڪمت رباني جو بي پناهہ خزانو آهي، جنهن مان پرورش ۽ پرجهڻ واري انسان کي اصل موتي ۽ املهہ ماڻڪ پلئہ پون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر تنوير عباسي

سر گھاتوءَ جو اڀياس

گھاتوءَ جو موضوع سڀ کان پهريائين شاهه لطيف وٽ ٿي باقاعدي سر جي صورت ۾ ملي ٿو. هن کان اڳ وارن رسالن مثلاً ميين شاهه عنات يا شاهه لطف الله قادريءَ وٽ، ان موضوع تي سر ته نهيو، پر هڪ بيت به نه ٿو ملي.

تنهن هوندي به اهو موضوع سنڌي شاعريءَ لاءِ تمام پراڻو آهي. سنڌيءَ جي تمام اوائلي شاعريءَ ۾ شيخ چوهڙ جي سماع جي محفل ۾ ڳايل سنڌي بيتن مان هڪ بيت گھاتوءَ جي موضوع تي آهي. اهو هيٺينءَ طرح آهي ۽ شاهه جي رسالي ۾ به آهي:

جو گهڙي سو ني ڪو جو قهر ڪلاچ جو
خبر ڪونه ڏي ربچ ڪڇاڙي رنديو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب اهو بيت سنه ١٤٠٥ع کان اڳ جو آهي، ۽ سمن جي دؤر جو آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته ”ڪلاچيءَ جي ڪن“ ۽ گھاتوءَ جو موضوع پندرهينءَ صديءَ عيسويءَ ڌاري شروع ٿيو. سنڌيءَ جي اساسي شاعريءَ ۾، قاضي قادن، شاهه لطف الله قادريءَ، ميين شاهه عنات ۽ خواجه محمد زمان لنواريءَ واري وٽ ان موضوع تي هڪ به بيت نه ٿو ملي، پر شاهه ڪريم بلڙيءَ (١٥٣٠) واري جي ڪلام ۾ به بيت گھاتوءَ جي موضوع تي ملن ٿا، جيڪي مرزا قليچ بيگ جي رسالي ڪريمي ۾ موجود آهن. اهي بيت هيٺينءَ ريت آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلاچيءَ جي ڪنان موني ڪونه آئيو
ڪني رڃ وڃائيا ڪني تـوبـه تـاءِ
(بيت ٤١)

ڪن ڪلاچيءَ پار سڌ نه سڄهي سائنئين
گهاتوئن سندا مڪڙا ڪي تڙ پئي نهار
(بيت ٤٢)

متو وهڻ ڪن ڪري پڇي سنپوڙون ساج
مون وجهندي واجهه پرين پيا نـه پـن ۾

سـڌ نه سڄي سائنئين ڪن ڪلاچـي پار
ڪه پي تـــڙ نهار گهاتـن سندا مڪڙا

شاهه ڪريم وٽ ”ڪن“ ”ڪلاچي“ ۽ ٻين لفظن سان گڏ لفظ ”گهاتو“ پڻ ملي ٿو جيڪو اڳتي هلي هن نيم تاريخي داستان ٿوڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سر جو عنوان بڻيو. شاهه لطيف پهريون شاعر آهي، جنهن هن نيم تاريخي قصي کي هڪ الڳ سر ۾ بيان ڪيو، ۽ ان جو هڪ مستقل عنوان ”گهاتو“ ڏنو.

سر ”گهاتوءَ“ جي ڪهاڻيءَ جو سورمو هڪ جڏڙو ۽ معذور نبل ۽ نحيف مهاڻو مورڙو آهي. شاهه لطيف جي اڪثر سورمن وانگر هي ڪردار به سنڌ جي عام، غريب ۽ پورهيت طبقي جو آهي، جنهن پنهنجي معذور هجڻ جي باوجود به، ڪلاچيءَ جي خطرناڪ ڪن ۾ وڃي، هڪ طاقتور مانگر مڇ کي مات ڪيو ۽ پنهنجي ڀائرن جو بدلو ورتائين.

مورڙي مير بحر ۽ ارنيسٽ هيمنگوي جي ”پوڙهي ۽ سمنڊ“ Old Man and Sea ۾ مشابهت آهي. ٻئي ڪمزور ۽ نبل آهن. ٻنهي وٽ وسيلا ۽ ذريعا ڪونهن. هڪ اٿاهه سمنڊ ۾ اڪيلو ڪاهي ٿو پوي، ته ٻيو ڪلاچيءَ جي خطرناڪ ڪن ۾ گهڙي ٿو پوي. جدوجهد، عزم، ٿوڙي فطرت سان هم آهنگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي ڪهاڻين جي ڪردارن وٽ آهي. پر هيمنگوي جي پوڙهي، ۽ شاهه جي مورڙي جي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ وڏو فرق آهي، فرق نه پر تضاد آهي. اهو تضاد آهي روش Attitude جو. هيمنگوي جو پوڙهو، سخت جدوجهد کان پوءِ مانگر مڇ کي ماري ته سگهي ٿو، پر جيستائين موٽي ڪناري تي پهچي ٿو، ته سمنڊ جون مڇيون ان مانگر مڇ جو ماس کائي ٿيون وڃن، ۽ هو فقط مانگر مڇ جو ڪرنگهو کڻي نڍال ۽ بيحال ٿي ڪناري تي پهچي ٿو. هيمنگوي وٽ پوڙهي جي مسلسل جدوجهد جو ڦل ڪجهه به ناهي. هن وٽ جدوجهد لازمي ته آهي، پر ڦل کان سواءِ (شايد انڪري ئي هن خودڪشي ڪئي) پر شاهه لطيف جو مورڙو پنهنجي جدوجهد کان پوءِ به، پنهنجي ڀائرن جي لاشن جا ڪرنگها حاصل ڪري، پنهنجي فتح تي خوش ٿو ٿئي.

”بري تي بچ“ سر گهاتوءَ جو روح آهي. اهو جملو ازلي ۽ ابدي جدوجهد جو نشان آهي، جيڪا جدوجهد آهي برائيءَ خلاف — پوءِ برائيءَ خلاف چڱائي ڀلي ڪمزور هجي نبل هجي، معذور هجي، پر بري تي بچ ڪرڻي آهي.

سر گهاتوءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ پيو اهڃاڻ آهي عملي جدوجهد جو — جتي ”گهڻ ڄاڻ“ يعني علامه منجهي ٿا پون، اتي هڪ جڏڙو، نبل ذحيف ۽ ڪمزور بازي کٽي ٿو وڃي — ڇو ته هو رڳو ”ڄاڻ“، ”علم“ يا ”سوچ“ ۽ فڪر تي نه ٿو ڀاڙي، پر ان سان گڏ ”عمل“ پڻ ڪري ٿو، جدوجهد ٿو ڪري.

دشمن ڪيڏو به طاقتور هجي، رڳو علم جي ذريعي ان کي مات نه ٿو ڪري سگهجي، پر علم سان گڏ عمل به کپي. گهاتو شاهه لطيف جي سيني سرن کان ننڍو سر آهي، جنهن ۾ فقط ١٧ بيتن جو هڪڙوئي داستان آهي، ۽ آخر ۾ هڪڙي ئي وائي اٿس. هن سر ۾ ڪهاڻيءَ جي سورمي مورڙي جو نالو به نه آيو آهي ۽ هو رڳو پس منظر ۾ آهي. شروعاتي ٽي بيت موضوع جي تعارف طور آهن. ڪلاچيءَ جي ڪن جي قهر جي

Scanned with CamScanner

باري ۾ ٻڌائن ٿا. ڇهرٽين بيتن ۾ شاهه لطيف ”گهڻ ڇاڻ“ جي ترڪيب گهڙي آهي. اها ترڪيب گهڻي پڙهيل، عالم، يا علامہ جي معنيٰ ۾ اچي ٿي. بيت هڪ چٽو ۽ خوبصورت عڪس آهي.

ماڪ پيچاين سولهيا متان رات پئي
اوليون اجهڻ لڳيون وڏا ونجهہ وهي
ڪلاچيا ڪهي ڪڏهہ ڪونہ آئيو

ڇوٿين بيت کان وٺي، مورڙي ۽ سندس ڀائرن جي وڇوڙي جو ذڪر شروع ٿئي ٿو ۽ مورڙي جي احساسن ۽ جذبن جي اپٽار ملي ٿي.

ڀائرن پيرو نہ ڪيو ادن ڪي اوير

مورڙي جي ڀائرن جي غير موجودگي ۾ اداسيءَ ۽ ويرانيءَ جي وايو منڊل کي چٽڻ لاءِ شاهه لطيف هڪ ٻيو خوبصورت عڪس ڏنو آهي:

نڪا بوءِ بازار ۾ نڪا چلر چٽ
جتي ڏنيرين جي اڳي هئي اڪٽ
سي پڙ پسنو پٽ، ماڙهو وڃن موٽئا

گهاتن جي، سورمن جي، يا بهادرن جي هلڻي، چال ۽ لوڏ پري کان ئي پڌري آهي:

آئين جا لڏو لوڏ ايءَ پر گهاتوئڙن جي
ڪن ڪلاچي ڪوڏ سڪ نہ ستا ڪڏهين

۽ ان کان پوءِ، پندرهين بيت ۾، مورڙي جي سوڀ جو ذڪر ته اچي، پر تڏهن بہ مورڙي جو نالو نہ ٿو اچي، شاهه لطيف ان سوڀ کي بہ اجتماعي سوڀ ٿو سڏي. هڪ مورڙي جي سورمي پرستيءَ واري رجحان کي ريٽي هو اجتماعي سورمن ”ملاحن“ جي تعريف ٿو ڪري:

گهوريندي گهور ڀئا اگهور گهورياڏون
مِيڪر مارياڏون ملاحن مهہ سنرا

آخري بيت ۾ شاهه لطيف خبردار ٿو ڪري، تہ ٻيچ

جي مارڻ لاءِ جدوجهد معمولي نہ آهي، ان لاءِ مڪمل تياري ڪپي، ۽ ان کي سولو نہ سمجهيو وڃي.

جڏهن جهڳا پاڻيين جهول ۾ اينءَ نہ مرن مڇ
سير ڏاڍ سمنڊ جا ڪي راڙون رڳيون رڇ
هي چارون ۽ ڇڇ اڇا اوڙاهہ اڳاهون ٿئو

هن سر جي اڪيلي داستان جي اڪيلي وائي، ان داستان جي مرڪزي خيال کي Reinforce ٿي ڪري. هن سڄي سر مان شاهہ لطيف جو مقصد آهي "بري تي بچ"

ڪاهي وڃو ناڪئا ڪريو بري تي بچ

۽ هن سر کي ان وائيءَ تي ختم ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪو تاثر قائم ٿئي ٿو، اهو بہ اهوئي آهي تہ "بري تہ بچ—"
بري تي بچ هر حال ۾ ڪرڻي آهي. پوءِ جي ڪو معذور، منڊڙو، جڏڙو مورڙو هجي، تڏهن بہ هن کي جدوجهد ڪرڻي آهي ۽ جتي "گهڻ چاڻ" گهنگرجي ٿا وڃن، جتي مهاڻن جي مت موڙهجي ٿي وڃي، اتي ميڪر کي ماري، ملاحن جا منهن سنرا ٿيو وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر زيب ڀٽي

شاهہ لطيف جي سر گھاتوءَ جو مطالعو

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح دنيا جي وڏن شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس ڪلام جو پيغام بين الاقوامي آهي. پاڻ پنهنجي ڪلام جي هر سُر کي رنگين ۽ رومانوي داستانن ۽ تمثيلن سان سينگاريو ۽ سنواريو اٿس. شاهہ لطيف جي سُر گھاتوءَ جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هيءَ سُر، سنڌ جي سورهيائيءَ ۽ سچائيءَ جو داستان آهي. سنڌي ادب جو وڏو عالم، اديب ۽ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ سُر گھاتوءَ کي هڪ جنگي داستان ڪوٺيندي چوي ٿو ته ”هيءُ داستان سنڌ جي ملاحن جي همت ۽ هنرمنديءَ جو داستان آهي.*

شاهہ صاحب هن سُر کي ”مورڙي ۽ مانگر مڇ جي داستان“ جي روشنيءَ ۾ اجاگر ڪيو آهي جيڪو سنڌ جي مشهور قصن ۽ داستانن ۾ هڪ انفرادي حيثيت رکي ٿو.

”گھاتُو“ اصل سنسڪرت لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي مڇي مارينڌڙ يا شڪاري ۽ ماري پڻ چيو وڃي ٿو. هن سُر ۾ شاهہ صاحب هن دنيا کي هڪ مها ساگر سان مشابهت

---

* ڏسو صفحہ ۹، لوڪ ادب جو ۳٦ ڪتاب ”مورڙو ۽ مانگر مڇ“.

مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، ڇاپو-۲، سال ۱۹۷٦ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏني آهي. آن جي خوفن ۽ خطرن جو ذڪر ڪيو آهي.
مانگرمڇ جو مثال نفس لاءِ ڏنو ويو آهي. انسان جي اندر ۾
حرص ۽ هوس جو ڪُنُ، هميشه جوش ۽ جذبات جون
جولانيون ماريندو رهي ٿو جو ڪڏهن راضي نه ٿيندو آهي ۽
هر وقت نيون نيون طلبون پيو ڪندو آهي. سندس طمع جي
حد ئي ناهي جيڪي اندر جي اوڙاهه ۾ ڳڙڪائي اهو سندس
ڪانُ ٿورو آهي. شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

ڪوجو قهر ڪلاچ ۾، گهڙي سو نه ئي،
خبر ڪو نه ڏني ته رچ ڪُجهاڙي رَنديا؟

يعني ڪلاچيءَ جي ڪُنَ ۾ اهڙو ڪو قهر پيو وسي
جو جيڪو اندر گهڙي ته هن کي هو ڳڙڪايو ڇڏي. اِها
سُڌ سماءُ ڪوبه ڪونه ٿو اچي ڏئي ته سندن چار چا جي
ڪري اٽڪي پيا آهن.

پر شاهه صاحب فرمائي ٿو ته نفس کي مارڻ لاءِ سخت
ڪوششون ۽ ڪشالا ڪيڻ گهرجن، رڳو نالي ماتر فرض
جي ادائگي اڻ پوري آهي. جيئن شاهه صاحب فرمائي ٿو ته:

ڏهاڻي ڏٺم ڪيترا، جنين ماريو موڪ،
گهڙ ۾ گهاتوئڙن جا، ٿا مارينم ٿوڪ،
لڏي ويا لوڪ، اُونهيءَ ويا اوهيري.

يعني جن مهاڻن ڳچ انداز ۾ مڇيون ماريون تن مان
ڪيترا ئي ڏهاڙي ڏٺم، گهري درياهه اندر گهوتا مارينڊڙ ملاحن
جا رڪيل ساز ۽ سامان مون کي ماري ٿا ڇڏين. هو هن جهان
مان لڏي اُونهي سمنڊ ۾ سمائجي ويا.

جيئن مانگرمڇ کي مارڻ لاءِ رواجي جاريون ۽ ڪنڊيون
ڪنهن ڪم جون نه آهن، تيئن نفس جهڙي رپَ کي نگهو سار
ڪرڻ لاءِ يا نفس کي نهوڙڻ لاءِ وڏن ڪولن ۽ ڪُنين وانگر
وڏي جفاڪشي ۽ رياضتن جي ضرورت آهي. جيئن شاهه صاحب
جن هڪ هنڌ فرمائين ٿا ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئن جهڳا پائين جهول ۾، ائين نه مرن مڇ،
سير ڌار سمنڊ جا، ڪي رائون رڱيون رڇ،
هي چارون ۽ چڇ، آچا اوڙاهه اڳاهون ٿيو.

يعني جيئن چار درياهه جي جهول ۾ وجهين ٿو، تيئن مانگر مڇ نه مرندا آهن ڇو ته آهي اوُنهي پاڻيءَ ۾ رهندا آهن ۽ نه ڪي جهول پاڻيءَ (ننڍڙو پاڻي) ۾. تون اونهي سمنڊ ۾ ڪم ايندڙ ڪي پڪا ۽ پختا رنگين ڌور وارا چارَ پاڻ وٽ رک. هي سمنڊ جون ڪاريون ۽ ترايون آهن، اوڙاهه اچان پري پيا آهن.

حاصل مطلب ته جي نفس کي مارڻ چاهين ٿو ته وڏي ڪشمڪش لاءِ تيار ٿيءُ، ته باقي ننڍي ويڙهه مان ڪجهه به هڙ حاصل ڪونه ٿيندو. جو انسان وڏا ڪشالا ڪري اهڙا آپاءَ وٺي ٿو، سو موڙهي واڳ مانگر مڇ جهڙي نفس کي ناس ڪري هن دنيا ۾ هميشه لاءِ سک ۽ سلامتي ماڻي ٿو.

سنڌ جي مايه ناز اديب ۽ عالم ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي سرگهاتو لاءِ لکيو آهي ته ”يوناني فيلسوفن دنيا کي ”عالم اڪبر“ ڪري سڏيو آهي ۽ انسان کي ”عالم اصغر“ ڇو ته جيڪي به شيون دنيا ۾ موجود آهن تن مڙني جو اختصار انسان جي جسم ۾ سمايل آهي. انهيءَ لحاظ کان هيءَ دنيا مهراڻ مثل آهي ته انسان وري ڪُنَ سمان آهي.“*

شاهه صاحب سر گهاتوءَ ۾ انهيءَ ڪُنَ جو خاص ذڪر ڪيو آهي. انسان جي اندر ۾ ڪيئي اڻ ڳڻيا خزانا موجود آهن، تن جو ڪو به انت نظر نٿو اچي. طرح طرح جا روحاني

---

* ڏسو ص ۲۴۸، ”شاهه جو رسالو“ ٽن جلدن ۾، ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي، حيدرآباد سنڌ، سال ۱۹۷۹ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راز منجهس لڪل آهن. بهرحال شاهه صاحب جي سر گهاتوءَ جي مطالعي مان معلوم ٿيو ته هيءُ سر جيڪو ٢٩ بيتن ۽ هڪ وائيءَ تي مشتمل آهي سو سنڌ جي سورهيائي، هنرمندي ۽ حرفت جو عظيم شاهڪار، نفس کي نهوڙڻ ۽ دنيا جي سک ۽ سلامتي ماڻڻ لاءِ نفس سان وڏي جنگ جوٽڻ جي هدايت آهي. جو انسان اشرف المخلوقات بڻجڻ لاءِ پنهنجي نفس کي نابود ڪندو سو ئي سک، سلامتي ۽ سچائيءَ جي راهه حاصل ڪندو.

آخر ۾ شاهه سائين جي هيٺين بيت سان آءٌ پنهنجو هيءُ مختصر مقالو مڪمل ڪريان ٿو. شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

گهوريندي گهور پيا، اگهور گهوريائون،
مٿيڪرڻ مارياڻون، مَلاحن مٿهن سنراه

الحاج رحيم بخش ”قمر“

گهاتو گهر نه آئيا

ڪالهه ڪلاچي ويا، گهاتو ڪري گهورَ،
سادر ملاحن جا، وينئي سنهان سور
مون کي ڪري مٺورَ، اونهي ويا اوهري.

سر ”گهاتو“ نهايت نرالو ۽ سرس سونهارو سر آهي، جنهن جو حرف حرف حقيقت، جملو جملو جرئت ۽ جونجهاريت سان ڀرپور ۽ سٽ سٽ ۾ سورهيائي ۽ سوڀاري ٿيڻ لاءِ سبق ڏنل آهن، جنهن جي روح پرور روشني ۾، هر هڪ ماڻهو پنهنجي مقصد جا موتي ماڻي سگهي ٿو.

سنڌ جي عالمن ۽ اديبن جو چوڻ آهي ته، گهاتو ڪنهن به هندستاني راڳڻي جو نالو ڪونه آهي، اهو نالو انهيءَ تي رکيو منجهس آيل مضمون جي مناسبت سان قائم ڪيو ويو آهي. سر ”گهاتو“ ۾ ڀٽائي گهوٽ رحمته الله عليه جن، ”گهاتو“ گهٽو ڪم آندو آهي، جهڙيءَ ريت فرمايو اٿن ته:

– گهاتو گهر نه آئيا، جيڪس جهليا مڇَ
– گهاتو گهر نه آئيا، وڏي لڳي وار
– گهاتو ڪري گهور!، ڪالهه ڪلاچي ويا
– جتي گهوريو گهاتئين، تتي واريءَ ٻنڌ
– الله گهاتو آڻ، ....

سر ”گهاتو“ ۾، جنهن مانجهي ۽ مڙيادار مڙس جو عظيم ڪارنامو ۽ ڪردار آهي، اهو آهي ”مورڙو“ جنهن کي ”هيرو“ ۽ سرواڻ سڏيو وڃي ٿو. جنهن وقت جي ظالم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مانگر مڇ کي پنهنجي سياڻپ جي سوچ ۽ سورهيائي سبب ماري مات ڪري ڇڏيو. اگرچ مورڙو ظاهر ۾ پير کان منڊو هو، پر حقيقت ۾ بهادري ۽ جرئت جو هڪ جهنڊو هو. لڄادار لطيف جن جو چوڻ آهي ته ”مڇ“ ڪو معمولي ته، ڪونه آهي جو گهر ويٺي ۽ ڳالهين ڪندي مري پوندو. نه! نه!! هرگز نه!!! مڙسيءَ کان سواءِ ”مڇ“ ماڳهين مرندو ئي ڪونه.

جيئن جهينگا پاڻين جهول ۾، اڻين نه سڃن مڇ،
سڀر ڏار سمنڊ جا، ڪي راڻون رڳي رڇ،
هي چاڙون ۽ ڇڇ، اچان اوڙاهه آ ڳاهون ٿيو.

بيان ڪيل بيت ۾، ويريءَ کان وير وڌڻ لاءِ سڄاڳيءَ جا سڌڙا ڪيل آهن ۽ خبردار ڪيو ويو آهي ته، اڻين مڇ ڪين مرندو، جو ”جهينگ“ يعني ”جار“ جون ڏوريون، جهول ۾ وجهي هٿ، هٿ تي رکيو، مات جي مونجهاري ۾ مايوس ٿيندو رهين. مڙسي ڪري، ڪو زبردست ۽ مضبوط چار ڏار، هي ته رڳو ”چاڙون“ يعني ڏوريون ۽ ”ڇڇ“ يعني ڏنڊيون اٿئي. اچان ”اوڙاهه“ انت بحر، نهايت تار پاڻي، جتي ڪنن جا ڪڙڪاٽ، لهرين جي للڪار ۽ سوجن جون مستيون ئي مستيون آهن، اتي ”مڇ“ جي رهڻ جو مرڪزي ماڳ آهي، جيڪو اتي پهتو آهي، ان کي مڇ هڙپ ڪري ڳهي هضم ڪري ڇڏيو آهي، ان جو اتان وري موٽڻ محال آهي. انهيءَ ڦهري ڪڻ بابت پڻ ڪئي گهوٽ رح جن هيئن فرمايو آهي:

ڪو جو ڦهر ”ڪلاچ“ ۾، گهڙي سو نيئي،
خبر ڪو نه ڏئي، ته، رڇ ڪچاڙي رنديا.

حاصل هيءَ آهي ته، جيڪو گهاتو يعني شڪاري، مڇي مارينڊڙ، انهيءَ ڦهري ڪڻ اونهي ۽ اڻانگي ”اوڙاهه“ ۾ آيو آهي، ”مڇ“ جو لقمو ٿيو ناهي، هتي رڳو ويندي جي ويرم آهي.
”مورڙي“ جي ٻيءَ جو نالو اوڀايو هو. سنڌس ڇهه

ڀائر ٻيا هئا تن ۾ ستون ڀاڻ هو، جنهن کي منڊي هٽ جي ڪري منڊس ڀائر گھر جي سڏ سماءَ ۾ مڏ وغيره ورناڻ ۽ آئي وئي جي خدمت لاءِ گھر ڇڏي ۽ پاڻ مڇيءَ مارڻ لاءِ نڪري ويندا هئا. هن ڀيري منڊس ڀائر انهيءَ ڪڙڪات ڪنڌڙ ڪن طرف ڪاهي ويا، جنهن ۾ ملاحن جا وڏا وڏا ٻيڙا ۽ غوراب غرق ٿي چڪا هئا. آتان جي ميربحرن کين گھڻوئي خبردار ڪيو ۽ اوڏاهين وڃڻ کان روڪيو پر، هي ڀار ٻه هئا اڻ موٽ، سو پنهنجيءَ هوڏ تان هرگز نه هٽيا. نيٺ وڃي مڇ جي ور چڙهيا. رڃ وڃهي اچان ٿورڙو وڌيا ته، سندن ٻيڙيءَ کي ويرون ويڙهي ويون، جن کين ڪلاچيءَ جي ڦھري ڪن ۾ اچي هنيو جنهن ڪري سندن ٻيڙي غرق ٿي وئي ۽ هو ڇهئي ڀائر مڇ ڳڙڪائي ويو. ان ڪري هو پنهنجي ماڳ تي موٽيا ئي ڪين. پوئتي سمورن کي ڏاڍو الڪو ٿي پيو. "مورڙو" هرهر ٿڏو ساهه ڪٽي چوڻ لڳو ته، "اڄ الائي ڇو ادن اوير ڪئي آهي":-

ڪالهه ڪلاچيءَ ويا، ڇتيون ڪٽي ڇڳير،
ڀائرن ڀيرو نه ڪيو، ادن ڪئي اوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪُنَ وراڻي جهليا:

مڇ به ڪيئي مهاڏا مير ڪائي نهايت گھڻو متو هو ۽ ٿلهي تي ٿونا هڻڻ لڳو. جيئن سر ڏهر ۾ شاهه صاحب فرمايو آهي ته:-

متو آهين مڇ، ٿلها ٿو ٿونا هڻين،
جا تو ڀائين اڄ، تنهن ٻماڻيءَ پنا ڏينهڙا!!

بهرحال گھاتو جيئن هتان ويا، تيئن وري واپس ورياڻي ڪونه. لاشڪ کين مڇ ماري ڳھي ويو هوندو. ان ڪري ڪٿي سندن ڪشتي ته، ڪٿي سندن ڪنڌيون ۽ رڃ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪس جهليا مڇ، گھاتوءِ گھر نہ آئيا.

ڪاهي وڃو ناڪئا، ڪريو ٻڙي تي ٻچ،
گھاتو گھر نہ آئيا.

ڪاٽي سندن ڪنڌيون، ڪاٽي سندن رڇ،
گھاتو گھر نہ آئيا.

ڪڙڪو ڏاڍو ڪن جو، اتوءَ اڳيان اڇ،
گھاتو گھر نہ آئيا.

اڏيون عبداللطيف چئي، سڀ لنگھيندا ڇڇ،
گھاتو گھر نہ آئيا.

جيڪس جهليا مڇ !!

حاصل هيءُ آهي تہ، گھاتو گھر نہ آئيا، ان ڪري سندن مائٽن، ونين ۽ ٻاءَ مورڙي ڪي نهايت گھڻو انتظار ۽ الڪو ٿي پيو ان ڪري هو نيٺ ان سرزمين تي پهتو، جتي سندس ڀائرن کي مانگرمڇ هڙپ ڪري ڇڏيو هو. اتي ڪيس سموري واقعي جي سربستي سڌ پئجي ويئي. ان ڪري وڏي افسوس وچان، مايوس ٿي اتان موٽي ماڳ آيو:-

اوري هئا تہ آئيا، جيڪس ويا پري،
ساڻي سڌ ڪري، ماڳ نهاري موٽيا.

"مورڙو" جڏهين اتان مغموم ٿي موٽي آيو، تڏهن هو پنهنجن پيارن ڀائرن جي پلاند وٺڻ لاءِ سيني ۾ صلاحون ۽ سوچون، روح ۾ ڪيئي رٿون رٿي رهيو هو. نيٺ، سندس سوچن جي سوجهري ڪيس ساٿ ڏنو. هن هڪ لوهہ جو مضبوط پڃرو ٺهرايو، جنهن جي چوڌاري تکا ۽ تيز ڪيل ۽ ڪاتيون هيون. هڪ ڪلي ۾ نهايت مضبوط رسا ٻڌل هئا، جنهن ۾ "مورڙو" پلاند وٺڻ لاءِ ويهي رهيو. ساٿين کي چيائين تہ، "هاڻي مونکي ڪن جي حوالي ڪريو ۽ جڏهن رسا لڏندا ڏسو، تڏهين ڇڪي ٻاهر ڪيجو." مڇ جيئن مورڙي کي هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن ان پڃري وارا ڪل

Scanned with CamScanner

سنڌس جاڙيءَ ۾ ڪپي ويا. ”مورڙي“ ڏٺو ته مڇ هاڻي پوريءَ ريت قابو ٿي چڪو آهي ته ان رسا لوڏيا، جنهن تي، سنڌس ساٿين ان کي جانورن ذريعي ڇڪي، سڪيءَ تي آڻي ڪڍيو. جنهن ڪري مهاڻن مانگرمڇ کي ماري، پنهنجي ساٿين جو وير ورتو ۽ ”مورڙو“ به صحيح سلامت ڪڍيو ويو، جنهن مڇ جو پيٽ چيري ان مان، پنهنجي ڀائرن جا ڳريل لاش ڪڍي، ڪراچي جي اتر اولهه طرف ڀهاڙ جي ڀاسي ۾ دفن ڪيا ۽ پاڻ ان مقام جو مجاور ٿي ويهي رهيو. اهڙيءَ ريت پنهنجن ڀائرن جو ڀلاند ورتائين، تڏهن سڀ جو ساهه ڪنيائين. حقيقت ۾ اڄ ملاحن جا منهن مرڪي رهيا آهن. سنڌن منهن سرها ۽ سنرا آهن، ڇاڪاڻ ته انهن مانگرمڇ ماري هڪ طرف پنهنجي ساٿين جو وير ورتو آهي ته ٻئي طرف ان جي آزارن کان پوري، پوري آزادي حاصل ڪري چڪا آهن:

گهوريندي گهور ٻيا، اگهور گهورياڻون،
مانگر مارياڻون، مهاڻن منهن سنرا.

اڄ ملاحن جي گهر گهر ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي آهي، سنڌن ننڍو ۽ وڏو، پيرسن ۽ جوان خوشيءَ مان ٻهڪي رهيو آهي.

هر ”گهاڙوءَ“ مان روشن ٿيو ته، وقت جي مانگر مڇ سان مڙس ٿي مقابلو ڪرڻ گهرجي. سائين رب ستار، سچارن ۽ سچ جي لاءِ سوچيندڙن کي سوڀون ڏيندو آهي. ان سلسلي ۾ جيڪو وقت جو حڪمران يا ٻيو ڪو ظالم، ماڻهن کي ظلم ۽ ڏاڍ جي جنبي جي ڀڙن ۾ ڦيهندو رهي ٿو ان خلاف هر طرح سان جهاد جاري رکڻ گهرجي. پاڻ کي، قوم کي ۽ وطن کي ان جي ظلم ۽ ڏاڍ کان آزاد ۽ آجو ڪري، سک ۽ سلامتيءَ جو ساهه کڻڻ گهرجي. حضور اڪرم، خاتم الانبياء والمرسلين حضرت سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي ته:-
”ظالم کي يا وقت جي حاڪم کي سچ جو ڪلمون چوڻ جهاد آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻهيتي ۾، رسول الله ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي ته:
”الله تعاليٰ، حضرت جبرئيل عليه السلام کي، وحي فرمايو يا ارشاد فرمايو ته، فلاڻي شهر کي الٽ پلٽ ڪري ڇڏ، ان جي رهندڙن سميت، تنهن تي جبرئيل عليه السلام عرض ڪيو ته، اي منهنجا پالڻهار، بيشڪ ان شهر ۾ تنهنجو فلاڻو ٻانهون آهي، جنهن اک ڇنڀ جيتري به تنهنجي نافرماني نه ڪئي آهي، وري ارشاد ٿيو ته الٽ پلٽ ڪري ڇڏ، انهيءَ شهر کي انهيءَ ٻانهي سميت ۽ سمورن ماڻهن کي برباد ڪري ڇڏ. ڇاڪاڻ ته انهيءَ نيڪ ٻانهي جي منهن جو رنگ منهنجي لاءِ ڪڏهن به نه بدليو هو.“

مطلب ته خدا جي نافرمان ماڻهن کي نيڪيءَ جو حڪم نه ڪندو هو ۽ کين سندن بڇڙاين کان روڪيندو ڪونه هئو ۽ انهن ظالمن سان خوش گذاريندو هو. ڪڏهن به الله تعاليٰ جي ڪاڻ، انهن کان منهن ڪونه گهنجايو هو. يعني ظالمن کي سچ ڪونه چوندو هو. مٿين حديث مبارڪ مان معلوم ٿيو ته، ڏرتيءَ تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪندڙ، الله تعاليٰ ۽ سندس محبوب سيدنا محمد مصطفيٰ ﷺ جي احڪامن، قانون جي نافرماني ڪندڙن کي، جيڪڏهن وس هجي ته کين هٿ سان، ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ کان روڪيو وڃي، جيڪڏهن اها طاقت به نه هجي ته پوءِ انهن کي زبان سان روڪيو وڃي. جيڪڏهن اٿين به نه ڪري سگهجي ته پوءِ دل ۾ کين بڇڙو سمجهيو وڃي ۽ انهن کان منهن گهنجايو وڃي ۽ کين نفرت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي. هي گهٽ ۾ گهٽ ايمان جو درجو آهي. ٻي صورت ۾، ظالمن سان گڏ صالح، بدڪردارن سان گڏ نيڪوڪار ۽ ”سڪن گڏ ساوا“ به سڙي رک ٿي ويندا. رب ڪريم جي عالمي عذاب کان ڪوبه بچي ڪونه سگهندو:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نڪا بوءِ بـــازار ۾، نڪا چـلر چـٽ
جتي ڏنيريـــن جـي، اڳي هـئـي آڪــٽ،
سي پڙ پسيو پـٽ، ماڻهـو وچـن موتيـا.

يعني ”موررڙي“ جا، پلوڙ ۽ بهادر پائر مڇ ماري چڙيا، ان ڪري هاڻي، بازار ۾ مڇيءَ جي بوءِ ڪانه آهي جنهن جاءِ تي مڇيءَ جا ڍير لڳل هئا ۽ مڇي اڻ ڪٿ هئي، اُتـي اڄ مڇي نه ڏسي ماڻهو ويچارا موتي وڃن ٿا:-

ڏيهاڻي ڏنم ڪيتـرا، جنين ماريون مـوڪ،
گهـر ۾ گهاتوئڙن جـا، ٿـا ماريـنم ٿـوڪ،
لڏي وچان لـوڪ، اونهـي ويـــا اوهري.

سر ”گهاتوءَ“ ۾ شاهه رحمة الله عليه جن، ”ڪلاچي“ نهايت گهڻو ڪم آندو آهي- جيئن فرمايو اٿن ته:

”ڪلاچئا ڪهي، ڪڏهــن ڪونه آئيو“
”ڪالهه ڪلاچيءَ ويـا، چتيون ڪٽي چڱير“
”ڪالهه ڪلاچيءَ ويا، گهاتو ڪري گهور“
”ڪن ڪلاچيءَ ڪوڏ، سک نه ستا ڪڏهين“
”ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي.“

تاريخ جي عالمن ۽ اديبن لکيو آهي ته، ”ڪلاچـي“ دودائي بلوچن مان هڪ مائـي هوندي هئي، جنهن جو نالـو ”ڪلاچي“ هوندو هو، جيڪي پنهنجي سموري ڪٽنب سميت سمنڊ جي ڪناري تي اچي جهوپا جوڙي ويٺا هئا. انهيءَ ڳوٺ تي ان مائي جو ”ڪلاچي“ نالو قائم ڪيو ويو. اهو ”ڪلاچي“ جو ڳوٺڙو، الله تعاليٰ جـي ڪرم سان، ڪلاچي مـان وري ڪراچي ٿيو، جنهن جو دنيا جي وڏن شهرن ۾ شمار ٿي چڪو آهي. هڪ واهڻ مان، واحد رب ودود، وڏائي هڪ وڏو شهر آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو آهي.

شال اسان جي سون ورني ساڻيهه جا سمورا شهر ۽ ڳوٺڙا، واهڻ ۽ گهرڙا گهاٽ، چپر ۽ چونرڙا، جهوپڙا ۽ بندر، بازاريون ۽ تڙ، پاڻ ۽ وٿاڻ، پتڻ ۽ ٻيڙا، ڏراڙ ۽ پنوهار، هاري ۽ ناري پورهيت ۽ مزدور، شاد! آباد!! سلامت!!! سرها ۽ خوشحال هجن: آمين- شاهه جي ڪلام جي پارکن، روحاني راز ۾ لکيو آهي ته:- مانگر مڇ مان مراد، انسان جو نفس ندورو آهي. جيڪو مانگر مڇ وانگر، ان کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انسان کي سنئين واٽ کان هٽائي، گمراهيءَ جي ڪاري ڪن ۽ اونهي ”اوڙاهه“ ۾ اڇلائي ڇڏيندو آهي- جتان اُن جو نڪرڻ نهايت محال آهي- اهڙي نفس کي قرآن مجيد ”نَفسِ اماره“ ڪوٺيو آهي. پڇاڙيءَ ۾، هن مقالي ۾ شامل ڪيل بيتن جي ڏکين لفظن جي معنيٰ لکي مقالي جي پڄاڻي ڪريان ٿو.

”ڪلاچي“: ڪراچي. ”گهاتو“: شڪاري، ماري. ”وار“: وير، وقت، ٽائيم - ”ٻٽ“:- ڍڳ، ڍير، ڍڙا، جهڳا يا جهنگا:- رڇ، ڄار، ”سپر“:- سگها، مضبوط. ”واڻون“:- ڄاريءَ جي ڪناريءَ ۾ وٽيل ڏوري، ڄاڙون:- ڍورا ڍوريون. ”ڇڇ“:- ڏنديون. ”ڇنيون“:- وڏا ۽ تيز ڀالا، گرز. ”ڇڳير“:- ٻگن جا طرح ڇڏيل پهلوان- يعني مورڙي جا ياٺر. ”ڪير“ جماعت، ٽولي، گروهه. ”ناکئا:“ ملاح، مهاڻا، خاص ٻيڙي هلائڻ وارا. ”ڪنڌيون“:- مڇي مارڻ جو اوزار، جيڪو مڇيءَ جي ڪلين ۾ ڦاسي پوندو آهي. ڦاسڻ کان پوءِ ڏور کي ڇڪ ڏبي آهي ته مڇي اُن سان گڏ ٻاهر نڪري ايندي آهي. ”رڇ“:- ڄار. ”سنرا“ سرها، مرڪندڙ، خوش.

”مولهيا“ پڳڻ. ”روليون“:- ٻيڙيءَ هلائڻ جا ڳن. ونجهه:- بانس جو لڪڙو ”ڇٽ“:- بوءِ، باس. يعني مڇيءَ جي بوءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ڏنيرو“ مڇيءَ جو قسم. ”اڪٽ“:- اٽ ڪٽ، گهٽي، جهجهي. ”موڪ“:- گهٽيون. ”ٿوڪ“ شيون. سندن هٿن جون نشانيون.

ماڪ پڇايـن موليهيا، مٿان رات پئي،
اوليـو، آجهڻ لڳيون، ويا ونجهـ وهـي،
ڪلاچئا ڪهـي، ڪڏهـن ڪونه آئيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جوهر بروهي

اڏڻ ڪئي اوڀر

ڀٽائي گهوٽ جو ڪلام بلاغت نظام پنهنجي حسن، ترتيب ۽ ٻيهڪ جي لحاظ کان املهه وٿ ۽ ڏاهپ ڀريا ڏات جو جبل ۽ اجها ڳڀا سمنڊ آهي، جنهن جي هر سٽ ۾ سونهن، هر لفظ ۾ لال ۽ هرحرف ۾ دانائي سمايل آهي. ورلي ڪو ڏاتيار ان درجي کي پهچي جنهن انسانن کي انسان ٿيڻ لاءِ سادن لفظن سلوڻن محاورن ۽ سوادي ترڪيبن سان درس ڏنو هجي. ڪائنات هڪ وسيع شيءِ آهي، جنهن ۾ ڪيترئي صديون سمايل آهن. هي هڪ اهڙو جهان آهي، جنهن ۾ هر شيءِ پنهنجي فطري وصفن سان جنم وٺندي آهي. پوءِ ماحول هن کي هڪ راهه ڏيندو آهي. يعني چڱائي ڀريا لڱائي جي راهه ماحول مان ملندي آهي. ان ماحول کي سچائيءَ صفائي سان اجارڻ، وقت جي حاذقن، حڪيمن، دانشورن ۽ عالمن جو ڪم هوندو آهي، جيڪي بگڙيل معاشري کي عمل جي روشنائي يا گفتن جي چانڊوڪي سان دڳ لائيندا آهن.

ڀٽائي گهوٽ جو ڪلام نج انسان ذات لاءِ روشني جو مينار آهي. سنڌس ٣٤ سرن مان هڪ سر گهاتو پڻ آهي. سر گهاتو ڪلاچي جي اوڀائي ميربحر جي ستن پٽن واري داستان تي ٻڌل، ڪمزور جي ڏاڍي جي خلاف عملي جدوجهد ڪرڻ جو درس آهي.

ڀٽائي گهوٽ جي شاعري جي شروعات سر ساموندي ۽ سر سريراڳ سان ٿيل ٿي ڀانئجي. تمثيل طور سمنڊ اها ڪائنات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، جنهن ۾ انسان رهي ٿو. جڏهن ته سمنڊ اندر ڀيڙي، غوراب، انسان جو وجود ۽ سمنڊ جا طوفان ڪائنات جون اهي مصيبتون ۽ تڪليفون آهن جي ڪنهن به وقت انسان آڏو اچي سگهن ٿيون ۽ انهن منجهه هڪ مانگر مڇ پڻ آهي.

ٿلهو ٿو ٿونا هڻين، متو آهين مڇ،
ٻاب تنهنجي ريچ، لکيا لوح قلم ۾.

—

جڻن ٿون هڏ نه موٽئو، پلو پلو مڇ،
جا ٿو ڏني اڇ، تنهن پاڻي پنا ڏينهڙا.

ازل کان ظالم ۽ مظلوم جو مهاڏو رهيو آهي. جو ظالم پنهنجن وسيلن ۽ طاغوتي قوتن جي ذريعي اهو متل مڇ آهي، جنهن کي ڪنهن جي به پرواهه ڪانه آهي. ان لاءِ نيڪ صلاح اها آهي ته جا اڇ (يعني پنهنجي متجندڙ قوت) ڏني آهي، هڪ نه هڪ ڏينهن سا ختم ٿيڻي آهي، تنهن ڪري اپي مان ٽڪرڻ نه گهرجي.

هيٺي ٿيڻ کان پوءِ طبيعت ۾ سڌارو آڻڻ ڪمال ناهي بلڪ ان وقت سڌرڻ کپي جڏهن ڪجهه قوت هجي.

ٿان ٿون نه موٽئو، جان جر هڙڙوڻي سير،
آڏا هڻي ڪير، گهٽ پئي جهلئي گهاتوئين.

هن سر ۾ ڪنهن به ڪم کان اڳ چڱي طرح سوچڻ ۽ ٿائيم ٿاڻي جي رٿ رکڻ لاءِ درس مليل آهي. ڪوبه ڪم هوڙهائي يا کهلو کبو ته ان ۾ بجاءِ فائدي جي رڳو نقصان پلئه پوندو. رسالي ۾ ان منصوبه بندي لاءِ گهڻو درس ڏنو ويو آهي. جو ڪامياب زندگي لاءِ اهڙين سوچن جي وک وک تي ضرورت پوندي. جيڪڏهن ڪير ڪيترو به چاڙو ۽ سگهڙ هجي پوءِ به سوچي ڪم ڪرڻ ضروري آهي نه ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهنگهرڻا گهڻ چاڻ؛ موڙهي مت مهائيين
ويــا ڳڌجي وير ۾ پيــا منهــن مهــراڻ
اڳيان پوياں ڏــاڻ، ويا ويچــارن وسري.

●

ڪه اڳيان گهاتو گيا؛ گهوري نه چاڻن
ساپــر نــه سگهيا؛ جنهــن پــر مــچ مرن.

هي حقيقت آهي ته هر ڪم ۾ سوچ سان ڳڌ؛ عمل وقت هوشياري ۽ ڏاهپ به گهرجي. جيڪڏهن دشمن تمام مضبوط آهي ته، ان وقت ان لاءِ حيلا هلائڻا پوندا- چو ته مدمقابل مقابلي وقت ڪوبه تعلق نه رکندو:

جان گهڙندا گهاتوڻا؛ تان رچن ڏجا رڱ
سڳايون ۽ سڱ، ڪلاڇي ڪين ڪري.

جيڻ جهڳاپائين جهول ۾ ائين نه مرن مڇ
سهڙ ڏار سمونڊ جا؛ ڪي راڏو رڳي رڇ
هي چاڙون ۽ چڇ؛ اجان اوڙاهه اڳاهون ٿيو.

ڪنهن ڪم ڪي آخري ڪم سمجهڻ ناداني آهي، پر جيڪڏهن ڪا مهل اچي وڃي آهي ته ان کــي مختصر ۽ ننڍو سمجهي ته اجان هن ڪان وڏي ٻي آفت آهي جيڪا اچڻــي آهــي ان لاءِ پاڻ کــي ذهني طور تيار رکجي. چو ته زندگي پاڻ امتحانن؛ آزمائشن ۽ ڏکن جو مجموعو آهي. هي زندگي يا زندگــي سان لاڳاپيل معاملا ڪي سولائي سان آسان نه ٿا ٿين. انهيءَ لاءِ وڏي جاکوڙ ۽ اورچائي سان ڪرڪرڻو پوندو.

هن سر ۾ هي زندگي يا ته هڪ سمنڊ آهي يا ڪلاچ وارو ڪن آهي. جنهن کي پڻائي گهوٽ اختصار سان ڪلاچ بيان ڪيو آهي. جيڪو ايڏو وسيع آهي. جيڪو هن ڪلاچ يعني زندگي ۾ گهڙيو ۽ ڪجهه ذميواريون سنڀاليون؛ ان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حال هن ريت آهي:

ڪو جو ٿهر ڪلاچ ۾ جو گهڙي سونٺي

خبر ڪونه ڏئي، تہ رچ ڪچاڙي رنديا.

عملي جدوجهد ۾ بداحتياطي هاڃيڪار آهي، ساڳي وقت اهڙن ڪمن لاءِ تجربي جي پڻ ضرورت آهي. جيڪي ان تجربي مان گذريا هوندا، انهن وٽ احتياط ۽ اوسيئڙو بہ هوندو. هو ٻي اونا ۽ ٻي الڪائي نہ ويٺا هوندا.

اي پر گهاتوئڙن جي، آئين جا لڏو لوڏ

ڪن ڪلاچي ڪوڏ، سڪ نہ ستا ڪڏهين.

هن بيت مان واضح ٿو ٿئي تہ گهاتوئڙن جو طريقو اهڙو نہ هوندو آهي جيڪا لوڏ لڏو ٿا. جڏهن تہ حريف (ڪن ڪلاچي ڪوڏ) سڪ سان نہ ٿا سمهن تہ توهان ٻي اونا ڇو ٿا ٿيو. زندگي جي هر شعبي ۾ انهن سوچن سان ڪم ڪرڻو آهي.

سر گهاتو: گهات ۾ ويٺل يا انتظار ۾ ويٺل: ٠وقعي ڪي سوچيندڙ يا شڪاري تي سگهي ٿو. هن لفظ مان ٿي اها ساري مراد نڪريو اچي جا مٿي بيان ڪئي وئي. پٺائي گهوٽ ان لفظ يا ان سان لاڳو تمثيل ڪان ڪم ورتي اهو سبق ڏنو آهي، جيڪو سندس ڏانءَ وٽان آهي. خاص ڳالهہ تہ هي سر ڪٽڻي نندو آهي؛ پر هڪ مڪمل درس آهي. مختلف رسالن ۾ هن سر جا بيت سورهن کان وٺي ٢٦ تائين اچن ٿا. جنهن ۾ هڪ وائي پڻ آهي. جيئن تہ تمثيل طور جنهن واقعي تي هي سر ٻڌل آهي، ان جا ڪردار هڪ ڪان وڌيڪ آهن. يعني ٻڌي؛ اتحاد: ايڪي جا اهڃاڻ آهن- جڏهن بہ ڪنهن مسئلي تي ايڪو اتحاد ٿي وڃي، ۽ ڪم ڪندڙ اجتماعي طور ان ڪم ۾ هٿ وجهن ۽ ٻوءِ بہ ڪو نقصان حاصل ٿئي تہ اها ڳالهہ نہ ٿيڻي ۽ عجب ۾ وجهندڙ آهي. جيئن پٺائي گهوٽ کي عجب ٿو لڳي تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪالهه ڪلاچي ويا چنيون ڪٺي ڇڳير
ياڻن پيرو نه ڪيو، ادن ڪٺي اوير
اهڙي خاصي ڪير، ڪن ورائي جهليا.

المختصر انسان پنهنجي لازوال قوتن کي سوچ ۽ منصوبي سان استعمال ڪري منزل ماڻي سگهي ٿو. جيڪو سر گهاتو جو مطلب ۽ مقصد آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ

سر گهاڻوءَ جي ڊرامائي تشڪيل

يوناني زبان ۾ فن شاعري کي "Poietica" (پوئيٽيڪا) ۽ شاعر کي "Poietes" (پوئيٽس) سڏيو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي صنعتڪار يا ناهيندڙ. (Maker) قديم يوناني آدب تي جيڪڏهن نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته فن شاعري هڪ نهايت وسيع ۽ همه گير معنيٰ وارو لفظ آهي، جنهن ۾ فقط شاعريءَ جون جملي صنفون شمار نه ڪيون ويون آهن؛ پر نثر نگاريءَ جا مختلف قسم به اُن ۾ شامل ڪيل آهن. اهڙيءَ ريت چئجي ته ڪل اصناف آدب - فن شاعريءَ جي دامن ۾ سميٽجي وڃن ٿا. انهيءَ ڪري يونان جي عظيم مفڪرن ۽ ودوانن ڊرامه نگاري کي به شاعري جي گلدستي جو هڪ گل تصور ڪيو آهي. انهن جي راءِ موجب "تمثيلي شاعري ۽ ڊراما ٻئي هڪ ڳالهه آهن".

يوناني آدب ۾ افلاطون ۽ ارسطو اهي همه گير شخصيتون آهن، جن جي فڪر ۽ فن کي نه فقط اُن دؤر ۾ مقبوليت حاصل رهي آهي، پر هر دؤر ۾ اُنهن جا اِفڪار ۽ شاهڪار علمي دنيا کي متاثر ڪندا رهيا آهن. افلاطون جو فڪرانگيز شهپارو ريپبلڪ (Republic) ۽ ارسطو جي ناياب تخليق (Poetica)، پوئٽيڪا آدبي دنيا ۾ روشنيءَ جا اهي سرچشما آهن جن مان يوناني علوم و فنون جون اهڙيون ٻاڪون ڦٽي نڪتيون جن جڳ کي جرڪائي ساڃهه ۽ سوجهري جون ڏياتيون ٻاري ڇڏيون. انهن ٻنهي سڄ جي سوچ ۽ لوچ رکندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مفڪرن جو قول آهي ته: ”ڊراما تمثيلي شاعري آهي ۽ تمثيلي شاعريءَ جو مقصد آهي جذبات کي اُڀارڻ“. هي ٻئي عالم نه فقط شاعريءَ جي عظمت جا قائل آهن، پر سندن سامهون هر تخليق شاعري آهي. هو شاعري کي ملڪوتي ۽ خدائي ڪلام تصور ڪن ٿا ۽ شاعر کي (فيلسوف) جو رتبو عطا ڪندي سندس ڪلام کي الهامي قرار ڏين ٿا.

يوناني مفڪرن جي مٿين قولن جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن اسان سنڌ جي سچاڻ ۽ سدا سرهي شاعر شاهه عبداللطيف رح جي آفاقي ڪلام کي پرکينداسين ته اِها ڳالهه بخوبي معلوم ٿيندي ته سندس ڪلام نه فقط ملڪوتي، خدائي ۽ الهامي آهي، پر سندس تمثيلي شاعريءَ سان سينگاريل سُرُ هڪ قسم جا ”ڊراما“ آهن جن ۾ يونان جي عظيم ڊرامه نگارن اسڪائيلس (Aeschylus) سوفوڪليز (Sophocles) ۽ يوريپيڊيز (Euripides) وانگر مڪمل ڊرامائي خصوصيتون ۽ جملي عنصر مثلا ڪهاڻي (Plot) ڪردار نگاري (Charaterisation) مڪالما يا گفتگو (Dialogue) هار سينگار ۽ زيبائش (Costume) ۽ مقصديت يا مرڪزي خيال (Central Idea) موجود آهن.

جيتوڻيڪ شاهه صاحب جي تمثيلي شاعري جي زمري ۾ آيل سڀ سر هڪ قسم جا ڊراما لڳن ٿا، پر جيئن ته اڄ اسان کي سر گهاتو جي حوالي سان گفتگو ڪرڻي آهي، انهيءَ ڪري اڄ اسانکي ڏسڻو آهي ته هن سر ۾ ڪيتري قدر ڊرامائي عنصر موجود آهن ۽ شاهه صاحب جي بصيرت افروز نگاهه ڪيتري قدر ڊرامي جي اهم جزن کي اُجاگر ڪيو آهي.

تعارف: سر گهاتو شاهه صاحب جي رسالي جو سورهون سر آهي، جو فقط هڪ داستان تي ٻڌل آهي ۽ رسالي جي پاڙيءَ وارن سرن سريراڳ، سامونڊي ۽ سارنگ ڪانپوءِ هي چوٿون سر آهي، جنهن ۾ شاهه صاحب موررڙي ۽ مڇ جي تمثيلي ڪهاڻي آندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهاڻي (Piot): شاهه صاحب هن هڪ ئي داستان تي مشتمل ايڪانڪي ڊرامــا (One Act Play) جــي ڪهاڻــي آرنيسٽ هيمنگوي جي جڳ مشهور ناول "The old man and the sea" وانگر مهراڻ جي مهاساگر مان ئي شروع ڪئي آهي ۽ سڄي ڪهاڻيءَ جو تاڃي پيٽو مهاساگر جي وسيع ڪئنواس (Canvas) تي اُڻندي ڪهاڻيءَ کي اتي ئي اختتام پذير ڏيکاريو اٿس. ڪهاڻيءَ ۾ موجن ڀريو مهراڻ مستيءَ ۾ ڏيکاريل آهي. اڄ درياهه جي دهشت ڏسي وڏا وريام، داناءَ ڏوڙي سڄاڻ بــه هوش وڃائي ويٺا آهن. آچون پڳون ڀريل ملاح يعني مورڙي جا پاڌر وڏا پالا ڪٽي ڪلاچيءَ جي ڪُنَ ۾ ڪاهي پيا آهن. پاڌرن موت نه ڪئي، ادن دير لائي. هيءَ موچاري ٽولي شايد ڪُنَ ورائي ڇهلي آهي. مورڙي جا پاڌر مهاساگر ۾ سمائجي ويا. سندن اڇون پسيل پڳون ۽ ڀيڙين جا ونجهه ۽ اولا وهڪري ۾ لڙهڻ لڳا. ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ اهڙو ڪو قهر ٿيو ڏسجي جو جيڪو گهڙي ٿو سو مور نٿو موٽي:

ماڪ پچايـن مولهيا، مٿان رات پئي،
اوليون اُجهڻ لڳيون، ويا ونجهه وهي،
ڪلاچيان ڪهي، ڪڏهين ڪونه آئيو.

حضرت شاهه صاحب ڪهاڻيءَ کي الميه يعني Tragical بنائيندي ان ۾ يوناني الميه ڊرامن جون بـه خصوصيتون بيان ڪيون آهن. پهرين خصوصيت آهي مکيه ڪردارن جي بهادري ۽ سورهيائي جا ڪارناما ۽ ٻي گهاتوئن جي گهر وارين جي واتان وڇوڙي جا ورلاپ، حضرت شاهه صاحب انهن مهراڻــي مينڌرن جي ٽوليءَ کي ڇڳير يعني ڪلنگيءَ وارا ۽ خاصي ڪير يعني موچاري جماعت سان تعلق رکندڙ ڪري مخاطب ڪيو آهي. اهڙي طرح سان هنن جوڌن جوانن جي سورهيائيءَ جــو ذڪر آندو اٿس. ٻئي پاسي گهاتوئڙن جي گهر واپس نه اچڻ سبب سندن ونيون ۽ وهيون وڇوڙي جا ورلاپ ۽ جدائيءَ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آلاپ ڏيندي نجهري ۾ نهوڙيل ڏيکاريون اٿس. فرمائي ٿو:

ترپون پسان نه تار ۾، جهڳا جاه نه ڪن
مادرا ملاحسن، ماڳ نـه ڊويا مڪڙا

يا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

گهاتـو گهر نـه آئيا، وڏي لڳين وار
هيس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا

شاهه صاحب سر سريراڳ ۾ سامونڊي ۾ ڀڻ ونجارن
جي وهن جي پرين لاءِ پچار جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي:

نه سي ٽڙ هوراڪ، نه وايون ونجارن جون،
سرتيون سامونڊين جا اڄ پسڻ چڪيم چاڪ،
مـاريـنم فـراق، پـاريچيون پـريـن جا.

حضرت شاهه صاحب جي آڏو انهن ڪوندرن ۽ ڪوپن
جي وڏي عزت ۽ احترام آهي. سندس خيال ۾ هنن جي جدائي
نه فقط انسانن لاءِ پر سڄائي سمنڊ ۽ مٿي مٿي مهراڻ لاءِ ڀي
افسوس ناڪ آهي ايتري قدر جو سندن وڇوڙي جي غم ۾ دادلو
درياءُ ٻه سڪي ٻيلائيون ٿي ويو آهي ۽ چوڌاري واريءَ جا
دڙا لڳي ويا آهن:

جتي گهوريـو گهاتئين، تتي واريءَ ٻٽ
سهسين سانيءَ مٽ، سر سڪو سونگي گيا.

شاهه صاحب غم والم جي تصوير چٽيندي اهڙو ساڳيو
خيال سر ڪيڏاري ۾ ڀڻ ڏيکاريو آهي ته ڪيئن نه حسن
مير حسين جي شهادت تي ماڻهن، مرن ۽ ملڪن ماتم ڪيو
۽ شهزادن جي شهادت تي پکين پاڻ پٽوڙيو:

حسن مير حسين کي رنسو ڏن ٿولن،
گهر ماڙهين، جهنگ مروئن، آپن ۾ ملڪن،
پکين پاڻ پڇاڙيو، نه لڌيو هوت وڃن،
آلا! شهزادن، سويون ڏٺين، سچا ڏٺـي!

سر گهاتو جي مطالعي ڪانپوءِ اهو اندازو بخوبي لڳائي

سگهجي ٿو ته هن سر جي سڄي ڪهاڻي مذڪوره ٻن ڳالهين جي چوڌاري ڦري ٿي ۽ آخر ۾ ڪهاڻيءَ کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب انهيءَ معرڪي جو ذڪر آندو آهي جنهن ۾ ڪلاچيءَ جي ڪن ۾ رهندڙ ميڪر يا مانگر مڇ کي مارڻ جا سانباها ٿين ٿا. مورڙو ۽ سندس ساٿي جيڪي گهاتوئڙن جي جدائيءَ ڪانپوءِ هڪ پلڪ لاءِ به آرامي ٿي نه ويٺا هئا ۽ سک جي ننڊ نه ستا هئا سي مڇ کي ڳولهيندي ڪن ۾ ڪاهي پيا، ٻوڙي ٿي ٻيڄ ٿي آخر ميڪر ماري سرها ٿيا.

گهوريندي گهور پيا، اگهور گهوريائون
ميڪر مارياءِئون، ملاحن منهن سنرا.

ڪردار نگاري (Charaterisation) ڊراما ۾ ڪهاڻيءَ

ڪان پوءِ ڪردارنگاريءَ جي اهميت سڀ ڪان وڌيڪ مڃي وڃي ٿي. ارسطو پنهنجي ڪتاب "Poetics and Rhetoric" ۾ ڪردارنگاريءَ کي ڊراما جو ٻيو مکيه عنصر قرار ڏنو آهي. حضرت شاهه صاحب سر گهاتوءَ ۾ جن ڪردارن کي آندو آهي تن ۾ سڀ ڪان پهرين مورڙي جي انهن ڇهن ڀائرن جو تعارف ڪرائيندي کين ماهرن ڪان مٿي ۽ سورمن ڪان سرس ڪري ڏيکاريو اٿس.

گهنگهر ڀيا گهڻ ڇاڻ، موڙهي مت مهائيين،
ويــا ڳــڏجـــي وير ۾، پيا منهن مهراڻ.

شاهه صاحب کين ڪٿي ڇڳهير ته ڪٿي گهاتو ۽ گهاتوئڙا
پڻ ڪري سڏيو آهي.

ڪالهه ڪلاچيءَ ويا ڇتيون ڪٺي ڇڳهير
ڀائرن ڀيرو نه ڪيو آدن ڪي آويــر

يــــا

گهاتو گهر نــه آئــيــا، وڏي لڳين وار،

يـــا

گهر ۾ گهاتوئڙن جا تا ماريندا ٿاڪ وغيره.
جيئن ته موريءَ سنڌس پاڙين جو تندي جي لحاظ کان مڇي مارڻ سان واسطو رهيو آهي، انهيءَ کري شاه صاحب کين کسب جي خيال کان ملاح پڻ کري کوٺيو آهي:

مادر! ملاحن، ماڳ نه ڏويا مڪڙا.

حضرت شاه صاحب جي وسيع النظري ۽ ڪردارنگاريءَ تي پختي گرفت جو بهترين مثال اهو آهي جو مڇي وٺي وڪڻندڙن، سونگين يعني محصول اڳاڙيندڙن ۽ مدارن يعني ڪونيدارن کي به نه وساريو اٿس؛ فرمائي ٿو:

جتي گهوريــو گهاتوئين، تتي واري ٻت
سهسين سائي منڌ، سر سڪو سونگي گيا

يــا

مـون آڏاريـا مڇڙا، الله! گهاتــو آڻ،
ميان مدارن سين، مون کي قادر وجهه ۾ڪاڻ

شاه صاحب جي ڪردارنگاريءَ جو ٻيو وڏو ڪمال اهو آهي جو سنڌس مک ڪردار پاڪيزه ۽ وڏيءَ وصف وارا آهن. جڏهين ملاحن ۽ گهاتوئن جون گهر واريون سندن وڇوڙي جــي ڪري ورلاپ ڪن ٿيون تڏهين هو مــاءُ سان مخاطب ٿين ٿيون:

مادر! مـلاحن، مــاڪ نـه ڏويـا مڪڙا،

يــا

مادر! ملاحن جا ويــٺــي سـهـان سور
مونکي ڪري ملور، اونهي ويـا اوهري.

ڏٺو ويندو ته دنيا ۾ ماءُ جو ڪردار سڀ کان اهم ۽ عظيم ليکيو ويندو آهي. شاه صاحب رسالي جــي ٻين ڪيترن سرن ۾ ماءُ جي ڪردار کي مادر-ماءُ يا امڙ جي مختلف نالن سان پڻ آندو آهي.

حضرت شاه صاحب جي ڪردارنگاريءَ تي جيڪڏهين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مجموعي نظر وجهي ته احساس ٿيندو ته شاه صاحب نه رڳو سنڌ جي مختلف ڌنڌن سان واسطو رکندڙ ڪاسبين کان واقف آهي پر سندس چاڻ ايتري قدر ته وسيع، مڪمل ۽ همگير آهي جو ان ڌنڌي سان وابسته ٻين ڪردارن جي مخصوص نالن کي پڻ اجاگر ڪري ٿو. ساڳئي وقت، شاه صاحب جا مختلف ڪردار نه رڳو باهمت، بردبار ۽ بهادر آهن پر هو ساڳئي وقت باشعور ۽ اخلاق جا مجسما پڻ آهن. جيتوڻيڪ هن سر ۾ مهاڻن گهاتوئن ۽ ناکئن جو ذڪر آندل آهي، پر انهن ڪردارن کي شاه صاحب هڪ طرف عزم و استقلال جا پيڪر ڪري ڏيکاريو آهي ته ٻئي طرف فرض شناس ۽ مقصد ميڙڻ لاءِ سر ڌڙ جي بازي لڳائيندڙ جوڌا ڪري پيش ڪيو آهي.

گفتگو يا مڪالما (Dialogue) ڊراما جو ٽيون اهم جزو يا مکيه عنصر ڊائيلاگ يا گفتگو آهي. ڊراما جو ليکڪ هرڪردار کي گفتگو جي ذريعي نروار ڪري ٿو ۽ مڪالمن جي معرفت سندن اندروني جذبن ۽ احساسن کي اجاگر ڪري ٿو. هن سر ۾ پڻ شاه صاحب گهاتوئڙن جي گهر وارين جي واتان گفتگو پيش ڪندي سندن دلي ڪيفيتن ۽ اندروني احساسن کي اجاگر ڪيو آهي. شاه صاحب انهن ناکئن جي زالن ۽ گهاتوئن جي گهر وارين جي واجهائڻ ۽ جدائيءَ ۾ آلاپڻ جو منظر نهايت پر درد لفظن ۾ پيش ڪيو آهي. هڪ ناکئي جي زال گهاتوءَ جي گهر نه اچڻ سبب پنهنجي ماءُ سان هيئين مخاطب ٿئي ٿي:

> تريون پسان نه تار ۾، جڳها جاه نه ڪن،
> مادر! ملاحن، ماڳ نه ڏٺا مڪڙا.

ٻئي هنڌ چوي ٿو:

> ڪال ڪلاچي ويا، گهاتو ڪري گهور،
> مادر! ملاحن جا، ويئي سهان سور،
> منکي ڪري مدور، اونهي ويا اوهري.

سندن آلاپ ۽ ورلاپ ته ڏسو ڪيڏو نه انهن ۾ درد ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سوز سمايل آهي جو پڙهندي دل کي جهٻي اچيو وڃي ۽ اندر مان آه ٿي نڪري. شاه صاحب جي گفتگو جو هي‍ ۽ انداز جنهنکي پاڻ مرادي گفتگو چئبو آهي، ٻين سرن مثلا ليلا چنيسر ۽ سر سامونڊي ۾ پڻ آندل آهي. شاه صاحب سر سامونڊي ۾ وڻجارن جي وهن جي پاڻ مرادي گفتگو هن انداز ۾ آندي آهي:

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃن جون،
هلڻ هارا سپرين، رڻان تان نه رهن،
آءُ جهلينديس ڪيترو، آيل سامونڊين،
پڳهه چوڙي جن، وڏا پيڙا پار ۾.

ساڳئي وقت سر ليلا چنيسر ۾ ڪونرو جو چنيسر سان ريجهڻ ۽ محل ۾ ... ي رات رهڻ تي ليلا پنهنجو پاڻ سان مخاطب ٿي چوي ٿي:

سوڙيين ستاڙيءَ، پڪو سهو ولاريو،
چنيسر ڪانڌ آءَ! تان مون هئن نه پانئيو!

لباس يا پوشاڪ (Costumes) ڪهاڻي، ڪردارنگاري ۽ گفتگو ڪانپوءِ ڊراما ۾ لباس يا پوشاڪ جي زيبائش ۽ سينگار کي وڏي اهميت حاصل رهي آهي اهل يونان وٽ ڊرامن جي پيشڪش مهل ٻين ڳالهين کان علاوه لباس يا پوشاڪ جي زيبائش ڏانهن پڻ خاص طرح توجهه ڏنو ويندو هو. مختلف ڪردارن جون اهي پوشاڪون روايتي انداز جون ۽ ڪافي وزني هونديون هيون ۽ هنن ۾ ٿلهين ڳادين وارا ڪوٽ ۽ صدريون يا ٽوپيون ۽ خاص قسم جا جوتا هوندا هئا، جن جي پائڻ سان اهي ڪردار مملوڪ ۽ موچارا لڳندا هئا ۽ انهيءَ قسم جو شاهي ٺاٺ باٺ وارو لباس سندن جسم تي ٺهڪي ايندو هو. ان کان علاوه هو مختلف قسمن جا نقاب (Masks) پڻ پهريندا هئا، جن سان انهن ڪردارن ۾ وڏيک شان ۽ مان پيدا ٿيندو هو. يونان جي عظيم ڊراما نگارن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسڪائيلس جو انوکو ڪردار اوريسٽس (Orestes) سوفوڪليس جو اجاڪس (Ajax) ۽ يوريپيڊس جو ميڊيا (Medea) اهي زنده جاويد ڪردار آهن، جنگي سندس لباس جي مخصوص انداز ڪري شهرت حاصل ٿي.

حضرت شاه عبداللطيف رحه پڻ پنهنجن مختلف تمثيلي سرن ۾ ڪردارن جي لباس ۽ پوشاڪ جو ذڪر آندو آهي ۽ انهيءَ ذريعي سان پنهنجن ڪردارن جي سڃاڻپ ڪرائي آهي. مثلا سر ليلا چنيسر ۾ ليلا جي هار سينگار جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو اٿس:

سونا ڪر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهوڙا ٻانهن ۾، سيند سٽيا وار،
تيلانه پيءَ ٻچار، ڪانڌ منهنجي ڇڏي.

اهڙيءَ طرح سر مومل راڻي ۾ مومل ۽ سندس سرتين جي لباس ۽ زيبائش جو ذڪر هيئن ڪيو اٿس:

جهڙا گل گلاب جا تهڙا مٿس ويس؛
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها! هو هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن اچن نيش،
لالڻ جي لبيس، آتڻ آڪر نہ اجهي.

ٻيا

جهڙا پاڻن پن تهڙيون سالون مٿن سايون
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڻو مشڪ سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين، لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهہ مرڪيس من، سوڍي سين سڳ ٿيو.

ساڳئي سر ۾ شاه صاحب سامي فقير جي سڃاڻپ ڪرائيندي سندس پوشاڪ ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو هنن لفظن ۾ نقش چٽيو آهي:

آءُ لانگوٽيا لال! ڪنهن پر ڏٺئي گجريون؟

ٻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سامي سيلو سر تي، مالا موچاري.

پيا

سائي سال ڪلهن تي، سامي سون سري.

پيا

سچ سپائي جا ڪري، سامي سائي روءِ،
اچي تي عطر جي، منجهان مگٹ بوءِ.

سر گھاتوءَ ۾ شاه صاحب نه صرف ملاحن يعني مورڙي ۽ پائرن کي ”مولهيا“ يعني اچون پڳون پهريل ۽ هٿن ۾ ”چتيون“ يعني مڇي مارڻ جا وڏا پالا ڪنيل ڏيکاريو آهي پر سندن رچ پڻ رنگيل ۽ پختي يا مضبوط ڏور جا نهيل ڏيکاريا اٿس. فرمائي ٿو:

جان گھڙندا گھاتوئا، تان رچن ڏهو رنگ،
سڳائيون ۽ سنگ، ڪلاچيءَ ڪير ڪري.

يا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

جڻ جهڳا پائين جهول ۾، اڏن نه مرن مڇ
سپر ڌار سمنڊ جا، ڪي راڻون رگيو رچ
هي چارون ۽ چڇ، اجان اوڙاهه اڳاهون ٿيو

مقصديت: حضرت شاه صاحب هن سر ۾ پڻ هڪ گوڙهي تمثيل رچي آهي. سندس آڏو هيءُ سنسار مهاساگر (سمان) آهي، جنهن ۾ انسان مورڙي ۽ سندن پائرن جيان پيا گذارين. سندن اندر ۾ مانگر مڇ يعني ”نفس“ موجود آهي. انسان جي اندر ۾ حرص ۽ هوس جو ڪن هروقت جولانيون پيو هڻي. طمع ۽ لالچ جو ڪو ڪاتوئي ڪونهي. اهو نفس جبرن انسانن (مورڙي ۽ سندس پائرن) کي به ذاليل ۽ خوار ڪري ماڇپي مان ڪڍيو ڇڏي. شاه صاحب انهيءَ بري تي بچ ڪرڻ جي تلقين ڪندي هن سر ۾ سالڪ کي نفس مارڻ لاءِ ڪشالا ڪيڻ ۽ وڏاندري ويڙهه جوڙڻ جو سبق ڏنو آهي.

فرمائي ٿو:

ڪاهي وڃو ناکئان! ڪريو بري تي بڇ،
گهاتو گهر نه آيا.

حضرت شاهه صاحب هن سر ۾ انسان کي عزم و استقلال جو پيڪر بنجي نفس سان جنگ جوٽڻ جي تلقين ڪندي ڪيس جدوجهد ڪرڻ ۽ ارڏي ۽ اڙانگي نفس کي مارڻ لاءِ ڪي رستا ۽ راهون ڏسيون آهن. سندس خيال ۾ انسان جي اندر ويٺل مڇ کي مارڻ لاءِ فقط عبادت ۽ رياضت ڪافي نه آهي پر تن کي تسيا ڏئي مٿي مهراڻ ۾ ٽپي پوڻو آهي ۽ مڇ يعني نفس کي نابود ڪري سالڪ کي مالڪ اڳيان سرهو ٿيڻو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيد اسدالله شاهہ بخاري

سر گھاتو جو مقصد

جي تو بيت ٻانيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

مٿيون بيت سر سهڻي جي داستان ڇهين جو سورهون بيت آهي. هن بيت ۾ ڀلاري ڀٽ ڌڻي نصيحت ڪرڻ فرمائي آهي ته: ”منهنجي ڪلام کي تون بيت ٿو ڀائين، پر حقيقت ۾ هي آيتون آهن.“ چاڪاڻ ته آيتن مثل عبديت جي ناتي کي حقيقي معبود سان جوڙن ٿا.“ معلوم ٿيو ته بيت عبديت جو بيان ڪن ٿا، عبديت ۽ معرفت جي راهہ جو تفصيل بيان ڪن ٿا.

آيت جي لفظي معني نشاني آهي. قرآني آيتون پڻ ٻانهي لاءِ سندس حقيقي معبود جي سڃاڻ جو وسيلو آهن. جيئن جيئن وسيلو محڪم ٿيندو ٿو تيئن تيئن يقين وڌي ٿو، تسليم قائم ٿئي ٿي ۽ ڀروسو ڪامل ٿئي ٿو.. سورت الانفال جي آيت نمبر ٢ ۾ واضح آهي:

”۽ جڏهن هنن تي آيتون پڙهيون وڃن ٿيون.
ته هنن جو يقين وڌي ٿو، ۽ پنهنجي رب تي ڀروسو رکن ٿا.“

صاف ظاهر آهي ته لطيفي نصيحت قرآني هدايت جي ترجماني آهي.

(١) سر گهاتو اوڀائي مهائي، رهندڙ سون مياڻي، جي سٺن ڀٽن جو قصو آهي. ڇهہ ڀائر جوڏا جوان، پنهنجي فن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماهر ۽ گهٽي شڪار جا شوقين هئا. هنن جي ڪردار جي وضاحت لطيف سائين بيت نمبر ١ ۾ ڪئي آهي. فرمائين ٿا ته:

گهنگهرئا گهڻ چاڻ، موڙهي مت مهائيين،
ويا گڏجي ويرَ ۾، پڙما منڊ مهراڻ،
اڳيان پويان تاڻ، ويا ويچارن وسري.

"سمنڊ جا گهڻ چاڻ پونر پر منجهي پيا ۽ سندن وايون ولڙيون ٿي ويون.

چڙهندڙ وير سان گڏجي وڃي سمنڊ جي اوڙاهہ ۾ پيا.
هنن کان چڙهندڙ ۽ لهندڙ ويرن جو تجربو وسري ويو."

(١) وير نشاني آهي جذبات جي ۽ چڙهندڙ وير علت آهي حرص هوس جي.

(٢) رزق حلال جي تلاش ۾ نڪرڻ وقت جو ڌاڻ آهي توڪل الا الله ۽ واپس ورڻ وقت جو تاڻ آهي اظهار تشڪر. (٣) سمنڊ آهي رزق حلال ۽ معاشي خوش حالي جو ذخيرو (٤) ترندڙ ڪشتي آهي روزاني رزق جي ڳولا لاءِ وسيلو. چڻ ته فضل الاهي جون نشانيون آهن. اهڙين هدايتن ڀريون نشانين جو ذڪر سورت النحل جي آيت نمبر ١٤ ۾ ٿيل آهي:

"۽ هن ۾ ترندڙ ٻيڙيون ڏسندو آهين.
ان لاءِ ته اوهين ڳوليو (معاش ڪي) سندس فضل سان، ته جيئن اوهين شڪر ڪريو."

(٢) معلوم ٿيو ته جوڌن جوانن کان توڪل ۽ شڪر ڪرڻ جا ڌاڻ وسري ويا. فني مهارت جي ناز ۽ گهٽائي جي شوق کان سندن عقل سليم گهنگهرجي پيو. هو متڪبر ٿي پيا هئا. تڪبر ڪندڙن کي الله پسند نٿو ڪري. جيئن سورة النحل جي آيت نمبر ٢٣ ۾ ظاهر آهي. قائدو آهي ته:

"بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي ظاهر ڪندا آهن بيشڪ هو وڏائي ڪندڙ کي پيار نه ڪندو آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جن کي الله جو پيار نصيب نہ آهي سي شيطان لعين
جا يار آهن، ڦهري مانگرمڇ شيطان جي تمثيل آهي. ڇهہ جوڙا
گھاتو وڏي وڏائي ڪندڙ تڪبر جي تمثيل آهن. هنن جو ٻچ
جي منهن پوڻ فطرتي فيصلي مطابق هو.

٣- (١) گھاتوئڙن جي اجل ڪانپوہ هنن جي گھر ۽
بـزار جي معاشي منديءَ جو بيان پٽ ڏٺيءَ پنهنجي بيت
نمبر ١١ ۾ ڪيو آهي. چون ٿا تہ:

نڪا بوہ بازار ۾، نڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرين جـي، اڳـي هئي اکٽ،
سي پڙ پسيو پٽ، ماڙهو وڃن موٽئا.

”هاٽي بزار ۾ نڪا مڇيءَ جـي بوءِ نڪا چلرن جي
ڪڪاڻ آهي. گھاتوئڙن هوندي بازار ۾ ڏنيرو مڇي جام هوندي
هئي، بازار خالي ڏسي ماڻهون موٽيا ٿا وڃن.“

(٢) معلوم ٿيو تہ جوڏن- گھاتن جي مهارت ۽ سندن
ڪثير ڪمائي ڪم نہ آئي. هنن جو وجود ڄڻ تہ ابو لهب
جي تمثيل آهي، جنهن جي ڏاهپ ۽ ڪثير مـال جو ذڪر
سوره الهب جي آيت نمبر ٢ ۾ آيو آهي. وحي ٿيو تہ:

”ڪم نہ آيو هن جو مال جيڪي ڪمايائين.“

٤- (١) گھاتوئڙي جي دانهن ۽ رحمت خداوندي لاءِ
عاجزي ۽ نيازي جي پڪار جو بيان پٽ جي بـادشاهہ بيت
نمبر ١٢ ۾ ڪيو آهي. چون ٿا تہ:

مون اڏاريا مڇڙا، الله! گھاتو آڻ،
ميان مڏارن سين، مونکي قادر وجهہ م ڪاڻ،
هٺ منهنجي هاڻ، قدر لڌو جن ري.

گھاتوئڙي الله کي چوي ٿي تہ: ”اي جڳ جا پالڻهار
مان مڇي اڏاري وٺـان ٿي، مونکي مرچوٽ مـڏيءَ وارن جي
محتاجيءَ کان ڇڏاءِ، منهنجا گھاتو گھر آڻ. مونکي هنن جي
جدائي جو هاڻي چڱيءَ طرح قدر ٿيو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۳) گھاتوئڙيءَ جي اها دعا درحقيقت حضرت يونس جي دعا جي ترجماني آهي. ڏسو سوره الانبياء جي آيت نمبر ۸۷:

”پوءِ اونداهين ۾ دانهون ڪيائين ته توکانسواءِ ڪو معبود نه آهي تون پاڪ آهين، آءٌ گنهگارن مان آهيان.“

۵- (۱) دعا قبول ٿي. ستين گھاتوڙي نالي موررڙي عاجز مٿان استقامت ۽ استقلال جي جوهرن جي بخشش ٿي. هُن ڦهري مڇ کي مارڻ جو عزم ڪيو. سات جي همراهيءَ سان سات سٽيائين. مانگر کي گهلي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ سانن جي جوڙي، ڪنڊاڻون ڪوڙڪو ۽ مضبوط- ڊگھا رسا ميسر ڪيائين. رسن جو هڪ مٿو سانن جي ٻاچاريءَ سان ٻڌائين ۽ ٻيو ڇيڙو ڪوڙڪي سان جوڙيائين. سانن واري سات کي هدايت ڪيائين ته رسن کي لڏندي ڏسڻ سان سانن کي پوري قوت سان هڪليندا. پاڻ ڪنڊائين ڪوڙڪي سان اٽي سڙهه سنوان ڪيائين ۽ ڪلاچيءَ ڪن پيڙو ٿيو. ڪوڙڪي ۾ ويهي پاڻ کي اڇلرايائين. اگهيان مانگرمڇ به ڪٽي هن کي منهن وڌو. بس پوءِ ته ڪوڙڪي جي ڪنڊن هن کي ڪٽي ڇاڙين ڪان جهليو، رسا لڏيا، سانن الله تو آهر ڪئي. مانگر گهلجي اچي سڪي پر سوڪ ٿيو. مورڙو ٻاهر آيو ۽ ملاحن مورو ڏٺو. پوءِ جوڏن گهاتن جا ڪرنگها ڪوري ڪيڏي نزديڪ پهاڙ جي دامن ۾ دفن ڪيائون. مورڙو تنهن بعد پنهنجي پڇاڙيءَ اتي مدفن ٿيو. مورڙي جو مقام اڄ به جهان وارن لاءِ عبرت گاهه آهي. مورڙي ۽ سندس سات جي ڪامل جهاد جو ذڪر پٽ ڌڻي پنهنجي بيت نمبر ۱۵ ۾ هن ريت ڪيو آهي:

گهورندي گهور پيا، آ گهور گهوريائون،
منهڪر ماريائون، ملاحن مُنهه سنرا.

مورڙو سات سميت ڏانگهي سمنڊ ۾ ڪاهي پيو.

ڦهري ڪن کي ڳولي لڌائون. پوءِ مانگر مڇي کي ماريائون ۽ ملاحن جا چهرا سوڀ سببان سرها ٿي پيا.

٢- (١) مورڙي جا سان نشاني آهن همت ۽ جوان مڙديءَ جي.

(٢) رسا علت آهن توڪلت الاالله جي.

(٣) ڪنڌائون ڪوڙڪو يا پنجرو مظهر آهي الله جي پناهه جو.

(٤) سرها چهرا اظهار تشڪر جي، تصديق آهن.

(٥) ملاحن جو سات ثابتي آهي اتحاد جي.

ملاحن جي تدبير عين فرمانبرداري هئي فطرتي قانون جي تنهنڪري ڪاميابي هنن جي تقدير هئي ۽ اهڙي صورتحال جي تصديق قرآن ڪري ٿو. سوره اسرائيل جي آيت نمبر ٢١ ۾ اهڙي تصديق جو ذڪر آهي. وحي ٿيو ته:

”ڏس ته ڪيئن نه اسان افضل ڪيو آهي هڪڙن کي ٻين کان.“

٣- مورڙي جي ڪشتي ۽ سندس سات جي سلامتي عقلمندن لاءِ حڪمت الاهي جي روشن نشاني آهي. سچ تہ مورڙي جي ڪشتي نوح جي ڪشتيءَ جي تمثيل آهي. سوره العنڪبوت جي آيت نمبر ١٥ ۾ ٻڌايل آهي تہ:

”پوءِ ان کي بچايوسون ۽ ٻيڙيءَ وارن کي بچايوسون ۽ ان کي جهان وارن لاءِ نشاني ڪيوسون.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر مير محمد پيرو

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت

سنڌ جي ڪامل ولي ۽ ڪامل شاعر سيد عبداللطيف ڀٽائي رحه جي هن بيت ”جي تون بيت ڀانئين، سي آيتون آهين“ کي ڌيان ۾ رکجي ٿو، ته ان جي صداقت جي اقرار ڪرڻ کان رهي نه سگهبو. ڇو ته شاهه صاحب جا ڪيترا اهڙا بيت ملندا، جيڪي سچ پچ قرآني آيات جو تفسير معلوم ٿيندا. ان کان سواءِ جيتري قدر شاهه صاحب جي هٿي ڪلام کي نظر ۾ رکجي ٿو ته زندگي جو ڪوبه اهڙو جز نه آهي، جنهن تي شاهه صاحب رحه طبع آزمائي نه ڪئي آهي. توحيد ۽ رسالت هجي يا تسليم و رضا، قناعت ۽ سادگي هجي يا سخاوت، حق ۽ صداقت هجي يا نفس سان جهاد، روحاني اقدار ۾ اخلاق جي قدر ۽ منزلت هجي يا ملڪ سان محبت، نوريءَ جو نياز هجي يا سسئيءَ جي غفلت ۽ گينواري، ليلا جو لوڀ هجي يا مومل جو مجاز، مادي اسباب جي طلب هجي يا سنڌائي سفر جو بيان ۽ سمر وغيره، مطلب ته هن بزرگ ڀلاري ڪا اهڙي ڳالهه نه ڇڏي آهي، جنهن تي فڪر رسا ذڪر ۽ بيان نه ڪيو آهي.

جيتري قدر دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت جو تعلق آهي، هن لاءِ الله جي ڪلام مجيد جي سوره انعام جي هن آيت کي نظر ۾ رکجي ٿو، ته سچي حقيقت ظاهر ٿي پوي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارشاد باري تعاليٰ آهي:

ترجمو: ”دنيا جي زندگاني راند روند، وندر ۽ تفريح کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي ۽ آخرت جو گهر انهن ماڻهن لاءِ بهتر آهي، جيڪي پرهيزگاري ڪن ٿا. پوءِ توهان نه ٿا سمجهو.“

قرآن مجيد جي مذڪوره بيان مان هيءَ ڳالهه چٽيءَ طرح معلوم ٿئي ٿي، ته هيءَ دنيا انسان جو آخري آرام گاهه نه آهي ۽ نه وري ان جي ڪا مستقل حقيقت آهي. بس گذر جو مڪان آهي، جيئن ڪو مسافر پنهنجو مختصر سفر پورو ڪري هليو وڃي. تعجب هن ڳالهه جو آهي ته انسان آخر هيءَ ڳالهه ڇو نه ٿو سمجهي؟ درحقيقت هن ڪي ته هن دنيا ۾ رهڻ واري عرصي جي محاسبي لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

هن دنيا جي حقيقت، ماهيت ۽ مدت ڪيتري آهي، ان ڪي ڪٿي لطيف ’ڏون ڏينهن‘ ته ڪٿي وري ان کان به گهٽ بيان ڪيو آهي، ڏٺو ويندو ته لطيف سائين جي نظر ۾ هيءَ دنيا ايتري ته مختصر مدت واري آهي، جو حيرت وٺيو وڃي. جيئن شاهه صاحب فرمايو:

جرَ ڦوڙو جيئن، لهرن لڳي اڏ ٿئي،
ڏون پڻ آهين تيئن، دنيا ۾ ڪي ڏينهڙا.

ظاهر آهي ته جر ڦوٽي جي حقيقت ۽ ماهيت ڪهڙي ٿي ڇا آهي؟ اهو اک ڇنڀ ۾ پنهنجو وجود ئي وڃايو ڇڏي.

اهڙي ريت پيٽ ڏٺي ڀلارو هن دنيا ڪي ڪڏهن ساگر ته ڪڏهن مها ساگر ته ڪڏهن درياهُ سڏي، انسان کي ان مان پار پوڻ جا حيلا ۽ وسيلا ٻڌائي، سرخرو ٿي حاصل ڪرڻ جي تلقين ٿو ڪري.

سر سهڻيءَ ۾ شاهه صاحب هن دنيا کي مهراڻ سان مشابهت ڏئي، ننجهس رهندڙ جر جي جانارن کان بچي، پار پئي ميهار ماڻڻ جي هدايت ڪئي، ته سر سريراڳ ۾ سمنڊ ته ڪڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ديواني درياءَ سان پيٽ ڪري، پنهنجي وجود يعني غاريبي غوراب کي ڪنهن به خوف ۽ خطري يا اوچتي آفت ڪان بچي پار پون جون دعائون پيو ڪري.

جيئن شاهه صاحب فرمايو:

اڙ، لهريون، لس، ليٽ، جتي انت نه آب جو،
الله! آتِ نـه اولئين، پيـڙا متـي پيٽ،
جوکو ٿئي مَ جهاز کي، ڦرهي اچي مَ ڦيٽ،
لڳي ڪامَ لپيٽ، هـن غاريبي غـراب کي.

هيڏانهن وري شاهه صاحب سر حسيني ۾ پنهور کي هن دنيا سان پيٽ ڪري، ان جي عذاب ۽ آزمائش کي دوزخ جو دونهون سڏيو. وري سر بروو سنڌي ۾ هن دنيا جي حقيقت هيئن بيان فرمائي:

فانـي ڙي فانـي، دنيـا دم هيڪڙو،

يا

پيئرهـن پنهور ۾ دوزخ جـو دونهون

سر ڏهر ۾ ڪنڌي سان مخاطب ٿيندي، ان کي ڪمال ۽ زوال کان واقف ڪندي، دنيا جي بي ثباتي کي اجهوهيئن نروار ڪيو:

ڪنڌا! تون ڪيڏو، جڏهن پريو ڏور وهي؟
جسودن جيـڏو، تـو ڪـو گـڏيـو پهيـڙو؟

يـا

سچ ڪ سڪو ڏور، ڪنڌيءَ اڪ ڦلاريـا،
جنگن چڏيو زور، سـر سڪو سونگـي گيـا.

هيئر جڏهن ڏور ڏري ويو ته ڪنڌا! تنهنجو زوال اچي ويو. اڄ اتي اها باغ و بهار نه رهي آهي، پر ان ڏوري تي اڪ ڦلاريا آهن ۽ اهي محصول ونڌڙ به نه رهيا آهن. گويا سڀ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فنا آهي. رهي نانءُ الله جو!

الله جي آخري رسول ۽ هادي برحق ﷺ هن دنيا کي هيئن سمجهيو:

”هيءُ دنيا مومن لاءِ قيد آهي ۽ ڪافرن لاءِ بهشت.“

مومن جو روح هن دنيا کي قيد سمجهي، پنهنجي ابدي ماڳ ۽ مڪان ڏانهن واپس ورڻ لاءِ بي قرار رهي ٿو ۽ ڪافر وري هن ئي دنيا کي ابدي جاءِ سمجهي هتي جي آسائش ۽ آرام کي فوقيت ڏئي ٿو.

اهڙي ريت صحابهءِ ڪرام ۽ اولياءَ ۽ سالڪ به هن دنيا کي عارضي مسڪن سمجهي، ان کي نظرانداز ڪندا رهيا. حضرت خواجه حسن بصري لاءِ مشهور آهي ته هڪ دفعي هڪ ميت جي تدفين لاءِ قبرسان ويا ۽ جڏهن ان مان واندا ٿيا، ته قبر جي مٿن کان ويهي ايترو ته رنا جو قبر جي مٽي به آلي ٿي ويئي. ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون، ته جڏهن انسان جي آخري منزل ۽ آخرت هيءَ ئي آهي ته پوءِ اهڙي دنيا جي تمنا ڇو ڪجي؟ ان تي موجود ماڻهو به زارو قطار روئڻ لڳا، تڏهن ته شاهه صاحب رحه آخرت جي پهرين منزل قبر لاءِ هيئن فرمايو:

اَجل ايندو اوچتو، جو سدا ٿو سڄي، جاڳو جيڏيون
اڳيان اونداهيءَ جو سمر ساڻ ڪجي جاڳو
ڪڻ ڏون قوت قبر جو، گهڻو ٿو گهرجي، جاڳو

جيئن اڳ ٻڌايو ويو آهي ته پيٽ ڏني رحه به انسان جي هن زندگي کي فاني ۽ بي بقا سڏي، ان جي پهرين ۽ آخري منزل لاءِ تيار رهڻ جي تلقين ڪئي آهي. هن ئي آخري منزل يعني آخرت لاءِ رب جليل پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ واضح بيان فرمايو آهي: ”بيشڪ اهو ئي ته ان ڏينهن جو مختار ڪل ۽ مالڪ آهي.“

آخرت ڇا آهي ان لاءِ قرآن جيڪو تصور پيش ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو، سوهي آهي ته، خدا جي طرف کان هڪ مقرر وقت پوري هئڻ کان پوءِ هيءَ انساني دنيا ختم ڪئي ويندي. سڀ انسان زندگيءَ جي ان نئين دور ۾ داخل ٿيندا، جنهن جي شروعات حشر يا بعدالموت واقع ٿيندي. ان کان پوءِ خدا جي عدالت لڳندي ۽ ان ئي عدالت جي سامهون هر آدميءَ جو پورو چٽو پيش ٿيندو، جنهن ۾ انسان جا ظلم ته موجود هوندا، پر ان جي ڪيل ڏوهن ۽ ظلمن جا ستايل ۽ مظلوم مدعي بڻجي اٿندا. هن جا پنهنجا عضوا هن جا شاهد ٿيندا، جنهن لاءِ لطيف سائين فرمايو آهي ته ”ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندءِ سامهان.“ پوءِ فيصلو صادر ٿيندو. جيڪڏهن انسان پنهنجي زندگي نيڪي، پرهيزگاري ۽ تقويٰ سان گذاري هوندي ته ان جو اجر هن کي جنت ملندو. پر جيڪڏهن هن دنيوي زندگي جو سفر بدي ۾ گذاريو هوندو ته ان لاءِ هن کي جهنم جي صورت ۾ عذاب ملندو. هتي هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته انسان جو خير ۽ شر نيڪ ۽ بد جو ذري برابر عمل به ضايع نه ٿيندو، بلڪ ان مطابق انسان جزا ۽ سزا جو مستحق ٺهرايو ويندو.

شاهه صاحب به هن لاءِ هيئن فرمايو:

ويچيندي ولات ۾ ذرو ٿئي نه ضاءِ.

گويا خير ۽ شر جو ذرو به ضايع نه ٿيندو، بلڪ ان جو پورو پورو تورو توريو ويندو.

آخرت جي محاسبي جي هن عمل کان واقف ڪندي، اول کان آخري نبي تائين، الله طرفان رسول ۽ پيغمبر آيا ۽ پنهنجو پيغام پهچايو، بلڪ انهن ته بشير ۽ نذير جي حيثيت ۾ نيڪ اعمال جي اجر لاءِ خوشخبري ڏني ۽ بد اعمال لاءِ ڊيڄاريو ۽ ان کان سواءِ انسان کي سندس اوائلي عارضي زندگي جي حقيقت کان به واقف ڪيو. نه فقط ايترو بلڪ الله جي طرفان

Scanned with CamScanner

موڪليل رسولن انسان کي هدايت ۽ تلقين به اهڙي ڪئي يا اڃا به اهڙي وڪر وهائڻ جي صلاح ڏني، جيڪا اڳتي آخرت ۾ ڪم اچي، هن لاءِ لطيف سائينءَ به هيئن فرمايو:

وَکر سو وهاءِ، جو پڻي پراڻو نه ٿئي،
ساڪا هــڙ هلاءِ، آڳهه جنهنجي ابهين.

در حقيقت انسان جي دنيوي زندگي هڪ امتحان گاهه آهي، جتي انسان جي اعمال جي پرک مقصود آهي؛ ته هو الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن جهڙوڪ زندگي، علم، قوت ۽ اختيار جو ڪيئن استعمال ڪري ٿو. ڏنو ويندو ته امتحان جو هيءَ تصور ايمان ۽ تقويٰ جي راهه اختيار ڪرڻ جو محرڪ ۽ سبب بنجي ٿو ۽ بدي جي قوتن خلاف مقابلو ڪرڻ جي ترغيب ڏئي ٿو. ان ڪري لازمي آهي ته انسان، انسان سان محبت ڪري، ڪلفت، نفاق، نفرت ۽ ظلم کي جيءَ ۾ جاءِ نه ڏئي، بلڪ جيترو ٿي سگهي ته ان جي مذمت ڪري.

جيڪڏهن هيءَ عقيدهءِ آخرت انسان جي سامهون نه هجي ته انسان سڄي عمر ظلم ۽ گناهن ۾ گذاري، ڇو ته جڏهن هن عقيدو ئي اهو اختيار ڪيو آهي، ته هن جو امتحان ٿيڻو ئي نه آهي، ته پوءِ هو جيڪي چاهي، سو ڪري سگهي ٿو، پر ائين نه آهي. درحقيقت عقيده آخرت ۽ امتحان ضرور آهي. ان ڪري ته شاهه صاحب رحه سودو سڦرو ٿيڻ لاءِ ڪجهه مفيد نسخو ٻڌايو.

شاهه صاحب سُر سريراڳ ۾ فرمايو:

ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪچ، اٿي اور الله سين،
ڪيد تون دغا دل مان، صاحب وٺي سچ
محبت سندو مـــن ۾، ماڻڪ! ٻارج مچ
ان پــر اٿــي اچ، ته سودو ٿئي سڦرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب مختصر، مگر جامع لفظن ۾ کهڙو نه سهڻو نسخو ٻڌايو ته ڪوڙ ڪپٽ نه ڪمائجي ۽ دل مان دغا ڪڍجي، ڇو ته صاحب کي سچ وڻي ٿو. نه فقط ايترو بلڪ من ۾ محبت جو مچ ٻارجي. ان سان گڏ الله سان اورجي يعني ان جي عبديت اختيار ڪجي ۽ عبادت ڪجي. جڏهن اهي سڀ ڳالهيون ۽ امر ادا ٿيندا ته پوءِ اهو سودو ان حو سڦلو ٿيندو. بقول پيٿائيءَ جي ته:

”آنهن جا آسر، ڪڏهن ته خالي نه ٿئين“

هتي هيءَ ڳالهه واضح ڪرڻ ضروري آهي ته الله سان اورڻ لاءِ غفلت ۽ گهنواري ڇڏي سيرت ۽ سجاڳي اختيار ڪرڻي آهي، پر جيڪڏهن انسان هڪوار ستيءَ جيان، مونن ۾ منهن ويڙهي، سمهي ۽ اڻاسو رهيو، ته ان کي سستيءَ وارا ڏک ۽ ڏولاوا ئي ڏسڻا پوندا. لطيف رح به هن سمهڻ کي ساڙو سڏيو آهي، جئن فرمايو:

سهڻا ساڙو، جيڏيون! جيڏو ئي ٿيو.

ڏٺو ويندو ته هيءُ غفلت ۽ گهنواري، انسان کي الاهي امر ڇڏي، نفس اماره جي امر کڻي ڪري پڙ پئي آهي. جيئن لطيف سائين فرمايو:

خودي ۽ خدا، ڪين مائيندا من ۾،
ٻن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾.

درحقيقت قرآن جي حڪم موجب هيءُ لعب و لهو (کيل تماشو) به غفلت جي زمره ۾ داخل آهي. هيءَ خودي، هوڏ، هٺ، حرص ۽ نفساتي خواهشات سڀ الاهي امر جي خلاف آهن. هي اهي بيماريون آهن، جيڪي روحانيت کان کوهين دور ڪري، ماديت طرف مائل ڪنديون آهن. ان ڪري ته سستيءَ سنو، ليلا به ڪوڙي ڪٺي تي هر ڪجي، پنهنجو اکين ٺار ناڪر هٿان وڃايو. جيئن شاهه صاحب فرمايو:
”ناڪر اکين ٺار، مٿئين تي تي مٿئين“. هيڏانهن وري ڪونئرو ان هار کي هٿان ڇڏيو ته مقصود (چنيسر) ماڻيائين.

تڏهن تہ شاهہ صاحب رح جي چوڻ مطابق ليلا کي چوڏو پيو: ”کونئروءَ جو کرت، مونهان مٿانهون ٿيو.“ ظاهر آهي تہ دنيا تي موهجي، دنيا اختيار ڪبي تہ مقصود ۽ محبوب جي محبت کان قاصر رهڻو پوندو. پر جي کونئروءَ جيان دنيا کي تيج ۽ خسيس سمجھبو تہ مقصد ماڻڻ ۾ آساني ٿيندي.

نوريءَ جو بہ چام تماچيءَ کي سادگي ۽ نياز پسند هو. پوءِ پيل تہ ان جون سهاڳڻيون هار ۽ هَس پائي سوين سينگار ڪن ۽ پاڻ پسند ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن.

ملير جي مسڪين مارئي بہ تہ تڏهن امر ٿي ويئي، جڏهن هن سون تي سيڻ نہ مٽيا ۽ عمر جي پٽولن ۽ بخمل بافتن کي ڦٽو ڪري، ڪتل ڪتي ۽ ابائن جي لاکي لوئي مٿي تان نہ لاٿي. هن ويچاريءَ تہ عمر سومري جي محلاتن کي پنهن جي جهريل جهوپڙيءَ تي فوقيت نہ ڏني، گويا عمر جي جاهہ و جلال ۽ مادي اسباب کي زندگي جو محض مقصد تہ سمجھيو، پر هن جي آڏو آخري منزل ڪا ٻي هئي.

جيئن شاهہ صاحب فرمايو :

”ايءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي“.

يا

”پٽولا پنهواريون مورنہ مٿي ڪن،
جي لاڪ رتائون لوئيون، تہ سانئان سونهن.“

هن غريب، عمر جي ست رچين بجاءِ ڏکرن ۾ ڏريل رب کي پسند ڪيو، بلڪ فاقہ کي فرحت پانيو.

بس! هن کي جيڪڏهن ڪا ڳڻتي هئي تہ اها هئي تہ عمر جي هن عمل، هن کي ايڏو تہ مهٽي هاب ڪيو آهي، جو هن جو اهو حسن ۽ سونهن نہ رهي آهي. ان ڪري ملير موٽڻ تي هوءَ پنهنجي مارن کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندي؟ ڇو تہ کيس اها خبر آهي تہ ملير موٽڻ لاءِ هن کي اهو ئي اصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسن درڪار رهندو. جيئن شاهه صاحب فرمايو :

سونهن وڃايم سومرا! ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ري.

هن مان صاف ظاهر آهي ته انسان کي به هن جي اصل ماڳ مڪان يعني آخرت ۾ حسن يا بي داغ ڪردار يا عمل ئي ته ڪم ايندو، ٻيءَ صورت ۾ اهو مارئي جيان ڪاٺيارو ٿي رهندو.

اهڙي ريت سسئي هجي يا ليلا، نوري هجي يا مارئي وغيره، جي تمثيلي ڪردار مان هيءَ ڳالهه ثابت آهي ته هيءَ دنيا ڪجهه نه آهي، بلڪ جي ڪو فڪر ڪرڻو آهي ته اڳتي جو.

الله جي ٻانهن، عاشقن ۽ سالڪن جي زندگي کي نظر ۾ رکجي ٿو ته هيءَ ڳالهه چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي ته هنن جي نظر ۾ هيءَ دنيا ڪجهه نه هئي. هن باري ۾ اسان کي آقائي نامدار ﷺ جي سيرت مبارڪ کي نظر ۾ رکڻو پوندو. سندن زندگي ڪيڏي نه سادي ۽ آزمائش واري هوندي هئي. پاڻ ڪريم ﷺ جن مهد کان لحد تائين تي ڏينهن سانده ڪڻڪ جي ماني نه کاڌي. نه فقط ايترو بلڪ ڪڏهن به ڍؤ ڪري نه کاڌو. سمهڻ جو حال هيءُ هو جو هڪ ڪتل تڏي تي آرام فرمائيندا هئا. ايتري قدر جو جسم اطهر تي نشان پئجي ويندا هئا. جيتوڻيڪ مدني زندگي ۾ هڪ اسلامي مملڪت قائم ٿي چڪي هئي، تنهن هوندي به پاڻ ڪريم ﷺ جن جي زندگي اهڙي ئي سادي گذري.

مڪي زندگي ۾ ڪفار مڪه ڇا ڇا نه آڇيو، حضور اڪرم ﷺ جن انهن جي هر اها آڇ، جنهن ۾ دنيوي اسباب ۽ راحت جو دخل هو، ٺڪرائي ڇڏي.

اهو ئي سبب آهي، جو الله جي رسول ﷺ جي عاشقن ۽ سالڪن به اها سنت ادا ڪندي، هن فاني دنيا کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. انهن ته ٻڪ کي ٻڪري ۾ وجهي، آڇ اوتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻي ڇڏي. جيئن شاهه صاحب فرمايو:

ٻک وڏائون ٻڳريون، جوڳي کنڊا جيچ،
طلب نه رکن طعام جي، اوتي پيئن اڄ،
لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو منچ،
سامي جهاڳي سنچ، وسين ٿا ڪي ويجها ٿياه

حاصل مطلب ته، لاڪيٺي لطيف رح هن دنيا جي ماهيت ۽ اصل حقيقت کي چڱيءَ طرح سمجهيو هو، ان ڪري ته هن بزرگ دنيا کي ڪجهه نه سمجهي ڪوڙ، ڪپٽ ۽ ڪاهلي کي ڇڏي، ڪجهه ڪرڻ ۽ ڪتڻ جي تلقين ڪئي، ته جيئن پيٽ ڏٺيءَ جي "همبرن حساب، ڪه چاڏان ڪيهو ٿئو" جي مصداق اڳتي آخرت ۾ منهن مٺيرو ٿي سگهي، ٻيءَ صورت ۾ بقول پيٽ ڏٺي رح جي ته:

هيءَ هڏ وهاڻي، جان ڪتين ڏان ڪت،
ڪو پنهنجي عيد ڪي، پيري ڪج پرت،
مستان روئين رت، صباح وچ سرتئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فقير امداد علي سرائي

شاهه جي دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت

اسانجي سونهاري سنڌڙي جي جڳسڪري شاعر ڪامل ولي، عارف ۽ هادي جو ڪلام زنده مرشد جي برابر ۽ هر انسان ذات لاءِ دنيا و آخرت لاءِ اپر جامعيت جي برابر آهي. سندس ڪلام نه فقط مسلمانن لاءِ آهي پر هن گوهر-الاهي ۽ عارف جا بيت هر اسان لاءِ صراط المستقيم لاءِ "ٽارچ" آهن ۽ سندس شاعري الهامي ۽ عوامي آهي. اهڙي صوفي بي داغ ۽ صاف، ساڃارو سبحان جي سيني اندر هر انسان لاءِ فطري سوز قدرتي ويچار، انسان برادري لاءِ پيار، هڪڙ هارڻ لاءِ هدايت ۽ سوات ڏانهن سڌڻ جو وڏاندرو نقارو وڄي رهيو هو جنهن پنهنجي اندر جي اوت من اندر جي لوچ ڪي املهه اڻ توريا يعني بيتن جي سنگهرن سان ميناج ۽ محبت سان سنئين راهه سونهائي آهي ۽ انهن املهه بيتن ۾ جيڪي هدايت ۽ نصيحت سان گڏ حديث ۽ آيتن جهڙي حيثيت رکن ٿا "بيت نه پانئيو ماڙهوا اي آيتون آهين". انسان کي پنهنجي بي مثال شاعري سان ڀلائي، چڱائي ۽ ساڃاهه جون سٺون سڏائي ماڻهو مان انسان ۽ انسان مان عظيم انسان ٿيڻ جو درس ڏنو آهي تڏهن ته حضرت گروهڙي ٻي، سندس اهڙي تبليغي ۽ پاڪ شاعري لاءِ هيئن چئي چڏيو آهي: "آهي عبداللطيف جو اسان تي احسان، جوڙي جنهن قرآن سنڌيءَ ۾ سولو ڪيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻھو پئدائشي جاھل، آزور، اڀرو ۽ اسمجھہ بلڪ حيوانن جھڙي مثال آھي جيڪو سواءِ تعليم تربيت ۽ ھدايت جي ھڪ ٻگھہ پکي جي مثل آھي جنھن کي جيستائين تعليم، تربيت ۽ ھدايت نٿي ملي تہ سندس پئدائشي پرڪار ھن ريت آھن: "اے ٻگھا چِا ٻڄهن سپن جا سپجھي، ڦريو ڦھيارن ۾ وڙ ڏيو وات وجھن، سي ڪيئن لعلون لھن، جي گھورا گھوگھيئن جا۔ (شاہ رحہ)

پوءِ جڏھن کيس تعليم ۽ تربيت ملي ٿي تہ ماڻھو يعني جاھل مان انسان ٿئي ٿو جنھن لاءِ شاھہ رحہ ھيئن فرمائي ٿو:

سوجھا پيس سر جي ٿيو حضوري ھاڻ،
ڪُنبدي لڌي ڪاڻ، پکيئڙي پاتار مان.

انسان جي زندگاني جا اھي ٻہ پھلو شاھہ صاحب بيان ڪري پوءِ جڏھن ھو انسانيت، اخلاق، صبر استقلال ۽ پنھنجي حقيقي مالڪ جي ساڃاھہ ڪنھن ڪامل جي معرفت ھٿ ڪري ٿو تہ ھُن جي ھڪ نظر ڪرم سان يعني پارس سان گھڻي ھيئن ٿو ٿئي:

پکي سڀ مڇن، ھنج سدائين ڏيرا،
ماريءَ سندو من ۾، ڪو ورھہ ويچارن،
چيتاريو چڻن، سوني ھن مھراڻ جاھ

بس ھي آھن عظيم انسانن، ڪاملن ۽ ڪَرَي ڪاھوڙين جا اھڃاڻ جن جو ذڪر شاھہ صاحب مٿين بيتن ۾ سندس جدا جدا حالت ۾ بيان ڪيو آھي. سندس ھڪ ھڪ بيت ۾ سندالاجي جو مڪمل ذخيرہ ۽ ھدايت نامو سمايل آھي جيڪو دنيا ۽ آخرت لاءِ جڳھي جامعيت جي مثل آھي. سندس سلوڪ جا سڏ ۽ انسانيت جي درسگاھہ جو پھريون سبق ھي آھي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي پائين جوڳي ٿيان تہ ٿي پيرن جي پٽي،
ڪڍي چنڊ قلب مان، نانگسا ننڊ گھٽي،
مور م رکج من ۾، ڪا ڪاوڙ جي ڪٽي،
تہ انهيءَ ويڻ وٽي، مانَ گروءَ جي گس ٿئين.

اهڙيءَ ريت پنهنجي مالڪ جي صحيح شناس ۽ پاڻهپ جي واٽ وٺڻ لاءِ هيءَ سهڻي صلاح ڏني ٿو:

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ پِرِ ڪلمي جي پاڙ،
پنجن سان پورو رهہ، آيسا ٿيهہ م ٿار،
تڏهن ڏاڪا ڏار، جڏهن راهہ سڃاڻين رب جي.

هي هادي ڪامل پنهنجي الهامي ۽ عوامي شاعري ۾ اهڙيءَ طرح هدايت ٿو ڪري جنهن ۾ ڪنهن بہ مذهب کي گهٽ وڌ نٿو چوي بلڪ هڪ گامون سچار جي حيثيت ۾ مذهب ڪان پاسيرو ٿي سچي جڻ ٿو ڪري ۽ ڪنهن جي بہ دل کي ڏکويو نٿو وڃي مگر حق جو سبق ڏنو ٿو وڃي ۽ ڪيس اندر اجارڻ ۽ دل جي ڌوئڻ جي صلاح ڏجي ٿي ۽ ڪيس پڌايو ٿو وڃي تہ هو نيت صاف رکي.

نہ ڪي گنگا ۾ گيم اهن، نڪي مڪي مدايون ٿين معاف سينو جن صاف، تنهن ڌان پاڻهي پاپ پري ٿيا.

هر هر ڪن هرنام، ڌوئن ڏهاڙي ڌوتيا،
جن نہ ريجهايو رام، ذات نہ نمي تن سين.
هر هر ڪن اميس، ڌوئن ڏهاڙي ڌوتيا
جن نہ ماري ميس، رام نہ ريجهي تن سين.

هن جڳ جي جوڳي ٿيا، سي مانين جا مٿهہ،
ساڏي پي ساندا ٿيا، خوب پريادون ڪل،
حقي ۽ ڏاڍلي جي، تن ويراڳين وَل،
ڪونڊن بوندن ڪل، جڏهن پورب ٿيندا پڌرا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن بيت ۾ هر مذهب جي انهن ماڻهن ڏانهن اشارو آهي جيڪو ڀـراوا ڏڪر ڏيکيندا آهن ۽ نشو واپرائيندا آهن. اسانجا ملان، ڦـوڳي فقير ۽ نشائي سبق وڏن. لطيف سائين جي هن امنهي ماڻڪن جي پڇاڙي ۾ اوهانکي ٿورو ڪلايان.

"ملان مسيتن ۾ ويٺا ڪن الله،
ڪڏ سڪئي جو ساهه، ته ختما ڪائي خوش ٿيون."

اهڙي طرح آهي سيد، پير جن جوگذر ڀين سـڻ تي ۽ پنهنجي وڏن جي اوٽ ۾ ۽ ڏڍ تي ابهن ٿا تن لاءِ هي گامو سچار ۽ اصيل سيد ۽ صحي سادات هيئن فرمائي ٿو:

پاٽان ڪين پڇين ٿا ساراهين آبا ۽ نانا،
اهڙا وائي آنا ڪـڙين ڪيئي ڪيرايا.

جيڪي امير، وڏيرا ۽ سردار پنهنجي ذات ڪـي آدم ۽ اعليٰ ٿا سمجهن انهن ڪي ٻه ٻيٽ ڏٺي بادشاهه نٿو بخشي:

سگـ پسي سرهي نه ٿي متان هـوت نه پنهنجو ڪن،
لکيـن لـوڏائي چـڏيون ڪـي ٻانهيون ٻـاروچـن
ان در مٿي جـي داديـون، سي روئنديون رت، وتـن
سـي ڪـيئن پنهـون پسـن جـنهنجو زور ذات تـي.

(هي بيت رسالـي ۾ شايد ٻي طرح هجي پر مونکـي صحي ائين ٿو لڳي).

حقيقت ۾ سچو هادي اهو آهي جيڪو پاڻ هدايتن تي عمل ڪري پوءِ پر ڪي چوي. ٻيٽ ڏٺي بادشاهه پاڻ مان پاڻپو ڪڍي پنهنجي زهد تقويٰ ۽ عبادت جي نمائش نٿو ڪري بلڪ پاڻ کي هوندي سوندي هيٺو ٿو سمجهي ته جيئن اسـان اها خدا وٽيل وات وٺئون ۽ هيٺاهين سان هلي پنهنجي پريتم ۽ ديول کي پرچايون.

بچائجانءِ باري آهيان گناهن جي گودڙي
نڪو پٽسو پتڻ جو نه ظاهر ڪيم زاري
آهيـان اگهـاڙي، ڏجـاءِ ڀـاند پناهه جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هي عالم، عارف ۽ خائف خدا عابد پنهنجي عبادت تي نه تو ٽڪي پر هميشه توهه طلبڻ جي، شيطان ۽ دنيا جي وس واسن کان پناهه ۾ رهڻ لاءِ امان الاهي ٿو چاهي:

اونهي ۾ اڏ ڪيو دليلن دلو
واڳن وار ڪيس وچ ۾ ڪيو ڪن ڪلو
ميهار توريءَ ناهه ڪو مون بيهوديءَ ٻلو
سگها محب ملو، نا ته ساهڙ وڃان ٿي سير ۾.

هي مڙد مومن پنهنجي نيڪ ڪمن ۽ عمل صالحن جو سهارو وٺي سرهو نه ٿو ٿئي پر خدا تعاليٰ کي بي نياز سمجهي رحم جي اپيل ٿو ڪري:

هڪ تراڙي تر ندم ڏوهه ٻي تراڙي پسندس ڇا،
پاڙسي نه، پهر وصي نڪا واهه،
لرز ياالڳ لطيف چئي سهم انهي ساءِ،
ڪو ڦيرو ڪج فتاح ٻي تراڙي ٻاجهه سان.

حضرت حسنين جو مان مرتبو ۽ مٿن رب جو فضل ڏسي ٿو ته، ٻيءَ سمجهي جي حالت يا ننڊ پٽي جي ڪري سالار انبياء جي التحيات جي حالت ۾ سندن ڪلهن تي ويهڻ جي حالت ۾ حڪم رباني جي ٻالوت ٿئي ٿي ته ايءَ منهنجا محبوب اِها نماز اوهان ويهي پڙهو متان شهزادا اوهان جي اٿڻ يا قيام ڪرڻ ڪري پٽن ڌان ڪري نه پون" ــــ

مگر ان رب جي بي نيازي ڪربلا ۾ ڏسي، سڄي چمار گهوڙهن پريئي ڳاٿ سان گذاري ۽ پنهنجي ڏوهن ۾ ڏڪندو رهيو ۽ نيڪين کي مقبوليت جي درجي تي نه ٿو سمجهي مثل:

ڪيتم ڪين ڪي ڇا ٻڌايان
ڪات قريبن اڳيان...

پسا

او ڳٽين رسي سيڪو پر ڳٽين پرين رٺام،
بندگي شرمندگي اي پڻ ميڙ مڪام،
پرچڻ ڪارڻ پرينءَ جي وڏا وس ڪيام،
پرين تڏ پرچام، آئون جب اٺهه گئي.

شاهه سائين تڪبر ۽ هٺ وڏائي کان تمام گهڻو پري رهيو آهي ۽ انهن تنهي ڳالهين کي نِنديو آهي ۽ ٻين کي به اهڙو سبق ڏنو آهي:

بندا ٻانور تہ ڪر تنهنجي سادا تي هٺ زمين،
لطف سان لطيف چئي وچي پڇج آمين،
هٺ ڪوڙي مدي ڪين، هٺ دعوائون ڪرين ڏيهن جون.

●

وڻيو وڃج واٽ ڪنڌ م فيرج ڪيڏهن،
لوٽي فير لپاٽ مٿان لڳتي لطيف چئي.
هن انسان ذات لاءِ هيناهين جو واعظ ڪيو آهي:
”ڏيل تنهنجي ڏار هيناڊون جي هلن“
يا
”هورين هاڙهو لنگهيو، ڪوريون پاسي ڳوٺ،
ڪيچ تنهين کي ڪوٺ ڪين جنهنجي ڪچ م.“

روايت آهي تہ هڪ ڏينهن پٽ ڌڻي وٽ سچا سامي ۽ درويش اچي مهمان ٿيا. آتي اها ڳالهہ نڪتي تہ الله پاڪ جي رحمت جو دروازو ڪيترو ڪشادو يا وڏو آهي. سيني رب جي رحمت تي پاڙيندي ائين چيو تہ تمام وڏو آهي جنهن مان راڄ آٺ گهوڙا هاٿي هليا ويندا. پٺائي صاحب سيني جو جواب سٽي مدن فقير ڏانهن اشارو ڪيو جنهن ورائيو تہ سائين تمام سنيڙو آهي جيڪو هيٺ تي نوڙي هلندو اهو ويندو ڳاٽ ڪٽي هلڻ وارن جو سٿو ڦاٿندو. سو منهنجا دوست بلاشڪ هن سلچٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سادات جيڪي شاعرانه انداز ۾ لعل او ڳاچيا آهن اهي برحق دنيا ۽ آخرت لاءِ وڏو توشو آهن. آدم گهڙي ڪن جو مهمان آهي هن ڪي فقط اهي ضروري ڪم ڪرڻا آهن جنهن ۾ ٻين تي ٻاجهه ڪرڻ، سهڻي اخلاق سان پيش اچڻ پنهنجي مالڪ کي سڃاڻڻ ۽ برائين کان بچائڻ گهرجي نه ته زندگي جو مقصد بي مقصد ۽ بي مراد آهي چو ته:

توکي ڏنين ڏاريو ڪرها ڪارڻ ڪاهه
(جستجو)
تني ۾ ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي
(ويل وقت وري نه ايندو)
هي هڏ وهاڻي ڪڙهه ڪالهوڻي ڏينهن لئي.
(جواني ته عياشيءَ ۾ گذاريئي پر پيري تي رحم ڪر جيڪا سياڻي اچڻ واري آهي)

تحقيق، شاهه سائين جو ڪلام هر جابر خواهه اڀوجهه ماڻهوءَ جي دل تي اثر ڪري سندس دل ڌوئي پاڪ صاف ڪري سندس اڙ ٻنگائي ۽ مستي ماريو ڇڏي ۽ اندر کي قلعي ڪريو ڇڏي. اهڙن وصفن وارا شاعر سچا شاعر ۽ عظيم انسان هوندا آهن جيڪي پاڻ عمل ۽ هدايت تي اُبهي پوءِ ٻين کي ان لازوال دولت يعني سهڻي ۽ حق پسند نيڪي جي دعوت ڏين ٿا. اهو آهي فرق دنياوي، درباري ۽ حقيقي شاعر جي وچ ۾، جن لاءِ حديث آهي ته سچا شاعر الله پاڪ جي ڳجهه جو ڪنجيون آهن جيڪي سندس راز ۽ فضل جي ڀالوت پٽڙ کن ٿا ۽ پنهنجي مالڪ کي دل جي دنبوري سان هيئين طرح ريجهائيندا آهن.

جنهن ساز کي فقط ٻه تارون آهن:-
ڀرين جي وڇٽ جو مقصد هي آهي.
”ائين چرخو چور، جئن پون پڙکو نه سڻي“
يعني عبادت يا چڱي ڪم جي نمائش نه ڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پي تار جو مطلب هي آهي ته هميشه طالب ٿوهه طلبڻ
جي ڪوشش هيئن عاجزيءَ سان ڪندو رهي ته سندس دنيا
آخرت روشن ۽ ڪامياب رهندي:

جي مون موڙهي ’مت ٿون پاڻ سجاڻج سپرين،
اصل اولين جا عيب ڏڪين ٿون ات،
اي پرين تنهنجي پت جيئن ولهيون ڍڪين ولهاه

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب- دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت

زنده قومون پنهنجي ادبي سرمائي کي جيءَ ۾ جاءِ ڏين ٿيون ۽ ان کي وڏي قدر ۽ شان سان سموهين ٿيون.

مهراڻ جي ماٿريءَ تي قدرت جو ڪرم ۽ فضل ٿيل آهي جو مهراڻ جهڙي موج ڀرئي درياهه جي وجود سبب سائي ستابي رهي ٿي. نه رڳو ايترو پر واليءَ جا سهاجهيءَ سنڌ تي وڏائي وڙ ٿيل آهن جو وقت به وقت سنڌ ۾ اهڙا لاکيڻا لعل درويش پيدا ٿيا آهن، جن پنهنجي روحاني رازن رموزن سان سنڌواسين کي روحاني رنگ ۾ پئي رڱيو آهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي سڀيتا ۽ تهذيب هڪ شاهاڻي، آزاد ۽ لاثاني آهي. سنڌواسي انهيءَ صوفيائي تهذيب ۾ رتل آهن ۽ تصوف جو اثر ايتري قدر قبوليو اٿن جو مشرقي دنيا ۾ ٻيو ڪو ملڪ سنڌن مقابلي ۾ نٿو اچي.

رب العالمين جي نگاهه سان ڏسڻ وارن معرفت جي مالڪن، حق جي عاشقن پنهن جي قول ۽ فعل سان سنڌ ۾ هڪ اهڙي هم آهنگ معاشرت پيدا ڪئي جنهن جو نظير هند پاڪ جي ٻين صوبن ۾ پيدا ٿي نه سگهيو.

شاهه عبداللطيف انهيءَ تهذيب جي اُجاگر ڪندڙن مان هڪ آهي جيڪو آل رسول تاجيپيتين پٽ آهي. شاهه لطيف نه صرف سر زمين سنڌ جو بلڪ دنيا جي عظيم شاعرن ۾ شمار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿئي ٿو. سنڌس ڪلام ۾ جيڪو پيغام آهي اهو دنيا جي هر
دؤر جي انسان ذات لاءِ قابل قبول ۽ راهِ راست آهي. اهڙو
شاعر جنهن جو شعر ننڍي خواه وڏي جي وات هجي ۽ عام و
خاص کي وڻندڙ هجي سو سواءِ شاهه لطيف جي ٻيو ڪوبه
نه هوندو. شاهه صاحب نه رڳو شاعر پر مشهور صوفي اولياءَ
الله به هئا.

صوفي لفظ يوناني لفظ 'سوفـاس' مان نڪتل آهي،
جنهن جي معنيٰ آهي 'سياڻپ' ٻي معنيٰ 'اهل الصفة' مان ورتل
آهي. جيڪي اصحاب سڳورا مسجد نبويءَ جي صفحي ۾
رهندا هئا، ۽ اهي محبت الاهيءَ ۾ محو هوندا هئا.
ٽين معنيٰ صاف دل يا دل کي صاف ڪندڙ به آهي.

سچي صوفي شاعر جو الله جي رسول صلي الله عليه وسلم
سان عشق هوندو آهي. اهو اسرار جو اول ۽ آخر، ظاهر ۽
باطن ۾ لڪل آهي ۽ جو سنسار جي ذري ذري سان لاڳو
آهي، خصوصا انسان ذات جو ته ان سان گهرو تعلق آهي،
ان جي ڳولا لاءِ جستجو ۾ محو هوندو آهي. اهي سڀ
ڳالهيون سهڻي لعل لطيف ۾ سمايل هيون.

شاهه صاحب ننڍپڻ کان عشق الاهيءَ ۾ مشغول هئا.
ٻاروتڻ جي ڳالهه ڪن ٿا ته راند ڪندي وڃي ڪنهن هنڌ
لڪو، وهندي سندن توجهه حقيقي مالڪ ڏانهن هلي وئي. راند
جو خيال لهي ويو. ويٺي وقت گذري ويو. ڪي ۳ ڏينهن
لکن ٿا ته ڪي ۹ ڏينهن. ويٺي مٿن واري وري وئي، سندن
والد حبيب شاهه ڳوليندي آخر ان هنڌ تي پهتو جتي
شاهه صاحب پنهنجي پرور سان پيار پريت ۾ پور هو. اتي
سواءِ سندن ڪپڙي جي ڪنڌ جي باقي ڪجهه به نظر نٿي
آيو. شاهه حبيب صحيح ڪيو ته سنڌس لعل اتي ئي آهي سنڌس
اندر مان اڪير جو آواز اڀريو:

"لڳي لڳي واءِ، ويا انگڙا ڏڪجي"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاه لطيف جي ڪن تي جڏهن شفيق پيءُ جو شور پيو ته ان وقت چرڪ ڀري سجاڳ ٿيو ۽ پيءُ کي آٿت ڏيندي عرض ڪيئين:

پيئي ڪٿي پساهه پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي

شاه لطيف کي پنهنجي مهربان مالڪ تي ايترو ته پورو يقين هو جو ڪين دنيا جي ڀيءَ ڪنهن به ڳالهه کان خوف يا خطره محسوس نه ٿيندو هو. شروع ۾ ميان نورمحمد ڪلهوڙو جو شاه صاحب جو ويري هو، چاڪاڻ ته شاه صاحب جي وڌندڙ اثر ۽ ماڻهن جي رجحان سبب ميان صاحب جي دل ۾ حسد پيدا ٿيو. شاه صاحب جي' دعوت ڪيائين ۽ دعوت ختم ٿيڻ تي چڙهيءَ لاءِ هڪ ڪَهري گهوڙي سونن سنجن سان شاه صاحب کي تحفي طور پيش ڪئي، جنهن جي چڪن، لتن ۽ ڪڏائڻ سان ڪئين ماڻهو زخمي يا ڦٽجي چڪا هئا. انهيءَ نيت سان ڏني ويئي ته ان هٿان شاه صاحب جو خاتمو ٿي ويندو. چوندا آهن، "جنهن کي الله رکي تنهن کي ڪير چکي." شاه صاحب جي سامهون جڏهن گهوڙي آندي ويئي ته پاڻ 'لغام' لاهي ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. گهوڙيءَ تي لانگ ورائي تيزيءَ سان نظر کان غائب ٿي ويا. ڪجهه دير کان پوءِ پڳهر ۾ شل ٿيل گهوڙي واپس آڻي ميان صاحب جي سامهون بيهاري، سڀن کي حيرت لڳي. ميان صاحب شاه صاحب کي عرض ڪيو ته توهان لغام لاهي ڇڏڻ جو ڇو حڪم ڏنو؟ پاڻ فرمايائون ته "اي مورک! جڏهن منهنجي زندگيءَ جي واڳ ان واليءَ واحد جي هٿ ۾ آهي ته پوءِ گهوڙيءَ جي واڳ آءٌ پنهنجن هٿن ۾ جهلي ڇا ڪندس".

شاه صاحب جن ۾ دنيا جي لالچ به نه هئي. هڪ لڳا سندن هڪ مريد ڏوراهين پنڌ کان ڪهي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ تحفي طور 'پارس پٿر' به ڪٺي آيو ۽ شاه صاحب

کي اچي پيش ڪيائين. شاه صاحب ان وقت پٽ تي مسجد جوڙڻ لاءِ ڪهاڙيءَ سان پٿر ويٺي پڳا. پٿر وٺي حيرت سان ان کي ڏسندو رهيو. اوچتو اُهو پٿر ڪهاڙيءَ تي ڪري پيو ۽ ڪهاڙي سون ٿي پيئي. مريد ته ٻوڪلائي ويندو رهيو.

شاه صاحب وري پنهنجو ساڳيو ڪم شروع ڪيوه پر هاڻي ڪهاڙيءَ جي ڪيفيت ٻدلجي ويئي، سون ٿيڻ سبب وڌيڪ نرم ٿي پيئي ۽ پٿرن ڪٽيندي مڙي مڏي ٿي پيئي. شاه صاحب ڏسي چيو ”اها چڱي سوکڙي ملي جنهن رهندو ڪم کان کوٽي ڪيو“. ان ڪري اها ڪهاڙي ۽ اهو پٿر ڪٺي هڪ ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪيائين ۽ ٻـي ڪهاڙي گهرائـي پنهنجي ڪرت کي لڳي ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ساڳيو مريد موٽي خدمت ۾ حاضر ٿيو جنهن کي اها ڪهاڙي ۽ پٿر واپس ڏئي ڇڏيو.

شاه صاحب جن ايترا ته رحمدل هئا جو انسان ذات ته درڪنار گگدامن تي به ڪهل ڪندا هئا. چون ٿا ته پاڻ هڪڙا به گلر ڏاريا هئائون جن جي ماءُ ڄڻڻ کان پوءِ مري ويئي هئي. انهن جي ندڙڪي حالت ڏسي مٿن ڪهل ڪري گهر ڪٺي آين ۽ پنهنجن هٿن سان انهن کي پالي وڏو ڪيو.

شاه صاحب جو ڪلام سراپا عشق الاهي آهي. سندس ڪلام جو مقصد انسان ذات جي توجهه کي هـن دنيا جي حرص ۽ هـوس کـان هٽائـي حقيقي مالڪ طرف ڪرڻ آهي، جنهن ڏانهن آخر هر هڪ کي هلڻو آهي. سڀ کان اهم موضوع جيڪو شاه صاحب جي ڪلام ۾ سمايل آهي اُهو آهي بهتر جي تلاش. انسان جي ازلي خواهش رهي آهي تـه اهڙي زندگيءَ جو پتو پئجي وڃي جيڪا موجوده زندگيءَ کان بهتر ۽ ديرپا هجي. شاه صاحب انساني زندگيءَ جي ان اعليٰ مقصد ماڻـڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ۾ ڪامياب ويو. ان کـي حاصل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ لاءِ انسان جي روز مره جي زندگيءَ جي تجربن کان ڪم ورتو.

شاهه صاحب جو ڪلام عارفانه آهي، جيڪو طالب کي روحاني يا معرفت جي منزل بخشي ٿو. انسان جي هن دنوي زندگي ۾ مالڪ حقيقيءَ سان گڏ جنهن جو هو بندو آهي ۽ جنهن طرف هن کي ورڻو آهي، قرآن شريف جي مطابق تشريح ۽ ترجماني ڪري ٿو. ان جي ثبوت لاءِ سندن ڪلام آهي:

جي ٿو ٻيهڪ پاڻ ٿيا، سي آيتون آهين،
وڃي وَ مَنُ لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاهه صاحب جي ڪلام جو سڀ کان روشن رخ حقيقت جي جستجو ۾ روح جي تجسس کي تلاش ڪرڻو آهي. سندن ڪلام اڄ به رموز معرفت ۽ اسرار عرفان جو آئينو آهي. صرف نگاهه جي ضرورت آهي جا ان آئيني ۾ جهاتي ڏسي، جهڙيءَ طرح ڪئين درياءَ هڪ سمنڊ ۾ ڪرن ٿا ۽ هڪ بحر بيڪران بڻجي وڃن ٿا، تهڙيءَ طرح شاهه صاحب جي شخصيت به هڪ جامع شخصيت آهي جا ٢٥٠ سالن کان سندن شاعريءَ ۾ سرمست رهي آهي. اينري تيز بدلجندڙ دنيا ۾ جتي ماضيءَ جون قدرون منتشر ٿي چڪيون آهن، ليڪن شاهه سائينءَ جو تصور حيات اينرو ئي شگفته آهي جيترو ٢٥٠ سال پهرين هو.

اهڙيءَ طرح شاهه صاحب سنڌي زبان کي زنده رکيو. جنهن ۾ انسانيت جو آفاقيت جو درس ۽ وعظ موجود آهي، جنهن جي هنڌاڻ سان انسانن مان بهتر انسان پيدا ٿين ٿا ۽ پنهنجي پهچ آهر فرضن کي بجا آڻڻ جو شوق ۽ ولولو پيدا ٿئي ٿو ۽ جنهن جذبي لاءِ خدا تعاليٰ پيغمبرن کي دنيا ۾ آندو.

H T. Sorley شاهہ صاحب جي باري ۾ لکي ٿو ته،
”هڪ اهڙو شاعر جنهن گهوناٿن لاءِ نغمہ سرائي ڪئي ۽ آها شاعري سنڌ جي ماڻهن لاءِ ايتري ضروري آهي، جيتري هوا، جنهن ۾ هو ساهہ کڻن ٿا.“

توُن حبيب توُن طبيب، تون ئي دردن ڏيپ،
تون ڏئين تون لاهئين، تون ئي هادي رب،
آهيم ايءُ عجب، جيئن واريو ويچ وهارين.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Scanned with CamScanner

مولوي عبداللطيف سڪندري، قادري

شاهه لطيف ـ دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت

جوڙي جوڙ جهان جي؛ پاڻ ڪيائين پرواز،
حامي هادي هاشمي، سردارين سردار،
سونهين صحابن سٿ ۾، منجهه مسجد مٺيادار،
چارئي چڱا چوڌار، هئا هيڪاندا حبيب سين.

ڏٺي پاڪ پلي سونهاري جي پاري نمبر ۲ سورة بقره آيت نمبر ۲۰۰، ۲۰۱ ۾ فرمايو آهي ته:

”۽ ماڻهن مان ڪي چون ٿا ته اي اسانجا پالڻهار اسان کي رڳو دنيا ۾ ڏي، انهن لاءِ آخرت ۾ ڪو حصو ڪونهي. ۽ انهن ماڻهن مان ڪي چون ٿا اي اسان جا پروردگار اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ آخرت ۾ به ڀلائي ڏي، هن جي باهه کان بچاءِ، انهن لاءِ وڏو نصيب ڀاڳو آهي جيڪي ڪمايائون گهريائون ۽ الله جلد حساب وٺندڙ آهي.“

اڄوڪي ادبي ڪانفرنس ۾ منهنجو مختصر موضوع آهي: ”حضرت شاهه لطيف رحه دنيا ۽ آخرت لاءِ جامعيت“ اهو موضوع منڊ ۾ هن عاجز طرفان پڙهيل قرآن شريف جي آيت مطابق صحيح آهي. ان آيت ۾ الله تعاليٰ ٻانهن کي دعا، معافي ڀلائي گهرڻ جو رستو ڏسيو آهي ته، اڳ ۾ دنيا هن جهان جي ڀلائي سنوارڻ سينگار گهرو ۽ پوءِ هن جهان اڳوڻ آخرت قبر ۽ حشر جي چڱائي گهرو جيئن حضرت شاهه سائين رحه غفلت ڇڏڻ لاءِ فرمايو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سُتا اُٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي.

ان بيت ۾ سلطاني سهاڳ مان مراد هن دنيا جي ترقي آسودگي ۽ روحاني عروج بہ آهي.

سچ حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن هن دنيا جهان ۾ رڳو سائنسي ترقي جا مزا پيا ماڻيون، ترقي ڪري ڏوڪڙ وينا ڳڻيون، ”ڏوڪڙ اچي ڙي اچي، پر ايمان بچي نہ بچي“ جا ٺينڍر وينا پريون ۽ آخرت جو ڌيان فڪر بالڪل ڇڏي ڏيون تہ اهو ڪم ڀڙپينگ آهي اهڙن پيشوڙن، دنيا ڪارڻ دين ۽ آخرت وڃائيندڙ ولهن لاءِ ڏوراپي ۽ هدايت لاءِ حضرت شاهہ سائين رحہ فرمائي ٿو:

ڳولاجي ڳراهہ جا، جوڙا سي جوڳي،
ڦٽل سي ڦوڳي، جني ڀشڪم ساند ياهہ

سورة بقره جي آيت نمبر ۲۰۰ ۾ آخرت جي بي ذهن ڪي ٺلهو سڏيو آهي پر جيڪڏهن هن جهان کي ڇڏي سائنس، جديد تعليم، ترقي کان تارڪ پاسيرا ٿي آخرت جي عروج جو مفت وينا احوال اوريون تہ ههڙي سائنسي دور ۾ تہ هڙپينگ ليکبو، توڙي جو پنهن جي شفاعت سان جنت ملي. ان کي شيخ سعدي ڪراهت سمجهي ٿو.

حقاکہ باعقوبت دوزخ برابر است،
رفتن بہ پائي مردي همسايہ دربهشت

يعني پنهن جي مڙسي سان بهشت ۾ وڃڻ جهنم جهڙو عذاب جهڙو آهي.

هن دنيا ۾ گيدي ۽ ڪانئر نہ ٿجي، همت نہ هاريندڙن لاءِ شاهہ سائين فرمائي ٿو:

ڪڏهن پنجي ڪُن ٿي، ڪڏهن ٿجي وات،
ڪڏهن ٿجي ڪات، ڪڏهن ٿجي ڀڪرو.
ظاهر گذران ڪرڻ، ڪائنات جا چسڪا وٺڻ، حلال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمائي ڏنڊا ڪرڻ، جهاد لاءِ جهاز ٺاهڻ، ٻجلين سان زمين مان
خدائي خزانا ڪوڙهڻ ۽ ڳولڻ طالب مولي مذڪر مردن جو ڪم آهي.
حضرت سفيان ثوري رحه ڪامل ولي الله پنهنجي محنت ۽
همٿ سان ڪمايل ڏوڪڙن کي هٿ تي رکي کيڏائيندو ۽
چوندو هو ته خود داري جو مقام ۽ زنده ضميري جو مرتبو
هنن حلال ڏوڪڙن ڪري خدا تعاليٰ عطا ڪيو آهي، نه ته
هتان جا ڏنگا ماڻهو مونکي پنهنجي پگهر سڪائڻ لاءِ ٽوال
پوچي چاڻي استعمال ڪن ها.
حضرت شاه لطيف رحه جي شخصيت مان هي سبق ٻه
ملي ٿو ته دنيا سان گڏ آخرت جي سنڀال لهو ۽ خوب تياري
ڪريو. دنيا هٿن ۽ ڪيسن ۾ هجي پر دل ۾ الله تعاليٰ ۽ سندس
حبيب ڪريم جو ذڪر درود هجي.
حضرت شاهه سائين ان ڳالهه جو سخت تاڪيد ڪيو
آهي ته رڳو دنيا کي چنبڙي نه پئجي ٻئي جهان، اڳوتر
آخرت جو اونو به رکجي.

فاني ڙي فاني، دنيا دم نه هيڪڙو،
لٿي لوڙهه لتن سين، جوڙيندئي جاني،
ڪوڙ ۽ ڪاني، آهه سر سيڪنهين.
(شاهه سائين)

حضرت شاهه سائين دنيا ۽ آخرت جي جامعيت هستي
آهن. سندن پيغام ۽ ڪلام ۾ ٻنهي ڳالهين دنيا ۽ آخرت جو ۽ تاڪيد
آهي سندس رسالہ بياض ۾ جتي الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽
حضرت نبي آخر زمان جي مدح جي تنوار آهي اتي آخرت جي
ڏورانهين سفر قبر حشر جو ڊچ خوف به ڏياريو اٿس. جيئن
فرمائن ٿا.

وڏا ون وڪار جا ڄڃت، نانگ ڇڇهن نيلا،
آتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلن حيلا،
ڄڃت ڪڙم نه قبيلا، آتي رهبر رسج راهه ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اوليائن سڳورن جي طبع جا دنوي آخروي شرعي طريقتي لاڙا ميلان جا گهڻا قسم ٿيندا آهن. جيئن حضرت خواجه بهاؤالدين نقشبندي رحه کي ذکر فڪر، مراقبن، وردن عبادت، رياضت، قناعت توڪل وغيره سلوڪ جي شرطن جي پوراڻي سان فيض فقيري ولايت وصال ڪمال الهي حاصل ٿيو هو سو هميشه ان جي پارت ڪندا رهندا هئا.

حضرت خواجه عبيدالله احرار رحه کي ضعيفن، محتاجن، بيمارن جي خدمت ڪرڻ سان فيض روحاني حاصل ٿيو هو، تنهن ڪري پنهنجي مريدن کي خدمت خلق جي گهڻي پارت ڪندا هيا.

جنهن کي جياڻين، پرين پساڻ پساڻيو،
تنهن کي تتائين، ليا پاڻ آئيا.
(سيد محمد بقا شاهه لڪياري)

سنڌ جي قديم بزرگ هستي مخدوم نوح رحه فقر کي پسند ڪيو، مخدوم غوث بهاؤالحق ملتاني آسودگي ۾ دنيا گذاري پر سنڌ جي سائين حضرت شاهه عبداللطيف رحه جي هستي جو رويو نرالو آهي. پاڻ فقر ترڪ ۾ زندگي گذاريندي مخلوق تي مهربان جانورن کان وٺي انسانن تائين خدمت ڪندا رهيا. انسان جي ايندڙ ماحول کي مدنظر رکندي ظاهري دنيا جي ترقي، همٿ، هارپ ڏنارپ ڏنڌي واپار جو شوق ڏياريو جو اهي ڪم به شرعي حقوق ۾ داخل آهن. نفل اشراق ڇڏي جهار هڪلڻ ۾ ثواب وڏيڪ آهي ان ۾ عيال جو حق آهي. دنيا جي همت لاءِ شاهه سائين فرمائي ٿو.

ڏانگهي ۾ ڏاڻي، پڌ پنهنجو ڏرهو،
اونهي ۾ آئي، ڪونه ڏينديءَ ڪو پيو.

حضرت شاهه سائين آخرت جي جامعيت جا مالڪ آهن سندن هر حرف آخرت ۾ ڪاميابي لاءِ ڪافي آهي. آخرت جي محنت لاءِ فرمايو اٿن:

Scanned with CamScanner

سيوا ڪر سمنڊ جي، جت جروهي ٿو جال،
سوين وهن ٿا سير ۾ ماڻڪ موتي لال
جي ماسو جڙڏي مال ته پوچارا پر ٿئين.
توحيد رسالت تي يقين محڪم ۽ عشق رکڻ آخرت جي
فلاح جي ضمانت آهي. شاهه سائين فرمائي ٿو:
اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.
محبوب ڪريم جي محبت مدح آخرت لاءِ
ثمر اعليٰ آهي.
جڪري جهڙو جوان، ڏسان ڪونه ڏيهه ۾،
مهڙ مڙني مرسلين، سرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين اوادنيٰ، هي ميسر تنهن مڪان،
هي آڪي جو احسان، جنهن هادي ميڙيو مهڙ.
(شاهه سائين)
سمر جنين نه سار، هوت حمائتي تن جو،
ڪري ڇيچ ڇپر ۾، پنهون ايندو پاڻ،
ٿيندي ريجهه رهاڻ، لحظي منجهه لطيف چئي.
توحيد ۽ ختم نبوت تي يقين ڪامل بابت شاهه سائين
فرمائي ٿو:
وحده لاشريڪ له، جان ٿو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نيهن،
تان تون وڃيو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مير محمد مقبول سومرو

لطيف سائين جي دنيا ۽ آخرت

لاءِ جامعيت

لاکيڻو لطيف واديءَ مهراڻ جو مايہ ناز مفڪر ۽ عظيم الشان شاعر ٿي گذريو آهي. سندس سنڌي ادب ۾ تخليقي ڪاوشون بين الاقوامي سطح تي عظمت جو مقام حاصل ڪري چڪيون آهن. شاهہ جو رسالو تمثيل ۽ تشبيهہ جي آئيني ۾ روحاني رازن ۽ رمزن جو بيبها خزانو آهي- هر دور ۾ حق جا متلاشي هن گنج مان فيض ۽ برڪت جون جهوليون ڀريندا رهيا آهن ۽ اهو سلسلو تا هنوز جاري ۽ ساري آهي. سرتاج الشعراء حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ جي فن ۽ فڪر جو محور خالق ڪائنات جو لافاني ڪلام يعني قرآن حڪيم آهي. رسالي ۾ خود اهڙو اعلان موجود آهي.
ارشاد آهي.

جي تو بيت ڀانيا سي آيتون آهين
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي

مسلمان جي حيثيت ۾ انسان جو دنيا ۽ آخرت سان گهاٽو تعلق آهي. شاهہ جو رسالو دنيا ۽ آخرت کي جامع انداز ۾ اجاگر ڪري ٿو. لاکيڻو لطيف ٻڌائي ٿو تہ انسان هن عالم اجسام ۾ عبث يا اجايو ڪونهي پر هو ڪنهن وڏي ۽ اهم مقصد لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. اهو مقصد آهي رب العالمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي عبادت يا رضائي الاهي جي جستجو. هن حقيقت جو آپٽار هن نموني ۾ آيو آهي:

زيئون زاهد زهد سين پختا ٿيا پڇي
ڪيڻي ڇڏيائون ڪنڌ مان ڪوجهي ڳالهه ڪچي
بيٺا عبادت ۾ مانجهي مست مچي
وما خلقت الجن والانس سڻوتو سچي
آڪنڌ مان اچي گر سان گڏيا ڪاپڙي

دنيا جي زندگيءَ جو ڪما حقه مطالع ڪرڻ هر انسان مرد خواه عورت تي واجب آهي. پٺائي گهوٽ رحمة الله عليہ هن حياتيءَ کي عارضي سمجهي ٿو ۽ اها ڪنهن وقت فاني ٿي سگهي ٿي. ان ڪري انسان هن زندگيءَ مان ڪم وٺي ورنه افسوس ۽ ندامت جا هٿ ملڻا پوندس. هيٺيون شعر هن حقيقت ڏانهن صريح اشارو آهي:

فاني ۽ فانـي دنيا دم نہ هيڪڙو
لڦي لوڙهہ هئن مان جوڙيندء جاني
ڪوڙ ۽ ڪاني آهي سر سپ ڪنهن جي

هي جهان دارالعمل آهي ان ڪري پلارو پٽ ڏٺي هن دنيا کي کتڻ ۽ هارائڻ جو هنڌ قرار ڏئي ٿو. انسان کـي ڪتڻ جي تلقين ڪندي شاهه سائين فرمائي ٿو:

سي تو ويهي وڃايا جي ڪتڻ سندا ڏينهن
ارٽ اوڏي نہ ٿيئن پـوري پوري سين
ڪنـڌ ڪٽنديـنءَ ڪيئن اڳڻ عجيبـن جي

انسان جو سارو عمل نيڪ خواهہ بد جمع ڪيو وڃي ٿو ۽ ان مقصد لاءِ ڪراما ڪاتبين کي مقرر ڪيو ويو آهي. قيامت جي ڏينهن انسان کي پنهنجو اعمالنامہ پيش ڪيو ويندو ڇنهنڪري عقل جي تقاضا اها آهي ته انسان اعمالنامہ کي سهڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻڌائي جيئن گناهن ۽ عيبن جي ڪري قيامت جي ڏينهن خواري ۽ بدنامي نه ٿئي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

ڪاتب جو لکن سو متان وڃڻ وسارين
جهڙي تهڙي ڳالهه جوڙيو جمع ڪن
حرف جي حساب جا چيٽيو چٽ رکن
ڪراما ڪاتبين يعلمون ما تفعلون نالو نورانين
تون پاڙوسي تن جنين وڃڻ نه وسري.

انسان کي سڪرات جي سرڪي پيئڻي آهي تنهنڪري ان هيبتناڪ گهڙيءَ تي غور ڪري هن باري ۾ ارشاد آهي:

آءٌ نه ڳڏي پرينءَ کي پويون ٿيو پساهه
سڪان ٿي سڪرات ۾ رويون پڇان راهه
شال م وڃيم ساهه ڏاران پسڻ پرينءَ جي

مرڻ کان پوءِ انسان کي قبر جو منهن ڏسڻو آهي. عالم برزخ جو عذاب ڏاڍو تڪليف وارو آهي. لاکيڻو لطيف قبر جي احوال کان آگاهه ڪري ٿو.

وڏا وڻ وڻڪار جا جت نانگ سڃهن نيلا
اتي عبداللطيف چئي ڪيا هيڪلين حيلا
جت ڪڙم نه قبيلا ات رسج رهبر راهه ۾

پڇاڙيءَ گهوٽ انسان کي هردم آخرت ڏانهن راغب ڪري ٿو. آخرت جي ڪامياب زندگي عيش واريءَ ننڊ سان نصيب ڪانه ٿيندي، پر ان لاءِ اکين کي اوجاڳا ڏيڻا آهن. لاکيڻو لطيف هن دنيا کي مانجهاندي جو ماڳ سمجهي ٿو. ۽ آخرت انسان جو اصل وطن آهي ان کي سلطاني سهاڳ قرار ڏئي ٿو. رسالي جو هيٺيون شعر دنيا ۽ آخرت جي جامع تصوير آهي.

ستا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري
جو تو سمجھيو ساٿيھ سو مانجھاندي جو ماڳ
سلطاني سھاڳ ننڊن ڪندي نہ ملي.
آخر ۾ هي شعر پڙهي مقالي کي پورو ڪريان ٿو.
ڪنڌ جي ڪالم ڪرين ستي ساهين هڏ
صبح ايندء اوچتي عيد اڳھاڙن گڏ
جت سرتيون ڪندء سڏ - اتي سڪندينءَ سينگار کي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محمد حسين ڪاشف

موجود دؤر ۾ شاهه لطيف جي اهميت

انساني تاريخ جو هي مسلسل عمل رهيو آهي ته ان جي مختلف دورن ۾ ڪي نه ڪي سچاڻ ۽ ڏاها دانشور ۽ غير معمولي ذهن جا ماڻهو پيدا ٿيندا رهن. جن جي ان سماج تي نه صرف گهري پر پنهنجي عمل ۽ سوچ سان ان ماحول تي ڇاپ هوندي آهي. هو پنهنجي تجربي، مشاهدي مطالعي ۽ فڪر جي اها روشني سماج ۾ ڇڏي ويندا آهن جيڪا دائميت جي صورت ۾ هوندي آهي. لطيف سائين به سنڌ جي ڏاهپ ۽ سچائي جو اهو هيرو ۽ املهه موتي آهي جنهن جو فڪر ۽ شعور هڪ بلند مينار جي حيثيت رکي ٿو. جنهن کي اڄ ڏائين نه ڪير ڇهي سگهيو آهي ۽ نه وري ڇهي سگهندو. اهو سنڌواسين جو ڀاڳ چئجي يا ان کي سنڌ لاءِ نعمت الاهي تصور ڪجي، جو لطيف جهڙو باڪمال شاعر ۽ بزرگ، ڏاهو ۽ سچاڻ فرد هن وادي ۾ پيدا ٿيو.

تاريخ اندر زندگي مختلف خانن ۾ تقسيم هوندي به اڪائي جي حيثيت رکي ٿي جنهن جي جدوجهد جا رخ هڪ ٻئي کان پري هوندي به پاڻ ۾ لاڳاپيل هوندا آهن. اها ڪيفيت ان جي هر دور ۾ رهندي اچي ٿي. پوءِ انجو تعلق ماضي سان هجي يا حال سان، مستقبل ۾ به انجو اهو حال رهندو. زندگي جا اهي ترڪيبي عنصر پنهنجي دور کي متعين ڪن ٿا، ۽ انهن وسيلي ئي سماجوادي نظام جي تشڪيل ٿئي ٿي. اڳتي هلي تاريخ ۾ اهو تهذيب ۽ ثقافت جي شڪل ۾ پڌرو ٿئي ٿو: لطيف جي ڪلام جا تخليقي عنصر جن کي هن پنهنجي تاريخ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي دور مان اخذ ڪيو آهي، انهن کي هر زماني ۾ جاءِ ملي ٿي. پوءِ اهو ڳالهه جو وقت هجي يا اڄ جو سندن ڪلام جي جوڙجڪ جي اها وڏي خوبي آهي، جنهن مان اسان سبق حاصل ڪري انفرادي توڙي اجتماعي طور ڪجهه نه ڪجهه ڪري سگهون ٿا: پر جيڪڏهين لطيف کي محض هڪ شاعر ۽ حقيقت ۽ مجاز جو، ظاهر ۽ باطن جو پيغامبر ڪري تصور ڪيو ويو ته پوءِ اها دائميت واري ڪيفيت جنهن جو تعلق سماج ۽ ان جي نظام سان فرد ۽ اجتماع جي زندگي سان آهي اهو ختم ٿيندو نظر ايندو: اسان وٽ اها وڏيسٽم ظريفي آهي جو اسان کي لطيف سولو هٿ اچي ويو آهي. جنهن ڪري بنا ڪنهن سوچ ويچار جي بنا ڪنهن غور ۽ فڪر جي زندگي ۽ ان جي دور جي تقاضائن ۽ حاصلات کي پوئتي ڪري روايت جي بنياد تي سندن ڪلام توڙي حياتي لاءِ ڪيئين غلط ڳالهيون بيان ڪندي نٿا گسون جيڪا ڳالهه غور طلب آهي.

دور، وقت، زمانو اهي ٽيئي لفظ پنهنجي اندر وڏي معنيٰ رکن ٿا. جن ۾ خاص محدوديت هوندي به لامحدوديت آهي. سڀ کان اول اهو سوچڻ ضروري آهي ته دور وقت جي نسبت ۾ آهي يا وقت دور جو تعين ڪري ٿو؟ يا ٻنهين جو زماني سان ڳانڍاپو اٽڪيل آهي؟ هت زماني جو استعمال والعصر جي روشني ۾ آهي. ڇا مٿين ٽنهين لفظن کي هڪ ئي ڪيفيت ۽ ڪميت ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو؟ اهو نڪتو غور طلب آهي. اتي اهو به سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڇا وقت گذري ٿو؟ دور گذري ٿو؟ زمانو گذري ٿو؟ غور ڪبو ته انهن مان ڪو به نه گذريو آهي نه گذرندو. اسان وٽ انهن جي اضافي تقسيم آهي، جيڪا ڏينهن رات، ماهه و سال، صدين ۽ دور جي صورت ۾ ورتي وڃي ٿي. جنهن کي سماجي عمل ۽ ان جا اثرات هڪ مخصوص قبا ڍڪائي عاجدگي جي صورت ڏين ٿا. اصل ۾ هر دور يا وقت جي ويڙهه جنهن جو هو مجموعو آهي سماجي

ڪيفيتن ۽ حالتن جو ميڙ آهي جنهن کي نسبتي طور الڳ ڪري تاريخ جو نالو ڏنو وڃي ٿو پوءِ اها ماضي جي هجي يا حال جي: موجوده دؤر جو لفظ وقت جي هڪ خاص تقسيم تي دلالت ڪري ٿو. جنهن مان اڄ جو انسان گذري رهيو آهي. جيڪو هڪ سماج وادي نظام جي صورت ۾ به آهي، ته هڪ سماجي قوت ۽ سماجي عمل جي شڪل ۾ به آهي. موجوده سماجوادي نظام جا ترڪيبي عنصر ڪهڙا آهن؟ ان جي هيئت ۽ شڪل ڪهڙي آهي؟ اهو ڪهڙي ريت عمل پذير آهي. ان جي ڪنهن به تشريح جي ضرورت ڪانه آهي.

چاڪاڻ ته انهن ترڪيبي عنصرن ۾ سماجوادي نظام جو سڄو ماڻدان اچي وڃي ٿو. جنهن ۾ اقتصادي، سياسي، اخلاقي، مذهبي، ثقافتي، سائنسي مطلب ته سڀ حالتون اچي وڃن ٿيون، جن مان سنڌو ماتر جو ماڻهو گذري رهيو آهي يا گذاريو پيو وڃي. لطيف جيڪو هن سماج جي بنيادي اڏاوت لاءِ هڪ رهبر جي، هڪ سونهي جي هڪ محافظ جي حيثيت رکي ٿو، ان جي فڪر ۽ شعور جي لاٽ ماڻهوءَ لاءِ ڪهڙو ڏس ڏسي ٿي؟ ان ڏاهه جو ڏس ڏيڻ اسان جي ڏاهن ۽ دانشورن جو فرض آهي ته هو حالات جي بنياد تي اڄ جي ماڻهوءَ لاءِ لطيف جي فلسفي مان ڪا واٽ ووڙين. پر ڏنو ويو آهي ته، اسان وٽ بجاءِ حقيقت پسندي جي هميشه به روپي جهنجهٽ جو جهيڙو ڦيريو ويو آهي جيڪو اڄ تائين ان ڪير اڪسير مان مقصد جو مکڻ حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. ان ۾ ڏوهه لطيف جو نه پر اسانجو آهي اهڙي حالت لاءِ پاڻ فرمائين ٿا ته:

گهنگهر يا گهڻ چاڻ موڙهي مت مهائين،
ويا گڏجي وير ۾ پيا منهن مهراڻ،
اڳيان پوئيان ٽاڻ ويا ويچارن وسري.
(شاهه رحه)

تاريخ جو وارث عام ماڻهو ان جي زندگي ۽ انجا حالات آهن. اسان جو معاشرو جيڪو جاگيرداريءَ ۽ سرمائيداري جي شڪل جو آهي، جنهن ۾ طبقاتي ڇڪتاڻ پنهنجي اوج تي آهي جيڪا ڪنهن به مستحڪم سماجي نظام کي عملي شڪل ڏيڻ ۾ هميشه رڪاوٽ رهي آهي، انجو ڪوبه سد باب نظر نه ٿو اچي. فرد ۾ نه، تعلق انسانيت جي ڪيفيت آهي نه، تعلق با الله جي ڪا ڳالهه نه وري تعلق ذات تي ڪو غور آهي. ڇڙ، ڇڙ ڳابا واري ڪار آهي جنهن کي جڏهين تصور ۾ آڻجي ٿو ته لطيف جي هي مهميز ياد پوي ٿي:

اڄا پئي ڄئين، سڄڻ ساري نه مئين،
وٺيون وه ڳاڌيون، ڇوري ڇونه پئين،
لڳئي ڪونه هنئين، ڪو ڳڻ پاروچن جو.
(شاهه رحه)

گذريل به سؤ سالن جي دؤران اسان جي تاريخ خير جي ڳولا ۾ شر سان تجربا ڪندي رهي آهي. باوجود هن ڳالهه جي ته ابن عربي جو فلسفو اسان جي فڪر جي رهبري جو محور رهيو آهي. اسان لاءِ خير جي عدم موجودگي شر کي موجود ڪندي رهي آهي. پوئتان ڏسندي معلوم ٿو ٿئي ته انسان جو پنهنجي دؤر ۾ ڪنهن صحيح طرف نه وڃڻ ڪري خير حادثاتي معلوم ٿئي ٿو ۽ شر جي حيثيت بنيادي معلوم ٿئي ٿي: جڏهن ته تخليق جو بنيادي جز خير آهي، ۽ معروضي حالات ۾ شر کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ۾ اسان جي تاريخ هميشه غفلت ڪئي آهي. خود ابن العربي انجو بنياد شر کي قرار نٿو ڏئي، هن جو چوڻ آهي ته ”جنهن کي شر چيو وڃي ٿو اهو اصل ۾ خير جي عدم موجودگي جو نالو آهي.“ جڏهن ته هي ڪائنات حق آهي، ان جي تخليق حق آهي، ان جو عمل حق آهي ته پوءِ سوال پيدا ٿو ٿئي ته ان حق جي ڦهلاءُ مان جيڪو خير جو مظهر آهي ان ۾ شر جو وجود ۾ اچڻ ڇا جي ڪري ٿئي ٿو؟ يا ڪائنات جي عمل جي امڪاني ۽

اضطراري ڪيفيتن مان اهو وجود وٺي ٿو جيڪي بقول ابن عربي جي خير جي عدم موجودگي ڪري وجود وٺن ٿيون. جيڪڏهين حق مان مراد صرف ذات حق آهي ته پوء ڇا اها محدود آهي؟ نه اها لامحدود آهي. جنهن مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته هر شي حق آهي جيڪڏهن ٿورو نرمي اختيار ڪجي ته حق جو مظهر آهي. جنهن ۾ حق جا اظهارات پنهنجي ظهور لاء حق جي تنزلات ۽ توجه جا محتاج آهن. جڏهن ته هو احتياج پذير آهن ته پوء حق کي انهن کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. لطيف وٽ سماج وادي نظام ٺوڙي زندگي جي عملي صورت ۾ انهي تقسيم جي تعظيم ۽ تڪريم آهي.

نڪو ڪم ڪفارسين، نڪا مسلماني من.

پاڻ ان جا قائل آهن ۽ پرين جي پنهنجائپ جا ڳولائو آهن. خود ارشاد خداوندي آهي ته "لقد کرمنابني آدم" لطيف حق کي حق جي نظر سان حق ۾ ڏسڻ جو قائل آهي، پاڻ فرمائين ٿا ته:

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ سسئي تان سور هئا.
(شاهه رحه)

سندن آڏو حق سماجي نظام جي صورت ۾ به آهي ته وجودي ڪيفيت به آهي. حسن ۾ به حق آهي ته عشق ۾ به حق آهي. عبادت ۾ به حق آهي ته رياضت ۾ به حق آهي. جلال ۾ به حق آهي ته جمال ۾ به حق آهي. عبد ۾ به حق آهي ته معبود ۾ به حق آهي، جنهن لاء فرمائين ٿا ته:

"لهرين لک لباس پاڻي پسڻ هيڪڙو"

ليڪن اسان هر لهر کي الڳ لباس ڏيئي جدا جدا مهرا پيدا ڪري ڇڏيا آهن. پوء اهي زندگيء جي نظام ۾ هجن يا زندگيء لاء حق جي راه ڳولڻ ۾ هجن. لطيف جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فلسفو ڪالهہ بہ ان جو انڪاري هو ۽ اڄ بہ انجي نفي ڪري ٿو. هو همہ ڪي ۽ ان جي همہ گيريت کي حق تصور ڪري ٿو. جتي زندگي جي نظام لاءِ عدل ۽ انصاف جي ماڻن ۽ ماپڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، ۽ ان لاءِ هر رڪاوٽ کي پوءِ اها چونہ جبل جيڏي هجي ان کي بہ خاطر ۾ نٿا آڻين.

”آڏا ڏکر ڏر منان روهہ رتيون ٿئين“

ڪوبہ سماج ڪنهن بہ دور ۾ هڪ فارم ۾ نہ رهيو آهي، پر بجاءِ هر دور جي تقاضائن جي بنياد تي ان ۾ تبديلي ايندي رهي آهي، جيڪا ان جي صورت ڪي وجود ڏيندي آئي آهي. يا ائين چئجي تہ هر دور ۽ سماج جي ڪُک مان ان جو دور ۽ سماج وجود وٺي ٿو. اسان جنهن دور ۾ هلي رهيا آهيون اهو اڳئين دور جي پيداوار آهي. لطيف پنهنجي دور ۾ جن ڪردارن کي جنم ڏنو ۽ جن حقيقتن جي اپٽار ڪئي اهي صرف ان وقت لاءِ نہ هيون جيئن عام طور تي خيال ڪيو وڃي ٿو. پربجاءِ ان جي هن هڪ ڏاهي انسان ۽ سماجي مصلح جي حيثيت ۾ انهن فڪري قدرن کي وجود ڏنو جيڪي هر سماجي دور ۾ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ متشڪل ٿينديون رهيون آهن، جن جو تعلق ان دور جي زندگي سان هو ۽ اڄ بہ انهن جو واسطو سماج وادي نظام سان آهي. ان ڪري لطيف کي هڪ شاعر جي حيثيت ڏيڻ جُز وقتي ڳالهہ ٿيندي، جيڪا سوچ انصاف وٽان نہ آهي. بجاءِ ان جي اسان کي لطيف جي فلسفہ لطيف کي زندگي جي نظام ۾ ڏسڻ گهرجي جڏهن انهي نقطہ نظر سان ڏنو ويندو تہ ڳالهہ ٻئي ٻي نظر ايندي. جنهن کي محسوس ڪندي افسوس ٿو ٿئي تہ اسان هن عظيم ڌرتي جي عظيم انسان ۽ شاعر ۽ ڏاهي تي ڪيڏا نہ وار ڪيا آهن، جن جي ڏکن سبب سندن فڪر ۽ شاعري جو سچو جسم چُور ٿيو پيو آهي. آخر انهي ماجرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو ڪير ذميدار آهي؟ اهي ڏاها ۽ برک عالم يا اسان پـارا اڌ پڙهيا جن کي لاڪيٽي لطيف جي هڪ سٽ به ٻڙهڻ ۾ نه ٿي اچي: اسان شيڪسپيئر ۽ ٽيني سن، ملٽن ۽ گوئٽي، رومي جامي، حافظ ۽ خيام جا حوالا ته ڏيون ٿا ليڪن ڪڏهن اهو سوچيو ويو آهي ته انهن شاعرن ۽ عالمن لاءِ انهن جي قوم پرک جو، پڙهڻ جو، شرح ۽ عظمت جو ڪهڙو معيار قائم ڪيو آهي؟ ان مقابلي ۾ اسان اڃا تائين ان شروعاتي دور ۾ آهيون جيڪو محض لفاظي تي مدار رکي ٿو، ان لاءِ سڄي لطيفيات موجود آهي جنهن ۾ سواءِ ڪن ڳاڻ ڳڻين ڏاهن جي لکيتن جي ٻيو سڀ خير آهي:

جڏهين ڪان علم ادب، شاعري ۽ ان جي لوازمات جي تشريح جو سلسلو شروع ٿيو آهي تڏهين ڪان وٺي لطيف تي ڏاهـا ۽ سڄاڻ توڙي نڌيا وڏا اديب لکندا رهيـا آهـن. تحفته الڪرام ڪان وٺي شاهه، سچل، سامي تائين، مقدمہ لطيفي ڪان وٺي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ تائين واري مواد ۾ اسانکي لطيف تي مواد نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ڪن محبت ڀاڻي من ۾ رنڌيا روڙيا آهن ته ڪن سنهو ڪتي سٽ سڦلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻوءِ ڪن جو ڪاڻو ۽ ڪچ اگهيو آهي ته ڪن جي ماڻڪن ملهه ڏي نه ڪيو آهي. لطيف سائين تي هن وقت تائين جو ڪجهه لکيو ويو آهي يـا لکيو وڃـي ٿو ان کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو!

١- عالمن اديبن جو اهو حلقو جن شاهه رحہ جي شعر ۽ فڪر کي نج تصوف جو غواص ڄاڻايو آهي، جيڪو حقيقت ۽ مجاز، ظـاهر ۽ بـاطن تي مدار رکـي ٿو. جنهن جـو بنياد داخلي فلسفي تـي آهي. يـا ائين چئجي تـہ اهو افلاطون ۽ نوفلاطونيت جي فلسفي جي شرح ڪندڙ آهي.

٢- عالمن ۽ اديبن جو اهو گروهه جيڪو لطيف کي تاريخ ۽ تاريخي حـالات جي روشني ۾ ڏسڻ جو قائـل آهي ۽ سنڌن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فڪر ۽ شعر جو بنياد تجربي ۽ مشاهدي تي رکي ٿو ۽ سندن شعر ۾ تاريخي حقيقت ۽ حالتن کي وڏي اهميت ڏني ٿو. ۽ سندن فلسفہ شاعري جي توجيہ ترقي پسندانہ فلسفي جي روشني ۾ ڪري ٿو:

٣- عالمن ۽ اديبن جي تين لسٽ اهڙي آهي جيڪا اهو خيال ڪري ٿي تہ لطيف وٽ زندگي جي ڪنهن بہ فلسفي جو وجود ڪونہ آهي. وٽن صرف هڪ ڳالھہ آهي. جنهن جو تعلق ولايت ۽ روحانيت سان آهي. جنهن لاءِ زندگي جي خارجي اثرات جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي. پاڻ جيڪي بہ اصطلاح يا ڪنايہ، نالا ۽ نشان، وٽون ۽ وسيون بيان ڪيون اٿن انهن جي حيثيت استعاري آهي. اصل ۾ پاڻ انهن جي اوٽ ورتي اٿن جنهنجو سماج يا ان جي ماڻهوءَ سان ان جي حالات ۽ حاصلات سان ڪوبہ تعلق ڪونہ آهي. انهي حيثيت سان اڄ تائين لطيف تي هر مڪتبہ فڪر سوين عنوان ڏيئي هزارين صفحا لکيا آهن، جنهن ۾ ننڍي لکندڙ کان وٺي وڏي لکندڙ تائين سوين عالم اديب، ڏاها ۽ دانشور اچي وڃن ٿا. لطيف تي انهي حيثيت سان لکڻين جو اچڻ وڏي ڳالھہ آهي. جيڪو سندن گهڻ پاسائين شخصيت، فڪر ۽ فلسفي کي ظاهر ڪري ٿو. جنهن ۾ ٻهراڙي جي ڏنار کان وٺي علمي دانشگاهہ جي عالم تائين جا فرد اچي وڃن ٿا ۽ هرڪو اهو محسوس ڪري ٿو ۽ چئي ٿو تہ لطيف منهنجو آهي ۽ هن جو شعر مون لاءِ آهي. اها لطيف جي عظمت جي نشاني آهي جيڪا شايد دنيا جي ٻي ڪنهن بہ شاعر کي نصيب نہ هجي.

جڏهين اهو تسليم ڪيو وڃي ٿو تہ لطيف سنڌي ٻولي دنيا ۽ ادب جو مهان شاعر آهي تہ پوءِ ان جي هن دور ۾ اهميت جي سلسلي ۾ معني ۽ مفهوم جي لحاظ کان تضاد ڇو آهي؟ ۽ شعر جي اندر تاريخي حقائق لاءِ اختلاف جو سبب ڇا آهي؟ يا اسان مان هر لکندڙ ۽ ڏاهو پنهنجي نالي ۽ ادبي

حيثيت مجاز لاءِ ائين ڪري ٿو. يا ان کي چوٽ اڻ ڪري آهي ته پلي ڳالهه اڳتي هلي ۽ پاڻيهي چنبدجي چاڙهجي وڃي ڳاڏي پنهنجي منزل تي پهچندي. جيڪڏهن دور جي اهميت محسوس ڪندي انهي قسم جا خيال لطيف جي شارحن ۽ لکندڙن جي ذهن ۾ آهن ته پوءِ اهو افسوس جو مقام آهي. لطيف جهڙي اهميت هر دور ۾ مسلم آهي، مثن قلم ڪڻڻ کان اڳ اسان کي اهو ضرور سوچڻ گهرجي ته زندگي ڇا آهي؟ حصول زندگي ڇا آهي؟ علم ۽ حڪمت جا ماڻ ڪهڙا آهن؟ اسان جي علم جي حيثيت اضافي آهي يا حقيقي. بصارت ۽ بصيرت ۾، علم ۽ عرفان ۾ صلاحيت ۽ صالحيت ۾، عقل ۽ معقوليت ۾، احد ۽ احديت ۾ واحد ۽ واحديت ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ احساس لطيف وهبي عمل آهي يا ان کي تجربي ۽ مشاهدي جي ماڻ ۾ آڻي سگهجي ٿو؟ وغيره اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪئين سوال سامهون اچن ٿا.

ليڪن هن امر کان قطعي انڪار نه آهي ته زندگي مسلسل تبديل ٿيندڙ آهي ۽ "ڪل يوم هوفي شان" جو مظهر آهي. جنهن جي هر لمحي ۽ هر ساعت ۾ ارتقا پذير هئڻ ڪري شان نرالو آهي، هن ۾ تبديلي ئي هڪ اهڙو عنصر آهي جيڪو هن کي پنهنجي پيش روڪيفيت کان ممتاز ۽ متاهون ڪري ٿو. اها تبديلي ثانين جي به آهي ته سالن ۽ دورن جي جنهنجو تعلق هر وجود جي ڪيفيت ۽ حالات سان آهي. جيستائين هڪ جسم زنده رهي ٿو هن ۾ داخلي تبديلين سان گڏ خارجي حالتن جي بنياد تي به تبديلي ٿيندي رهي ٿي. سماج ۾ خوبي ۽ خرابي خير ۽ شر مطلق آهن. ليڪن سندن خارجي اظهارات تغير پذير ۽ اضافي آهن. جنهن کي انهن کان الڳ ڪري نٿو سگهجي. مجرد خيال جيڪو محض خيال آهي، ان جي به ان وقت ڪائين ڪا حقيقت نه آهي جيستائين ان ۾ ڪا صورت يا اعيان وجود نٿو وٺي ۽ اعيان به ان عين جو عڪس

آهي جيڪو خارج ۾ وجود رکي ٿو. دور ۽ تاريخ ان جي تقاضا ۽ حقائق ته هڪ اٽل حقيقت آهن. جن جو انڪار ڪرڻ غلط آهي. ليڪن هت:

”مٿي هاٿي سين مامرو اچي پيو انڌن“ واري ڪار آهي. لطيف کي ڪنهن به دور کان الڳ ڪري نٿو سگهجي لطيف جي حيثيت ان قوت جيان آهي جيڪا جسم جي جيئڻ لاءِ ضروري آهي. تيئن لطيف هر دور جي هڪ عظيم قوت آهي. جيڪا خرد ۽ اجتماع کي عمل جو سبق ڏئي ٿي ته:

”ٿي ٿڌي ڪاهه ڪانهي ويل وهڻ جي“

لطيف هر دور جو روح آهي. سماج سان سندن جيڪو رشتو دائميت جي صورت ۾ آهي، ان کي پرکڻ ۽ ان تي سوچڻ جي ضرورت آهي. اسان مان جڏهين، ڪنهن ان دائري مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته انجو نتيجو صحيح نه نڪري سگهندو. ڇاڪاڻ ته لطيف خود هڪ سماجي دور جي پيداوار آهي ۽ پاڻ شعر ۽ فڪر جا اهي دائمي قدر ڏنا اٿن جن جي هر دور کي ضرورت آهي. اهوئي سبب آهي جو انهن ۾ همه گيريت، جامعيت ۽ زمان ۽ مڪان سان برميچڻ جي ڪيفيت سمايل آهي. سندن ڪلام جو اهو شعوري عنصر آهي. جنهن ڪري سندن فڪر جا ماڻ ۽ قدر هر دور جو ساٿ ڏيئي سگهن ٿا. پوءِ اهو دور ڪلهوڙن جو هجي يا ميرن جو، انگريزن جو هجي يا بعد جو، جمهوريت جو هجي يا آمريت جو تهذيب جي تاريخ ۽ سماجي جدوجهد ۾ انهن تي غور ڪبو ته اهي اسان کي هر دور لاءِ ڪانهه ڪا راهه ڏسيندا نظر ايندا.

هر دور، يا عهد جا حالات ان جي روح عصر جا ترجمان هوندا آهن، جنهن ۾ معاشرتي ڪلفتن، انفرادي ۽ اجتماعي لاڙن، ان جي اخطراب ۽ بيچيني کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. ان سان گڏوگڏ ان معاشري جي آرزوئن ۽ امنگن جو به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اندازو ڪري سگھجي ٿو.

اسان کي انهي نڪتي جي آڌار تي پنهنجي دور جو جائزو وٺڻ گهرجي: ۽ ان بنياد تي رهبري حاصل ڪرڻ گهرجي. هن سلسلي ۾ غور ڪبو ته رسالي جا اڌ کان مٿي بيت انهي امر ڏانهن اوڙڪ ڏيندا نظر ايندا. رسالي جي هر سُر ۾ ان جي پچار آهي. جنهن لاءِ موجوده دور ۾ ان جي تبديلي لاءِ اهميت نظر اچي ٿي. جنهن لاءِ ڪنهن به وستار ۽ وچور جي ضرورت ڪانهي آهي:

جي تو نظر نيڪ ته بسم الله ٿي بس:

جي اندر اجريل نه آهي ته پنا پڙهي ڪيترا پڙهبا. سوچ ۽ ساڃهه جي پکي جو ان گام ڏانهن جي گذر نه آهي ته پوءِ ان وانهيري ۽ وسين کي ووڙڻ بيڪار ٿيو پوي جتي هو اسن ۽ سک محسوس ڪري ٿو.

”ماري مرين شال، جيئن ڏيهه وڃنئي ڏيهون“

اڄ ڪينجهر جا ڪنارا اداس آهن، موکي متارن جا پاٽا پينگ ٿيل آهن. سورٺ جو سينگار اجڙيل آهي. مومل ماٺو ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. سسئي سورن جي ساٿ سان جبل جي جوءِ ۾ آهي، سهڻي جو پيلو وچ سير ۾ پيري چڪو آهي مارئي عمر جي قيد ۾ آهي، ليلان ليهور ڇڏي چڪي آهي نوري نماڻا نيڻ کڻي واڏون واجهائي رهي آهي. مورڙو اڳيئن جيان مانگر مڇ کي مات ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهي ۽ چوي پيو ته:

متو آهين مڇ، تلها ٿو ٿونا هڻين،
تو جا پاڻئي اڄ تنهن پاڻي پنا اٿيئي ڏينهڙا.
(شاهه رحه)

راڻي ملارات هر روز نئون نياپو اچي ٿو. جيئن عاشق اصل پنهنجي سسي تنا سانڍيين ۽ نيهت جي نيزي تي چڙهيو پاڻ پرزا ڪيو وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"پاڻ وهيو پڇن، ڪٿي هٿ حبيب جو"

ڪين ان هٿ جي تلاش آهي جيڪو حق جو حمايتي پيڙي ۽ پرجهلو آهي. جنهن کي هو لطيف جي فلسفہ حيات ۾ محسوس ڪري ٿو ۽ ان ۾ پنهنجي لاء سڪار ۽ سڻائي سمجهي ٿو. هن نفسي جي عالم ۾ لطيف کي پيرن جي پيتا ڏيڻ صحيح عمل نہ آهي. آخر هي زندگي جي ماڻدان جي دور جون تقاضائون ڪيڏانهن وڃن؟ جن جي حل ۽ ويچار وارو معاملو انهي طرح سان بنهہ پوئتي رهجي وڃي ٿو. پوءِ يا تہ اسان لطيف جي ڪلام لاءِ جيڪا عالمي شعور واري دعوي ڪريون ٿا اها غلط آهي، يا اسان وٽ سمجهہ جي گهٽتائي آهي يا اسان سچ چوڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيون. موجوده دور ڪمپيوٽرائيزيشن جو دور آهي. جنهن انسان جي عقل ۽ اظهار جي قوت کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اقتصادي حالات جيئن پوءِ تيئن سائنسي طريقن جا محتاج ٿيندا پيا وڃن. دنيا وسيع عريض هوندي سميٽبي پيئي وڃي. انهن جا اثرات جيئن دنيا جي ٻئي حصي جي رهواسي کي متاثر ڪن ٿا تيئن هو سنڌو ماتر جي ماڻهوءَ تي بہ پنهنجو اثر ڇڏين ٿا. جنهن ۾ پراڻا سماجي قدر اسان کي ٽٽندا نظر اچن ٿا. اهڙي حالت ۾ انفس ۽ آفاق جي ڳالهہ اڄ جي ماڻهو کي مطمئن ڪري اهو ناممڪن نہ پر مشڪل ضرور آهي. خارجي حالات جو اثر عام ماڻهو جي زندگي ۽ سوچ تي پنهنجي گهري ڇاپ ڇڏي ٿو. اهڙي صورت ۾ لطيف جي فلسفي جي دائميت واري پهلو کي ڪيئن بيان ڪجي. جيڪڏهن ان کي صرف حقيقت ۽ مجاز، ظاهر ۽ باطن، پيرن ۽ روايتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ اڄ جو ماڻهو ان کي هرگز تسليم نہ ڪندو بجاءِ ان جي هو زندگي جي ضرورتن ۽ سماجي مشڪلاتن جي حل جي صورت ۾ ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ گهري ٿو. اسانجي علمي وڏائپ ۽ ان جا لاها چاڙها پنهنجي جاءِ تي ليڪن سماجي شعور جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لحاظ کان ڳالھ جو رخ ٻئي طرف وڃي ٿو، جيڪو سماجي حقيقت پسندي گھري ٿو ۽ اسان انجي اظهار کان ڪيٻايون ٿا. جيڪا اسانجي ذهني ڪمزوري آهي. جيڪا ان ڏاڍائي جي پيداوار آهي جنهن ۾ سنڌي سماج سوين سالن کان پيڙهيو رهيو آهي.

”قومون انسانيت جي دولت آهن ۽ انسانيت قومن جي معراج آهي، قومن جي دل جي ڌڙڪي سان دور جي زندگي وابستہ آهي. دنيا ۾ جڏهين بہ ڪنهن قوم جي دل جي ڌڙڪي کي دٻايو ويو آهي، تہ اها پنهنجي يا تہ يادداشت وڃائي ويهي ٿي يا وري انجو سماجي ۽ روحاني اتحاد ختم ٿي وڃي ٿو. جنهن سان ان دور ۾ شر وجود وٺي ٿو. خير جي عدم موجودگي سبب قوم جا فرد ۽ طبقا هڪ ٻئي کي سمجھڻ کان قاصر رهن ٿا. جيڪا ”سم، بڪم، عمي“ جي ڪيفيت آهي. جنهن جو لاڳيتو عمل ان دور ۾ گونگي نسل کي وجود ڏئي ٿو، جيڪو پنهنجي باري ۾ توڙي ان عهد جي سلسلي ۾ پنهنجي پوين کي ڪجھ ٻڌائڻ کان سواء مري وڃي ٿو.“ هاڻي اهو اسان تي ڇڏيل آهي تہ لطيف جهڙي عظيم انسان جي پيغام ۽ تعليم هوندي اسان ان تي عمل ڪريون يا ماٺ ڪري وهون ۽ جيئڻ آهي ۽ جيئڻ ٿئي پيو ان تي شڪر ڪريون. لطيف اهڙي دور جي حالتن لاء نہ صبر جو قائل آهي نہ وري شڪر جو:

ڀاڻ فرمائي ٿو تہ:-

”صبر ۽ شڪر کي ڪاڏي آڻيون ڪندي.“

چو تہ:- ”ٻري هن ڀنڀور ۾ دوزخ جو دونهون“ آهي.
ڀاڻ ان کي ماٺو ۽ ٿڌو ڪرڻ چاهين ٿا ۽ سنڌو ماٿر جو ماڻهو سنڌن تعليم جي روشني ۾ هن ٻري ڀنڀور کي پنهون جي پور سان اجارڻ لاء ڪوشان آهي. هو تاريخ ۾ گونگي نسل جو قائل نہ آهي چو تہ لطيف جي رائي جي جيڪا روح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ جوءِ آهي، اهو هر رهبر جي دور ۾ ڪڏهن به نه هيبو آهي. ۽ نه وري ڳل تي ڳوڙهو آندو اٿس ڇو ته سوڍو اها ڳالهه سکيو ئي نه آهي:-

چڱ جيئن چوءِ، سوڍو تيئن نه سکيو،
راڻو ايئن نه روءِ، جيئن ڳوڙهو ڳل پوي. شاهه رح

سنڌو ماڻر جو ماڻهو پنهنجي سماجي اڏاوت لاءِ لطيف کي رهبر تصور ڪري ٿو ۽ قوم جي وجود جي بقاءَ لاءِ سيني ٻنڌڻن کي هڪ ئي ڇرڪ سان ڇنيو ڇڏي:

نو نيرِ ڏهه ڏانوڻ، پنڌرهن پيد پياس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس، ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي. شاهه رح

منهنجي خيال ۾ ”موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت“ ان ڪان رڌيڪ ٻي ٿي نٿي سگهي ته خدا ۽ رسول ڪان پوءِ شاهه لطيف جو فلسفهءِ حيات ئي آهي جنهن جي بنياد تي هي قوم زنده رهندي آئي آهي ۽ زنده رهندي ايندي. ڇاڪاڻ ته لطيف حق ۽ سچ جو ساٿي آهي.

نصرت حسين ابڙو

موجوده دور ۾ شاھ لطيف جي اهميت

اسين سنڌ واسي عقيدت ۽ محبت سان حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي کي ”لاکيڻو لطيف“، ”ڀٽائي گهوٽ“، ”ڀٽائي پير جهليو“ ۽ ”مالڪ لطيف“ جي نالي سان ياد ڪندا آهيون / جيڪڏهن اسين پنهنجي زبان سان فقط لفظ ”شاھ“ چئون ٿا ته هونئن سنڌ ۾ شاھ ڀيا گهڻا پر هي شاهن جو شاھ لطيف آهي ۽ لفظ ”شاھ“ چوڻ سان اسان جي دل جي مراد ۽ دل جو خلوص ڏي پڌائي ٿو ته اهو ”شاھ“ لطيف آهي.

شاھ سنڌ جي عظمت ۽ سنڌ جي سونهن آهي ان لاءِ ته سنڌ شاھ جي عزت آهي يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ”سنڌ شاھ آهي“ ۽ ”شاھ سنڌ آهي“، لاکيڻي لطيف جو ڪلام هڪ لازوال سرمايو آهي سندس عظمت ڀريو ڪلام زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد آهي، ”شاھ جو رسالو“ موجوده انساني معاشري جي اصلاح ۽ رهنمائي جي لاءِ ايترو ضروري آهي جيترو اڄ کان ٻه سؤ سال پهرين هيو.

سهڻي لطيف سنڌ جي سڀاجهڙن مال وند ماروئڙن مسڪينن ۽ محبتي ماڻهن يعني سنڌ جي سڀاجهڙن جي ٻولي سنڌي زبان کي پنهنجي ڪلام جو ذريعو بڻايو. هڪ طرف ته سنڌي ٻوليءَ جي سونهن وڌائي ۽ ٻئي طرف پاڻ سنڌي ٻوليءَ جو امام بڻيو. شاھ جي عرفان نظر ۾ اها ڳالهه واضح هئي ته سنڌ جي سونهاري سنڌي ٻولي کي اهو مان ۽ مرتبو ملندو جو عربي زبان خدا جي ڪلام يعني قرآن حڪيم جي ٻولي هوندي ۽ سنڌي زبان شاھ جي سنڌي قرآن جي ٻولي هوندي تڏهن ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تصديق سان چيائين:

"جي تون ٻيت ڀانيان سي آيتون آهين"

شاھ جو ڪلام نه فقط سنڌي ادب پر دنيا جي وڏي ادب جو وڏو خزانو آهي. جنهن مان هر دؤر جا اديب عالم محقق ۽ دانشور سيراب ٿي سگهن ٿا. هي ايترو ته وڏو خزانو آهي جو قيامت تائين دنيا جا هزارين ٻولين جا چاڙو شاھ جي پيغام ۽ محبت تي کوجنا ڪندا رهندا.

اڄ جي دنيا نفرت، ڪوٽ، ڪينو، ٻيائي ۽ تباهيءَ تي هلي رهي آهي نه هڪ فرد کي سڪون، نه هڪ مرد کي سڪون نه هڪ گهر کي سڪون، نه هڪ قوم کي سڪون نه هڪ ملڪ کي سڪون. دنيا جا هزارين انسان پاڻ جهڙن ئي قيمتي انسانن کي نيست و نابود ڪرڻ جي لاءِ هزارين قسمن جا اوزار ٺاهي رهيا آهن. هي ڪارخانن جي چمنين مان جيڪو دونهون نڪري ٿو انهن ڪارخانن جي اندر ڏي ته انسان جي تباهي لاءِ اسلحي جا انبار آهن. لطيف ڪنهن مٿاهين جاءِ تي ويهي پوري ڪائنات جي انسانن جي ضمير سان ڳالهائيندي آسمان ڏانهن آگر کڻي انسان کي پرت، محبت، خلوص ۽ سچائي جو پيغام ڏيندي اڏامندڙ پکين جو منظر ڏيکاريندي فرمائي ٿو ته:

"وڳر ڪيو وتن پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن ماڻهان مٽ گهڻو."

لطيف جو ڪلام زندگي جي هر رخ ۽ موڙ تي رهنمائي ڪري ٿو. شاھ جو ڪلام هڪ فرد کان وٺي دنيا جي قومن لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي. شاھ هر دؤر جي انسان سان ڳالهائيندي ننڍين ننڍين چيزن جا مثال ڏيندي انسان جي رهنمائي ڪئي آهي شاھ جي نظر ۾ گهر جي اندر روز مره استعمال ٿيندڙ معمولي شئي به وڏي عظمت جي چيز آهي تڏهن ته پاڻ چيائون:

"پاڇاڻي نـه پاڙيـان سرتيون سڀئي ساڻ،
ڏيکي اگهاڙن کـي ڪين ڏيکاڻين پاڻ،
پيھر چاپي چاڻ اپـر جـي اوصاف ڪي."

سڀئي هزارين انسانن جي اگهاڙي تن ۽ بدن کي ڏيکي ٿي جنهن ۾ پوري دنيا جي شرافت پاڪدامني ۽ پردو شامل آهي، پر سڀئي پاڻ کي ڪڏهن به نٿي ڏيکي. اها سڀئي جي وڏي قرباني آهي دنيا جا لکين ڪروڙين انسان جيڪي پين جي قوت تي م'رو ڪن ٿا اهي سڀئي کان درس سکي لکين انسانن جي لاءِ ڪجهه ڪري سگهن ٿا.

اڄ جڏهن دنيا جي اندر نفرت ئي نفرت ۽ بي سڪون ماحول آهي، ڪوبه ڪنهن کي معاف ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي بدلي تي بدلو / انتقام تي انتقام / ۽ نفسانفسي جو ماحول آهي خوف ۽ هراس آهي / تڏهن لطيف پنهنجي پيغام سان پٿر دل انسانن کي محبت ۽ خلوص جو درس ڏيندي هن طرح چيو ته:

"اڻ چوندن م چـؤ چوندن چيو وسار
اڌئي پيھر ادب سين پـر اهائي پـار،
پاڻيو منهن مونن ۾ غربت سين گـذار،
مفتي منجهه وهار ته قاضي ڪاٺيارو نه ٿئين."

شاه جو ڪلام دنيا وارن جي لاءِ درس حيات آهي.
سندن ڪلام عوام الناس جي لاءِ آهي اهوئي سبب آهي جو شاه پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي به تنگ نظر ڏسڻ ۾ نٿو اچي. شاه سنڌ جي خوشحالي ۽ محبت ۾ سارنگ کي سڏ ڪري محبتي مارن جي خوشحالي لاءِ سڪر ۽ سڪائي لاءِ چوي ٿو ته:

سارنگ سار لھيج الله لڳـي اڄن جي،
پاڻي ٻـوج پٽـن ۾ ارزان ان ڪريج
وطن وسائيج تـه سنگهارن سڪـ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاه جي هڪ ٻي دعا آهي ته:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

شاه سنڌ جي خوشحالي سان گڏوگڏ بين الاقوامي خوشحالي جي لاءِ به دعا ڪئي آهي.

شاه جو ڪلام ۽ شاه جو فڪر هڪ عظيم فڪر آهي. شاه جو ڪلام سمنڊ جي برابر آهي جنهن ۾ ڪيترائي گوهر آهن لڪين درس ۽ هدايت جا نقطا آهن مگر شرط اهو آهي ته شاه کي دنيا جي عام شاعرن وانگر جيڪڏهن سمجهبو ته پوءِ شاه جي اصل پيغام کي نه پرکي سگهبو / شاه جي ڪلام کي پڙهڻ جي لاءِ عقيدت ۽ محبت جو هجڻ بلڪل ضروري آهي-

شاه پنهنجي ڪلام ۾ اهي اصول ٻڌايا آهن جيڪي دنيا وارا بين الاقوامي امن ۽ سڪون جي لاءِ تلاش ڪري رهيا آهن.

اهو وقت ضرور ايندو جو لطيف جي پيغام جو مطالعو عام ٿيندو ۽ دنيا جا هزارين ۽ لکين دانشور شاه جي محبت ڀري پيغام مان واس وٺندا ۽ پنهنجي مقامي پيغام ڏيندڙ شاعرن سان جڏهن شاه جو مقابلو ڪندا ته لطيف انهن کان مٿاهون ۽ مٿڀرو نظر ايندو. ان لاءِ ته شاه وقت جو شاعر نه آهي هو هر دؤر جو شاعر آهي، هو عظمت جو شاعر آهي / انسانيت جو شاعر آهي، ۽ ڪائنات جو شاعر آهي / جيئن جيئن وقت گذرندو ته شاه جي عظمت اڃان به نکرندي ۽ شاه جي در تي اچي اهي سڀ سلامي ٿيندا جيڪي فقط "انسانيت" سان پيار ڪرڻ گهرن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خانزاده سميع نوشهروي

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي موجوده دور ۾ ضرورت

واديءِ مهراڻ جي سداحيات عظيم صوفي بزرگ ۽ شاعر شاهه لطيف ڀٽائي رح جي دور کي ٻن صدين کان مٿي وقت گذري چڪو آهي- مگر سندس مقبوليت جو اِهو عالم آهي ته ايترو وقت گذرڻ کان پوءِ به هن ۾ ڪا ڪمي نه ٿي آهي بلڪ جيئن جيئن وقت گذرندو ٿو وڃي سندس مقبوليتن ۾ اضافو ٿيندو ٿو وڃي.

اسان هتي مختصر مضمون ۾ شاهه صاحب جي انهيءَ دور تي قلم فرسائي نٿا ڪري سگهون جنهن دور ۾ پاڻ جنم ورتو ۽ مختلف حالات کان دوچار ٿيا- انهيءَ دور جي حالات کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ جدا مضمون جي ضرورت آهي.

شاهه صاحب رح پنهنجي حياتيءَ ۾ تصوف، بزرگي ۽ شاعريءَ ۾ ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪا هئا ۽ انهيءَ دور ۾ به پنهنجن همعصرن ۾ ممتاز ۽ نمايان مقام حاصل ڪري ورتو هو- ڏسڻو اهو آهي ته سندس شهرت ۽ مقبوليت جا ڪارڻ ڪهڙا هئا. شاهه صاحب رح "سُرُ مارئي" ۾ اهو واضح ڪيو آهي ته "حق" کي "باطل" نابود ڪري نٿو سگهي- شاهه رح جو شاعريءَ ۾ مزاج درويشاڻو، لهجو ناصحاڻو ۽ مقصد صوفياڻو آهي- جنهن نه ڪڏهين غاصب ۽ ظالم کي پٺبو ۽ نه پاراتو ڏنو- اها سنڌ جي سرزمين جي خمير جي روايت آهي- شاهه رح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي شاعريءَ جي ڪردارن ۾ غاصب ۽ ظالم فنا جي درياه ۾ غرق ٿي ويا- مظلوم، معصوم ۽ سچاجهڙا سدائين لاءِ زنده جاويد بڻجي پيا، جن کي ڪو به انقلاب مٽائي نٿو سگهي- مارئي سدا سهاڳڻ آهي- مارو جيئرا آهن، سنڌ زنده آهي- ڪيترائي انقلاب برپا ٿين- تغيرات اچن- سنڌ قيامت تائين جيئري رهندي-

(مهراڻ رسالو سنه ۱۹۷۳ع)

علاوه ازين مٽي ۽ ماڻهوءَ جو هڪ مضبوط سٻنڌ آهي اهو ناتو جسم کان وڌيڪ روح سان آهي- جسم فاني شئي آهي پر روح سداحيات، آهي- انهيءَ ناتي کي ڪابه شئي ٽوڙي نٿي سگهي- (مهراڻ رسالو سنه ۱۹۷۳ع)

شاه رح پنهنجي شاعريءَ جي مختلف سرُن ۾ انسان، روح، سرزمين، مادي عناصر- زندگي، موت، ڪائنات، خالق ڪائنات، ظالم، مظلوم ۽ دنيا ۾ پيش ايندڙ تڪليفن ۽ سختين کي موضوع بنائي ۽ انهن کي تمثيل جي صورت ڏئي پنهنجي مخصوص صوفيانه انداز ۾ بيان ڪيو آهي- سندس لهجو نهايت دلنشين- عام فهم ۽ منفرد آهي- تنهن ڪري شاه صاحب رح کي سنڌ جي صوفي ۽ بزرگ شعراء ڪرام ۾ هڪ ممتاز مقام حاصل آهي. اهائي امتيازي خوبي شاه رح جي شاعري کي مقبول عام ۽ سداحيات بنائي ٿي- هن کان سواءِ شاه رح پنهنجي دور يا هن کان اڳ جي عوامي داستانن کي جن ۾ عمرمارئي سسئي پنهون، مومل راڻو ۽ راءِ ڏياچ وغيره خاص طور تي ذڪر جي قابل آهن پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بنائي امر ڪري ڇڏيو آهي- انهن روماني داستانن سان عوام جي دلچسپي گهڻي هئي تنهن ڪري شاه صاحب رح جي شاعري عوامي صورت اختيار ڪري مقبول عام ٿي وئي.

هن کان سواءِ ڀٽائي رح جي شاعريءَ ۾ موسيقيت هڪ اهڙو عنصر آهي جو هن کي سنڌ جي شاعرن ۾ امتيازي حيثيت ڏئي ٿو- موسيقيءَ لاءِ چون ٿا ته هيءَ هڪ انٽرنيشنل زبان

آهي جنهن ڪي هرهڪ ماڻهو آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.

مٿي بيان ڪيل خوبيون اهڙيون آهن جن جي ڪري لطيف سائين رح جي شاعريءَ کي ڪنهن بہ دور لاءِ محدود ڪري نٿو سگهجي- اهوئي سبب آهي تہ شاه صاحب رح جي شاعري نہ صرف اڳئين دور لاءِ مفيد ۽ ڪارائتي هئي بلڪہ موجوده دور ۾ بہ هن جي اهميت، افاديت ۽ ضرورت ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي ۽ نہ ايندو.

موجوده دور گذريل دور کان بلڪل مختلف آهي هينئر انسان جي جاءِ مشينون وٺي رهيون آهن. معاشرتي قدرون تبديل ٿي رهيون آهن- انسان جون ضرورتون ۽ مصروفيات وڌي رهيون آهن. هن اينٽمي ۽ سائنسي دور ۾ دنيا نهايت مختصر ٿي وئي آهي- هر فن ۾ نـــوان تجربا ٿـــي رهيا آهن. شعر و ادب ۾ بہ ڪافي تبديلي اچي چڪي آهي مگر انهيءَ هوندي بہ شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جي شاعريءَ جي ضرورت اوتري ئي آهي جيتري گذريـــل وقت ۾ هئي- موجوده مصروف ترين دور ۾ شاه صاحب رح جي شاعريءَ جي افاديت، اهميت، ۽ ضرورت کان ڪوبہ ماڻهو انڪار ڪري نٿو سگهي- انساني زندگي ۽ شاه رح جي شاعري لازم ۽ ملزوم آهن- جيئن زندگيءَ کان انڪار ممڪن نہ آهي تيئن شاه صاحب رح جي شاعريءَ کان بہ انڪار ڪرڻ مشڪل آهي- جستائين زندگي آهي تيستائين شاه صاحب جي شاعري آهي- جڏهن تہ شاه رح جي شاعريءَ جي ضرورت موجوده دور ۾ بہ مسلم آهي تہ پوءِ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ضرورت موجوده دور ۾ بہ آهي ۽ آئينده دور ۾ بہ رهندي. انهيءَ ڪري تہ فنڪار پنهنجي فن جي ڪري سدائين حيات رهندو آهي. مان پنهنجي هن نظم تي مضمون کي ختم ڪرڻ جي اجازت وٺندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجو مرشد، منهنجو سائين
سنڌڙيءَ جو سرتاج سدائين

—

رشتو آهي روح جو توسان
دل ۾ تون آباد سدائين

—

مسلڪ تنهنجو خاڪ نشيني
جنهن کي چاهين شاه بنائين

—

چاجي ورسي، ڪنهن جي ورسي
زنده رهندين- زنده آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد خان مجيدي

موجوده دور ۾ شاهه جي اهميت

جنهن جي جيتري حيثيت هجي، ان کي اوتري اهميت ملڻ گهرجي، هتي شاهه جي اهميت جو مسئلو آهي- صرف زباني طرح ڪيس اهم چوڻ سان سندس اهميت نه وڌندي- مگر هن باري ۾ عملي طرح ڪو پروگرام هلائڻو پوندو ۽ شاهه جي شخصيت ۽ شاعري تي تحقيقي مقالا لکي شاهه جي فڪر کي پوري دنيا ۾ پکيڙڻو پوندو.

هن ڳالهه کي هرڪو مڃي ٿو ته شاهه دنيا جي صف اول جي شاعرن مان هڪ آهي سندس شاعري دنيا جي اعليٰ ۽ معياري شاعري مان هڪ آهي ۽ شاهه جو رسالو دنيا جي ادبي ڪتابن ۾ لاثاني شاهڪار جو درجو رکي ٿو.

اسان جو شاهه: ڪيڏو ڪيڏو شاعر آهي
هيڏو هيڏو شاعر آهي
جيئجي تيڏو شاعر آهي
ڌرتي جيڏو شاعر آهي

اهڙي عظيم شاعر جي شهرت ۽ اهميت کي سنڌ جي حدن کان ٻاهر ڪڏهن نه سگهيا آهيون- موجوده دور جي ضرورت آهي ته اسان شاهه جو ڪلام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايون انهن ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي ڪانه آهي- اڄ نشرو اشاعت جي هر ڪا سهولت آهي. شيڪسپيئر انگلنڊ مان نڪري ساري دنيا ۾ پهچي سگهي ٿو- مگر شاهه سنڌ کان ٻاهر نڪري نٿو سگهي. اسان جا سنڌي اديب جيتري قدر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻين ٻولين جي شاعرن جا ڪتاب دل سان پڙهندا آهن اوتري قدر شاهه جي رسالي جو مطالعو ڪونه ٿا ڪن جيڪڏهن سنڌي ماڻهو به شاهه جي ڪلام کي خاص اهميت نه ڏيندا ته ٻين قومن جي ماڻهن ۾ ڪهڙي آميد رکي سگهجي ٿي. جيڪڏهن شاهه انگلنڊ ۾ پيدا ٿئي ها ۽ انگريزي زبان ۾ هن قسم جي شاعري ڪري ها ته يقينا شيڪسپيئر کان به سندس اهميت مٿي هجي ها.

اسان شاهه جا ڏينهن ڏهاڙا ته ملهايون ٿا، سائس عقيدت جو اظهار ته ڪريون ٿا، ڪيس احترام جي نگاهه سان ته ڏسون ٿا. سندس درگاهه تي حاضريون ته ڀريون ٿا ڪانئس دعائون ته گهرون ٿا. جيئي لطيف جا نعرا ته هڻون ٿا پر لطيف ۽ لطيف جي ڪلام جي جيارڻ لاءِ اسان اڄ تائين ڇا ڪيو آهي؟ لطيف رڳو قبي ۾ موجود نه آهي- لطيف ٿر جي پٽن- ڪوهستان جي ماڻڙين- ۽ سمنڊ جي ڪنارن تي به نظر ايندو.

ٻڌايو ته اسان ڪڏهن ڪو شاهه جو بيت پڙهيو- لکيو- ياد ڪيو ۽ دوستن تائين پهچايو آهي، اسان ڪڏهن ڪو شاهه جو رسالو نيائين کي ڏاج ۾ ڏنو آهي؟

قليچ، سانگي- گربخشاڻي- شهواڻي- ڏيپلائي- علامه قاضي ڪليان آڏواڻي ۽ ٻين عالمن ته شاهه صاحب جو قرض چڪايو پر اسان هن باري ۾ ڇا ڪيو آهي- ڇا لطيف اسان سڀني جو نه آهي؟ اسان جي گهرن مان جان عالم ۽ چار درويش جا قصا ملي سگهندا، پر شاهه جو رسالو ڪونه ملندو. اسان اڄ تائين شاهه متعلق جيڪي ڪتاب وفائي- سيد، راشدي ۽ ڏيري لکيا آهن سي نظر مان ڪڍيا آهن؟

شاهه جي اهميت هن ڪم ۾ آهي ته سڀ رسالا، پڙهڻيون ۽ اڻ ڇپيل ڪلام اڳيان رکي چنڊي ڇاڻي پيٽي شاهه جو مستند رسالو تيار ڪري ڇپائي، ماڻهن تائين آندو وڃي. شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

تہ جي بيت پاڻئيا
سي آيتون آھن۔

تہ پوءِ انهي چوڻ ۾ ڪو هرج نہ ٿيندو تہ شاھہ جو رسالو سنڌي زبان ۾ قرآن آهي- جڏهن قرآن شريف ۾ زير زبر جو فرق بہ ٿي نہ ٿو سگهي تہ ضروري آهي تہ شاهہ جي رسالي ۾ جيڪو فرق آهي سو بہ ميٽجڻ گهرجي۔

اڪثر اسان جا نوجوان جن وٽ ڪاليجي ڊگريون تہ آهن پر شاهہ جي ڪلام تي ڪين عبور نہ آهي۔ انهي ڪري ڪڏهن ڪڏهن شاهہ جي ڪن بيتن پڙهڻ ۾ غلطيون ڪندا آهن۔ استادن جو فرض آهي تہ سنڌن رهنمائي ڪن۔ شاهہ جي ڪلام ڪي صحيح نموني ۾ پڙهڻ ۾ ئي شاہ جي اهميت آهي۔

اڄا ڪيسنائين شاہ جي ڪلام جي چند ڇاڻ ٿيندي رهندي؛ اڄا ڪيسنائين امداد سرائي وارا شاہ جا اڻ ڇپيل بيت ڳوليندا رهندا۔ هي بہ هي ڪم گهٽو اڳ ۾ سر انجام ڪرڻ کپندا هئا۔ هنن ڪمن سان شاهہ جي اهميت جو تعلق آهي۔

سائين، شاهہ جي ڪلام سان وڏو ويڌن ڪيل آهي- ڪيترن بيتن جو تہ حليو بہ بدلايو ويو آهي- هٿ وٺي شاهہ جي اهميت کي گهٽايو ويو آهي- جڏهن اسان کي پنهنجي قومي وجود جي سڃاڻپ بہ نہ آهي- تڏهن شاهہ جي سڃاڻپ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي۔

شاهہ جي ڪلام جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي آهي ڀٽ شاهہ ۽ اتي شاهہ جا راڳائي موجود هوندا۔ جيڪي شاهہ جي ڪلام جا حافظ بہ آهن تہ شاهہ جو ڪلام صحيح نموني ۾ سمجهي ۽ پڙهي سگهن ٿا۔ شاهہ جي فقيرن ۽ شاهہ جي ڪلام جي عالمن جي رابطي هئڻ ۾ وڏو فائدو ٿيندو فقيرن ۽ عالمن جي وچ ۾ جيڪو لفظي ۽ معنوي فرق آهي سو بہ نڪري سگهندو۔ هي ڳالهہ شاهہ جي اهميت متعلق آهي؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موجوده وقت ۾ سؤ ڏيا سوا سؤ رپين ۾ شاهه جو رسالو ملي ٿو. جي غريب ماڻهو خريد ڪري نٿا سگهن بهتر ته ائين ٿيندو ته رسالي جي جدا جدا سرن تي ننڍيا ننڍيا ڪتاب ڇپائڻ ۾ اچن ته هرڪو غريب غربو به ڪتاب خريد ڪري سگهندو. لطيف کي سانوڻ فقير جي صف سان ڪيڏي دنيا جي وڏن شاعرن جي وچ ۾ وهارڻو آهي ۽ رسالي کي هر لئبرري هر اداري- هر گهر ۽ هر ماڻهو سان ملائڻو آهي.

شاهه جي اهميت جو هن ڳالهه مان اندازو لڳائي سگهبو ته سنڌ ۾ هن وقت سوا ڪروڙ سنڌي ماڻهو آهن- سال ۾ ٻه هزار شاهه جا رسالا به ڪونه تيار ٿيندا آهن- ان حساب موجب هزار سنڌي ماڻهن مان ڪنهن هڪ وٽ شاهه جو رسالو هوندو.

وري بي پرواهي به ڏسو- اڳي اسلن قرآن شريف کي ريشمي رومالن ۾ ويڙهي ڇڪي تي رکي ڇڏيو هاڻي شاهه جي رسالي سان به ساڳيو سلوڪ روا رکيو ويو آهي. شاهه جو رسالو ته اسان جي پنهنجي مادري زبان ۾ آهي ان جي پڙهڻ ۽ پرجهڻ ۾ ته خاص دلچسپي وٺڻ گهرجي، ۽ شاهه جو پيغام ساري دنيا تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

اسان جي ملڪ ۾ هيڏي ساري افراتفري آهي ماڻهن کي نه روحاني خوشي آهي- نه ذهني سڪون آهي ۽ نه دلي تسڪين آهي، اسان جو آرام ڦٽل آهي- اڳي ته رڳو ڏوهياڻي جو ڏاڙو لڳو هو ۽ مارئي جي اغوا جو واقعو ٿيو هو- اڄ ڏاڙيلن کان نه شهر محفوظ آهن ۽ نه روڊ، اها سزا اسان کي انهي ڪري ملي رهي آهي جو اسان ڏارين نظرين کي پنهنجو بنائي رهيا آهيون- ۽ شاهه جي نظريه کي وساري رهيا آهيون. اسان ڏارين کي ترڪ ڪري شاهه جي تعليم تي عمل ڪنداسون ته اسان وٽ امن امان بحال ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇا ڪارل مارڪس ــ لينن ــ ٽالسٽاءِ، مائوزي تنگ جــو نظريو، شاهه جي نظريه کان بهتر آهي ــ نه ــ هرگز نه.

آٽ ڏاريا نظريا ڪين هلن. جت نظريو
شاهه پڻائي جو
آٽ زهر جا ڇورا ڪين چلن. جت آهي
ملڪ مٺائي جو

شاهه پنهنجي ڏان ۽ ڏات، مشاهدي ۽ عشق جي بدولت جيڪو قيمتي خزانو ڏنو آهي ان جي قدرداني ڪرڻ اسان تي واجب آهي. نه ته شاهه جا مياري ٿينداسون.

شاهه صاحب گهڻو ڪري پنهنجي شاعري زمان حال يعني اڄ ۾ ڪئي آهــي. شاهه سدا حيات شاعر آهــي سندس ڪردار به سدا حيات آهن. شاهه پنهنجي شاعري ۾ جيترو جاڳندو ۽ هلندو چلندو نظر اچي ٿو، جيئن ته:

اڄ اڏينگا ويڙ. مونکي مڪا جهڏيئن
اڄ پڻ اڪڙيـن سڄڻ پنهنجا ساريا
اڄ رسيلا رنگ بادل ڪيا برجن سين
اڄ پڻ منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا.

شاهه محبت جو مهراڻ آهي سندس پيار ۽ محبت پائڻ ۽ ڇتائڻ جو انداز ڪهڙو نه دلڪش ۽ دل نواز آهي.

اڄ پڻ اڪڙين. سڄڻ پنهنجا ساريا
ڳلن تان ڳوڙهن جون. بوندون بس نه ڪن
سندي سڪ پرين لوڪ ڏٺي نه لهي.

ڪاش اڄ جي اسين سندس اها سڪ ساهه ۾ سانڍي سگهون ها ته هوند هيئن بتال نه ٿيون ها. شاهه جڏهن ساڻهن لاءِ ڪا مشڪل گهڙي ڏسي ٿــو تڏهن دل سوزي سان دعائون گهري ٿو:

کوھا کالھہ کٿي، ان وڏا اتر آسري
الله جھري مَ ان جي اولي جي اٺي
وڻجارن وٺي، وکر وڏو ٻيڙيئن
ياد رکڻ گھرجي تہ شاھہ دعائن وارن مرشدن کان گھڻو متاثر آھي.

ھيٺين بيتن مان شاھہ جي وطن پرستي جو اندازو لڳائي سگھبو:

واجھائي وطن کي ساري ڏيان ساھہ
ٻت منھنجو بند ۾، قيد مَ ڪري جاھہ
ٿڌي وسائجا ٿرن جي، مٿي مٿي مستاھہ
جي پويون ٿئي پساھہ تہ نجاھہ مڙھہ ملير ڏي

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست توں دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

سچ ۾ سائيھہ، ڪنھن اٺاسي و سرن
حيف تنين کي ھوھہ وطن جن وساريو.

انھن چند مثالن مان پوري ريت پروڙي سگھبو تہ شاھہ جي اھميت اڄ بہ اھڙي آھي جيئن جياپي لاءِ آڪسيجن يا روشني لاءِ سج ۽ اھا اھميت آخرتائين ساڳي ريت ۽ ساڳي حالت ۾ قائم رھڻي آھي.

شاھہ عوامي، قومي انقلابي، ۽ صوفي شاعر آھي. سندس شاعري مان خدا بہ ملي ٿو، رسول بہ ملي ٿو، دين بہ ملي ٿو ۽ دنيا بہ ملي ٿو. شاھہ جو عوام آھن مارو ماڻھو، شاھہ ھيٺن ۽ جھيڻن، مظلومن ۽ مجبورن جو شاعر آھي، سندس خيال

Scanned with CamScanner

۾ سيني مظلوم طبقن ۾ عورت وڏيڪ مظلوم آهي. شاهه هڪ عظيم استاد، قومي ڪمانڊر، سرهيال ۽ سونهين جي حيثيت ۾ مصيبتن ۾ مبتلا ٿيل مظلوم ماڻهن جي ڪهڙي ريت رهنمائي ڪري ٿو، ان جو اظهار اڳتي ٿيندو. مارئي، مومل، سهڻي، سسئي، سورٺ ۽ نوري سان گڏ آهي، مشڪلات ۾ انهن کي ڏس ڏي ٿو، سندن سهارو بڻجي ٿو ۽ ڪين منزل پيڙو ڪري ٿو. شاهه پنهنجي رسالہ ۾ گهڻي ۾ گهڻي جاءِ مظلوم عورتن کي ڏني آهي، ان کان سواءِ هر مصيبت زده جو مددگار رهيو آهي:

سهڻي درياءَ جي ڪناري تي پهچي چڪي آهي، خيالن ۾ غرق آهي ته درياءَ ۾ گهڙان يا نہ گهڙان، اتي شاهه جيڪو موجود آهي، هڪل ڪري چويس ٿو تہ:

گهڙياسي چڙهيا، ائين اتيئي
مٺي متي مهراڻ ۾ پٺو ٿپو ڏيئي
تہ مهار مليئي، سنيوڙو سيڏاهه سين

درياءَ ۾ گهڙڻ کان پوءِ سهڻي ڏسي ٿي تہ پيلو پري رهيو آهي هاڻي تار ترڻ مشڪل ٿيندو، اتي شاهه ڪيس دلداري ڏي ٿو تہ:

پاڻ م ڪڇ پاڻ سين- ري وسيلي وڃ
پيلو پيري پيچ- اُڪنڊ ڪڻ عميق ۾

سهڻي کي اچا بہ وڏيڪ سهاري ڏيڻ لاءِ ڪيس چوي ٿو:

پڇن جي ميهار ڪي- پڇي سي مهار
ترهو تنين کي بار- عشق جنين کي آڪرو

گهڙي پچڻ کان پوءِ سهڻي جي اميد وڌائڻ لاءِ شاهه صاحب سهڻي کي چوي ٿو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهڙو پڳو تــه گهـوريو، آسر م٘ لاهيــج
لاتقنطوامـن رحمة الله ترهي ان تـريــج
تہ حبيائي هيــج، پسين منهن ميهـار جو.

شاهه صاحب سسئي کي به اڪيلو نٿو ڇـڏي، سندس ساٿي ٻنجي سندس رهبري ڪري ٿو. چوي ٿو تہ:

ويئي ور نہ پون ستي ملـن نہ سپرين
جي مٿي رندرون، سڄڻ ملي تن کـي

اڳي هلي هن ريت فرمائي ٿو تہ:

ڀڙين تون پارج، پارڻ پوءِ پنهونءَ تي
ٻول نہ وساريج، هو جو ڪيو ۽ هوت سين

وري هيئن به فرمائي ٿو تہ:

مر تہ موچاري ٿئين، ويهي جيءَ م٘ جوء
منڌ مرڻان پوءِ، پهچندئين پنهون کـي

ڪيس وات جا پار پتا به ڏئي ٿو ۽ وڃڻ جي به تاڪيد ڪري ٿو:

ڪيچان اوري ڪتهين ونڃ نہ ويساهين
ڪيميني ڪيچين لاءِ، پورج پراهين
ٽاڻيج تيڏاهين، وارج ڪـام ورڻ جي

آخر هنن لفظن سان سندس يقين کي پختو ڪري ٿو:

سمر جنهين نہ ساڻ، هوت حماتي ٽن جو
ڪري چيچ چپر م٘، پنهون اپنـدو پاڻ
ٿيندي ريجهہ رهاڻ، لحظي منجهہ لطيف چئي.

مارئي کي به مائٽاڻو دلاسو ڏئي ٿو:

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ م٘، لوئي هڏ م لاهہ
ستي سيحل نباهہ، ملير وينسدئيـن مارئـي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

سٽي ٿنهن جي سٽ ۾، ڳالھ گهرجي ڳچ
وڏيو، ڇيريو، ڇچريو، پر ۾ آئي پچ
ساڻ امانت اچ، ته ٿئين سماڻي سائينءَ ۾

———

وري جنگ جي ميدان ۾ سوره سپاهي کي چوي ٿو ته:

سوره مرين سوپ کي ته دل جا وهم وسار
هٿ پيالا وڙه پاڪرين، آڏي ڏال مَ ڏار
مٿان تيغ ترار، مار ته متارو ٿئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حافظ غلام قادر چنا

موجوده زماني ۾ شاهه لطيف جي اهميت

الله تعاليٰ بني نوع انسان کي صرف ڪن فيڪون جي حڪم سان نه، مگر وڏي اعزاز ۽ اڪرام سان پيدا فرمايو. کيس مسجود ملائڪ بنائي اشرف المخلوقات جو شرف عطا فرمايو. سندس جسماني پرورش سان گڏ روحاني پرورش جو پڻ بندوبست فرمايو. دنيا جو پهريون انسان حضرت آدم عليه السلام الله جو نبي هو ۽ حضرت آدم عليه السلام کان وٺي الله تعاليٰ بني نوع انسان جي رشد و هدايت، رهنمائي ۽ رهبري جو بندوبست فرمايو. اهو سلسلو هلندو رهيو ۽ نبي آخرالزمان حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن تي نبوت جو سلسلو ختم ٿيو. جيئن جيئن نبين جو زمانو گذرندو ويو، ماڻهو گمراهي، خلفشار، بدامني، بي ادبي، بي چيني ۽ افراتفري ۾ مبتلا ٿيندا رهيا.

موجوده زمانو، جنهن زماني ۾ اسين هلي رهيا آهيون، انسان هڪ طرف شيطان پٺيان لڳي رهيو آهي، ته ٻئي طرف نفس انسان کي برائي لاءِ آماده ڪري رهيو آهي ته ٽئين طرف معاشرو انسان کي مجبور ڪري رهيو آهي. انسان کي ايتري فرصت نه آهي جو چڱي ۽ بري ۾ تميز ڪري سگهي. يا انهيءَ ڪَنَ مان جان ڇڏائي ڪنهن ڪنڌيءَ لڳي. ڪلام الاهي يعني قرآن مجيد ۽ سنت رسول يعني حديث پاڪ اسان وٽ موجود آهي. مگر ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي فرصت نه آهي. ان افراتفري واري دور ۾ اسان جي لاءِ صوفين ۽ بزرگن جا قول جيڪي عام ماڻهن جي زبان تي جاري آهن، رهنمائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو هڪ بهترين ذريعو آهن. بالخصوص حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جا قول، جنهن پنهنجي ڪلام کي الله جي ڪلام جي رنگ ۾ رنگي نروار ڪيو، تعليم خداوندي ۽ تعليم رسول صه جي عين مطابق پنهنجي ڪلام ۾ بني نوع انسان کي رشد و هدايت جو پيغام پهچايو.

حقيقت ۾ شاهه لطيف جو ڪلام سندس انهن بيتن جي مصداق آهي.

”جي تون بيت ڀانئين سي آيتون آهين،
نيو من لائين پريان سندي پــار ڏي.“

ڪلام الاهي ۾ سڀ کان پهريائين توحيد خداوندي جو درس ڏنو ويو آهي، تـه اي انسان تنهن جـو خالق ۽ مالڪ ۽ معبود برحق صرف هڪ ئي الله آهي. ان جي بندگي ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي اڳيان ئي پنهنجو سر جهڪائڻ گهرجي. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ ان ئي حقيقت کي هن رنگ ۾ پيش ڪيو.

اول الله عليم، اعليٰ عالم جـو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم،
والي واحد وحـده رازق رب رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙي جوڙ جهان جي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه انسان کي توحيد جو سبق ڏياريندي فرمائي ٿو ته! اي انسان اهو عقيدو رک، ته الله سڀني کان اول آهي. الله سڀني کان بلند آهي. ۽ اهو اڪيلوئي هن ڪائنات جو مالڪ آهي. هو ايتري ته قدرت جو مالڪ آهي، جو هر زمان ۽ هر مڪان ۾ سندس قدرت قائم آهي. اهو هڪڙوئي الله سڀني جو والي، سڀني جو رازق ۽ سڀني تـي ٻاجهارو آهي. ان ڪري ان ئي مالڪ جي صفت ۽ ساراهه ڪر

جنهن هن جهان جون جوڙون جوڙيون آهن.

عقيده توحيد کان پوءِ رسالت تي ايمان آڻڻ لازمي آهي. جنهن زبان سان لا اِلہ اِلا الله چئي توحيد جو اقرار ڪيو تـو وجي، ان ئي زبان سان محمد رسول الله چئي رسالت محمديءَ جو اقرار ڪيو تو وجي. اهائي وائي اسان کي شاه لطيف جي ڪلام ۾ ملي ٿي.

وحـدہ لا شريڪ لہ جـان تـو چئين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي نرتئون منجهان نينهن،
سو تون وڃيو ڪيئن، نائين ڪنڌ ٻين کي.

صرف ايترو ئي ڪافي نہ آهي تہ، زبان سان وحدانيت يا رسالت جو اقرار ڪري انسان بي خوف ٿي ويهي رهي. مگر فرمان خداوندي جي مطابق اَطيعو الله و اطيعوا الرسول کي پنهنجو شيوو بڻائڻو آهي. جيستائين اهو جذبو پيدا نہ ٿو ٿئي تيستائين انسان پنهنجي ان منزل کي حاصل نہ ٿو ڪري سگهي، جنهن جي لاءِ الله تعاليٰ کيس پيدا فرمايو آهـي. ان حقيقت کـي حضرت شاه عبداللطيفرحہ هن طرح بيان فرمايو آهي:

وحده جـي وڍيـا، الا الله سين اورين،
هنيون حقيقت ڳـڏيـو، طريقت تورين،
معرفت جـي ماڻ سين ڏيساندر ڏورين،
سڪ نہ ستا ڪڏهين ويهي نــہ ووڙين،
ڪلهئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

انسان چاهي هن دؤر جو هجي، يا آڳاٽي دؤر جو يـا اچڻ واري دؤر جو ان جي فلاح ۽ ڪاميابيءَ جو راز ان ۾ ۾ آهي تہ هو الله ۽ ان جي رسولﷺ جو مطيع ۽ فرمانبردار ٿي رهي. فرمان خداوندي آهي: لقد کان لکم في رسول الله اُسوة حسنہ يعني توهان جي لاءِ رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي زندگي ۾ بهترين نمونئہ عمل موجود آهي.

ٻي جاءِ تي هي بہ فرمايو ويو آهي قل اِن ڪنتم تحبون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

الله فاتبعوني. يعني اي پيغمبر چئو جيڪڏهن توهين الله سان محبت ڪرڻ چاهيو ٿا ته منهن جي اطاعت ڪريو.

انهن آيتن سڳورين جي مفهوم جي مطابق انسان جي ڪاميابيءَ جو راز، رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي اطاعت ۽ پيروي ۾ آهي. جيڪڏهن اهو جذبو دل ۾ نه ٿو رکيو وڃي ته پوءِ خدا جي محبت جي دعوا باطل آهي.

اهو ساڳيو سبق شاهه لطيف بني نوع انسان کي هن طرح ياد ڏياريو:

پليو سڀ پنهور جو پنيءَ هوت نه هليو،
شهر سڄاتو ڪينڪي آريءَ اتــــور،
ماڻيو تنين مــور، ديکيو جنين دل سين.

يعني جيڪي ماڻهو سردار دوجهان رحمة اللعالمين جي نقش قدم نه هليا، سندن تعليم، سندن اعمال، اقوال ۽ سنت تي عمل نه ڪيائون، اهي سڀ پليل آهن. ڪاميابي وارا اهي آهن جن اطاعت ۽ اتباع رسول کي پنهنجي عادت بنائي ڇڏيو.

حضور صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ الله تعالي ارشاد فرمايو وما ارسلناك الا رحمة اللعالمين يعني اي حبيب اسان توکي جهانن جي لاءِ رحمت بنائي موڪليو آهي. ۽ هي به فرمايو ويو ورفعنالڪ ذڪرڪ يعني اسان تنهنجي ذڪر کي بلند ڪيو. ساڳي طرح حضرت شاهه عبداللطيف رحه حضور صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۾ فرمايو.

جکري جهڙو جــوان، ڏسان ڪونــه ڏيهه ۾،
مــهــڙ مــڙنــي مــــرسلين، سرس سندس شان،
"فڪان قاب قوسين اوادني" اي ميسر تيس مڪان،
اي آ گي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم ههڙو.

انساني خوبين مان اخلاق هڪ اعلي خوبي آهي. با اخلاق انسان مخلوق خدا وٽ به عزت حاصل ڪري ٿــو، ته مالڪ ڪائنات وٽ به شرف حاصل ڪري ٿو. ان ڪري اخلاقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعليم جـو درس ڏيندي قـرآن مجيد ۾ ارشاد خداوندي ٿيو. يعني ماڻهن، سان سٺو ڳالهائڻ ڪنهن کي معاف ڪرڻ ان صدقي کـان بهتر آهـي، جنهن لاءِ احساس جتلايو وڃي.

حضور صلي الله عليه وسلم جن جو ارشاد گرامي آهـي: بهترين گفتگو هڪ قسم جو صدقو آهي، ۽ هي به فرمايو ويو الله تعاليٰ جي نزديڪ بهترين انسان اهو آهي جنهن جا اخلاق سٺا آهن.

حضرت شاه عبداللطيف ان ساڳئي درس کي هن طرح بيان فرمايو:

اڻ چونـدن ۾ چئو، چونـدن چيو وسار،
انئي پهر ادب سين پـر اهائـي پــار،
پايو منهن مـونـن ۾ غربت سين گـذار،
مفتي منجهه وهار، ته قاضي ڪاڙيارو نه ٿئين.

جيڪي ماڻهو الله ۽ سندس رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪن ٿا، الله کي پنهنجو خالق، مالڪ، رزاق ۽ معبود بر حق سمجهي ان جي عبادت ڪن ٿا، الله وٽ انهن جا وڏا مان آهن. رضي الله منهم ورضو عنه جي مقام جا مالڪ آهن. يعني الله انهن کان راضي ۽ اهي الله کان راضي آهن. هت ۽ هت ٻنهي جهانن ۾ سرها آهن. ڪنهن جي به نيڪيءَ جو ذرو زيان نه ٿو ٿئي. الله وٽ انهن جو وڏو شان آهي. شاه صاحب ان حقيقت کي هن طرح بيان فرمايو آهي.

ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام آسڻ اچيو ان جي.

مطلب ته شاه لطيف جي ڪلام مان اسان کي اهوئي سبق حاصل ٿئي ٿو جيڪو قرآن ۽ سنت رسول مـان درس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حاصل ٿئي ٿو. شاهه لطيف جو ڪلام موجوده زماني جي گرفت کان بچائي صراط المستقيم تي هلڻ لاءِ بهترين رهنمائي ڪري ٿو. سنڌس ڪلام جو مقصد ڪلام الاهي ڏانهن متوجهه ڪري انسان جي رهنمائي ڪرڻ ۽ ان کي زندگيءَ جي راهه ۾ لاهن چاڙهن ۽ ڪُڌن ڪوڙن کان باخبر ڪرڻ ۽ سلامتيءَ سان منزل مقصود تائين پهچڻ ۾ مددگار ۽ معاون بنجڻ آهي.

ڀٽائي صاحب جو ڪلام اڄ به اهوئي اثر ۽ تاثير رکي ٿو جيڪو اڄ کان پوڻا ٽي سؤ سال اڳ اثر رکندو هئو. جيئن ڀٽائي صاحب جي ذات زمان و مڪان کان ماورا آهي تيئن سندس ڪلام به وقت ۽ جڳهه جي جڪڙ بندين کان آزاد، همهگير، آفاقي ۽ ابدي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نذير ناز

ڪوڙين ڪن سلام اچي آڳهه ان جي

اڄ جي دنيا انيڪ مسئلن سان گهيري پئي آهي. جهڙوڪ عالمي امن کي خطرو لاحق آهي، جنگ جا ناد ڏرتيءَ بدران هاڻي آسمان ۾ پڌڻ ۾ اچن ٿا- استار وار ان جو مثال آهي. دنيا ۾ بک آهي، افلاس آهي، بيروزگاري آهي، سياسي غلامي آهي، بداخلاقي آهي.

اهي مسئلا ان ڪري حل نٿا ٿين جو دنيا وارن اڌ ڪائنات (عورت) کي نظرانداز ڪيو آهي ۽ ان جي مشورن، صلاحيتن ۽ لياقتن مان فائدو نه ورتو آهي. اڄ مان شاه صاحب جيڪو اڌ ڪائنات جي باري ۾ چيو آهي ۽ جيڪا اهميت شاهه صاحب عورت ذات کي ڏني آهي، مان انهيءَ اڌ ڪائنات جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪنديس.

شاهه صاحب هر دور جو عوامي شاعر آهي- دنيا جو مجيل شاعر، باعمل، عالم، دکي انسانيت جو رهبر، زبان ۽ بيان جو وڏو ڄاڻو ۽ اهو هاڪ آهي جنهن جو مثال دنيا ۾ ملڻ مشڪل آهي.

سرزمين سنڌ کي اهو فخر حاصل آهي جو اُن شاه لطيف جهڙو لاثاني ۽ لافاني شاعر پيدا ڪيو آهي. انهيءَ لافاني شاعر جيڪا اهميت عورت ذات کي ڏني آهي تنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. شاهه صاحب کي عورت جي عظمت جي خبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي. هو چاڻي پيو ته عورت جي وجود کي تسليم نه ڪري هي دنيا ڪڏهن به ترقي نٿي ڪري سگهي. شاهه صاحب کي چاڻ هئي ته عورت ڌيءَ جي روپ ۾ اکين جو نور آهي. ڀيڻ جي روپ ۾ غيرت ۽ عزت جو نشان آهي. ماءُ جي روپ ۾ جنت جي ڪنجي آهي ۽ ونيءَ جي روپ ۾ ڏکن ۽ سکن جو ساٿي آهي.

انهيءَ ڪري شاهه صاحب عورت جي عظمت جا گيت ڳايا آهن ستن سورمين جي ذريعي لافاني قدرن ۽ نظريات جي تبليغ ڪئي آهي.

سنڌس سسيءَ ۾- سورن ۽ سختين جو آدرش آهي
سنڌس سهڻي ۾- معاشري سان بغاوت جو آدرش آهي
سنڌس نوري ۾- نياز ۽ نوڙت جو آدرش آهي
سنڌس مومل ۾- قرباني ۽ ايثار جو آدرش آهي.
سنڌس ليلان ۾- پڇتاءُ ۽ غلطين مڃڻ جو آدرش آهي
سنڌس مارئي ۾- حب الوطني جو آدرش آهي
سنڌس سورٺ ۾- ٻين جي سرن جي خير گهرڻ جو آدرش آهي

شاهه صاحب انهن سورمين جي ذريعي هڪ مڪمل ۽ ڪامل انسان جو تصور پيش ڪيو آهي. هنن ستن سرن کي انهيءَ ڪري به وڏي اهميت آهي اگر اسين محبت ۽ امن، مساوات ۽ حب الوطني تي عملپيرا ٿيڻ چاهيون ٿا ته اسين ٻي در نه واجهايون ۽ شاهه صاحب جي ستن سورمين جو مطالعو ڪريون ۽ ستن سورمين ۾ پنهنجي شخصيت کي ڳولي هٿ ڪريون.

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ پاڻ سڃاڻڻ تي به گهڻو زور ڏنل آهي. شاهه صاحب چوي ٿو:

وڇين جو وڏڪار هٿ نه ڳولين هوت کي
لکو ڪين لطيف چئي، پاروچو پسي پار
تي ستي ٻڌ سندرو، پرت پنهون سين پار
نائي نيڻ نهار، ته تو ۾ ديرو دوست جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ان جي اها معنيٰ آهي ته سڀ ڪجهه تنهنجي پنهنجي هٿ ۾ آهي رڳو همت جي ضرورت آهي اگر همت ڪندين ته مقصد حاصل ٿي ويندو.

شاهه صاحب عورت کي ايتري اهميت ڏني آهي جو پنهنجو پاڻ کي عورت جي ذات ۾ سمائي ڇڏيو اٿس.

عاشق جو ڪم آ جدوجهد ڪرڻ، تڪليفون سهڻ، ڏونگر ڏورڻ، قربان ٿيڻ، محبت ۾ ايثار ڪري فنا ٿي وڃڻ. شاهه صاحب اهي سڀئي گڻ عورت ۾ ڏسندي عورت کي هڪ عاشق جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي، عورت کي باهه ۾ ساڙيو اٿس، عورت کي ڏي درياه ۾ لوڙهيو اٿس، عورت کي رڻ ۾ روليو اٿس، عورت کي ڏي نياز ۽ نوڙت جو درس ڏنو اٿس ۽ پنهنجي درد فراق جون دانهون عورت جي روپ ۾ پيش ڪيون اٿس.

شاهه صاحب جي نظر ۾ جيڪا اهميت عورت ذات جي آهي تنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. شاهه صاحب لاءِ عورت هڪ مانيٽو وهندڙ درياه آهي. هن لاءِ عورت صبر و قرار ۽ ثار آهي. انهيءَ جو ثبوت شاهه صاحب جي سورمين ۾ آهي جيڪي نماڻائي ۽ خودي جو پيڪر آهن. شاهه صاحب جت عورت ۾ ايتريون خوبيون بيان ڪيون آهن، عورت جي پورهيت جو به اعتراف ڪيو آهي ۽ عورت کي همٿايو اٿس.

آئي اور آرت سين ويهه ـ م ويڳاڻي
ته صراف صبحاڻي، موٽائي هٿي نه منهن تي

شاهه صاحب عورت کي اڳتي وڌڻ جو درس ڏنو آهي همت ۽ جدوجهد جو سنيهو ڏنو آهي. شاهه صاحب چيو آهي

ڪتڻ جي ڪاڻه ڪرين سٽي ساهين هڏ
جت سرتيون ڪندءِ سڏ اُت سڪندينءَ سينگار کي

انهيءَ ڪلام جي وڏي اهميت آهي، هي دور تيڪنالاجي جو آهي هن دور ۾ ڪابه عورت ڏونگر نٿي ڏوري سگهي ڇو

جو ريل گاڏين، ڪارين ۽ هوائي جهازن دنيا کي سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي جت به چاهيو آتي وڃي سگهو ٿا.

هن دور ۾ عورت ٻاهر ۾ سڙي نٿي سگهي ڇو جو عورت کي ساڙڻ لاءِ ڪيس رڪشا ۽ بسن جو دونهون گهڻو آهي- هي دور نفسانفسي جو آهي هن نفسانفسي واري دور ۾ شاهه صاحب جو پيغام آب حيات آهي.

ٻن سو سالن کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي پر جيڪو پيغام شاهه صاحب ڏنو آهي سو هن دور ۾ به نئون آهي ان ۾ افاديت آهي پاڪائي آهي سچائي آهي، رومانيت آهي- اسان کي يعني اڄ ڪائنات کي گهرجي ته پنهنجي حيثيت ڪي سڃاڻڻ لاءِ پنهنجي ديس جي ترقي لاءِ ٻاڻ ۾ جدوجهد ۽ اڳتي وڌڻ جو جذبو پيدا ڪيون. جيڪا شمع شاهه صاحب ٻاري آهي انهيءَ جي روشني ۾ پنهنجا حق حاصل ڪيون شاهه صاحب جي نظر ۾ پوئتي موٽڻ مهڻو آهي پوئتي موٽڻ عورت جو شان ناهي.

اِها ڳالهه شاهه صاحب پنهنجي لوڪ ڪهاڻين جي ذريعي پيش ڪئي آهي. انهن ڪهاڻين ۾ طالب کي مطلوب سان ملڻ جي سڪ ناهي ڏيکاري بلڪه جدوجهد ۽ اڳتي وڌڻ جو پيغام ڏنل آهي، پيار، محبت، ٻڌي، ۽ ايڪتا جو آدرش ڏنل آهي.

شاهه صاحب جي ڪلام جي هن دور ۾ وڏي اهميت انهي ڪري آهي جو سموري ڪلام ۾ محبوب، منزل، سارن تائين رسڻ لاءِ ڏکن ڏاکڙن، ڪشالن ۽ مصيبتن جو برداشت ڪرڻ ضروري امر ڪيل آهي. گهر ويٺي ٻنا محنت جي تڪليف جي ان درجي تائين پهچڻ ڪوڙيون سڏون آهن.

ٿتي ٿڌي ڪاهه ڪاني ويل وهڻ جي
متان ٿئي اونداهه پير نه پسين پرينءَ جو

نعيم الله قريشي

موجوده دور ۾ شاهه عبداللطيف جي اهميت

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙي ريت سادي ۽ سهڻي نموني سنڌ جي سماج جي سونهن ۽ سوڀيا کي سنواري ۽ سينگاري پنهنجي رسالي ۾ سمايو آهي، اهڙو اهڃاڻ اڄ تائين ڪنهن تاريخ ۾ نه اچي سگهيو آهي.

ڀٽائيءَ جي بيتن جي پرچار اڄ پري پري پهچي چڪي آهي، چاڪاڻ ته اڄ جي دور ۾ ان جي اهميت آهي، ضرورت آهي، ۽ اهائي ثابتي آهي ته شاهه جو رسالو معرفت ۽ حقيقت آهي.

ان مان اها ڳالهه آسانيءَ سان اظهار ٿئي ٿي ته رسالي ۾ جهڙيءَ ريت رسم ۽ رواج، راڄ ۽ ڀاڳ جا قصا ٻي ڍنگ ۽ با ادب نموني بيان ڪيل آهن، جاڻ پوي ٿي ته، خود شاهه سائينءَ سنڌ جو سفر ڪري سمنڊ سيويو ۽ جبل جهاڳيا آهن، ٻرن ۽ ٻٽن، ڀٽن ۽ ڀيچرن تي پنڌ ڪيو آهي، انهيءَ ڪري هن مٽيءَ جو مان آهي.

شاهه سائينءَ جي بيتن جي جهر جهنگ ۾ جهونگار آهي، غريب ۽ امير ان کي آلاپين ٿا، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ان کي پڙهن ٿا. اسين ڪيترا آهيون اسانجا جيءَ جڪڙيل آهن ۽ روح رليل آهن، انهيءَ ناتي جي نسبت منجهان پنڌ ڪري منزلون ماري عقيدت منجهان آس تي اچون ٿا.

ميلا ۽ ملاکڙا مچايون ٿا، راڳ ۽ رنگ رچايون ٿا، قلب مان ڪلفت ۽ ڪچائي ڪڍي الفت واري انداز ۾ اندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجاري واپس ورون ٿا.

شاهه سائينءَ پاڻ اونداهيءَ مان ڪڍي وحدانيت جي واٽ تي لاٽ ٻاري نئين ۽ سنئين رستي جو رخ رکيو:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي،

خدا جي وحدت ۽ ڪامل قدرت ۾ يقين هن بيت مان صاف طرح ظاهر آهي.

چئه تون الله هيڪڙو، وائي ٻي وسار،
اندر ڪي اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

رسالت جي معاملي ۾ نبي آخر زمان ﷺ کي ان جي اعليٰ مرتبي ۽ منزل کي مڃيندي رحمت الالعالمين جي چائنٽ چمڻ جي آرزو ڏيکاري آهي.

وحده لا شريڪ لــه، جن اِئوسين ايمان،
تن ٠ جيو محمد صلعم ڪارڻي، قلب ساڻ لسان.

شهداءِ ڪربلا سان جيڪي ڪيس ڪيا ويا تن کي تفصيل وار تحرير ڪيو اٿس، ظلم جي انتها ۽ مظلوم جي صبر سهڻ کي صاف صاف سامهون آندو اٿس، حق ۽ باطل کي بي پرده ڪري سچ کي سوڀ وارو ڪيو اٿس.

”رند پروزن راز، قضيو ڪربلا جو.“

شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ جيڪو پيام آهي اهو اسلام جو پيغام آهي، اخوت جو اعلان آهي، سڪ جو سلام آهي، ان ڪري رسالي جي اهميت ٻه اجاگر ٿئي ٿي ۽ ڪلام کي آفاقي ڪلام جو درجو مليو ۽ ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ ٻيروني ملڪن ۾ ڦهلايو ويو، جنهن ڪري شاهه سائينءَ کي بين الاقوامي شهرت جو شرف حاصل ٿيو. اڄ تائين اهڙي رسالي جو مٽ ڪوبه رسالو نه ڏهي سگهيو آهي.

ٿر جي سر زمين سان محبت ۽ اُتان جي حالات ۽ حقيقت حال جي واقفيت سبب ڏڪر جي ويلي سارنگ کي

مارن مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه سائين ڪٿي به عوام کي ڏکيو ڏسڻ نه سٺو آهي. ٿر جون اڄ به اهڙيون ئي حالتون آهن مگر ڪريه پرسان حال نه آهي. ماڻهو بک وگهي وياڪل ٿيا پيا آهن ۽ ٻارڙا موت جي منهن ۾ آهن. اهڙو ڏکر ڏسي ڏيل ڏريو وڃي، پر اڄ به هن ڏيهه ۾ ڏتڙيل ماڻهو ڏاڍ ۽ ڌڪاءَ ۾ آهن؛

جن مهانگي لاءِ ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن.

شاهه سائين هن سر زمين (سنڌ) کي سدا سرسبز ۽ شاداب عوام کي آسودو ۽ خوش ڏسڻ چاهيو ۽ ساري عالم کي دعائون ڪندي فرمايو:

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

محبت جي ميدان ۾ جيڪي قصا رقم ڪيا اٿس، (عمر مارئي، سسئي پنهون وغيره) انهن کي پڙهڻ سان ائين پيو لڳي ڄڻ اهي قصا اڄ جا آهن بلڪ هاڻي ئي اها روئداد ٿي رهي آهي. پڙهڻ سان گڏ ڄڻ سموريون تصويرون چٽجي اچي ذهن ۽ ضمير جي سامهون بيهن ٿيون. وطن جي حب بابت جيڪي ڪجهه لکيو اٿس ان مان ماڻهو ڪافي ڪجهه پرائي سگهي ٿو.

مٺيائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

جيئن جهانگين، مارن ۽ سانگين جي ته ڄڻ جيءَ ۾ جهوري لڳل هيس جو انهن جي جهڳين جهوپن، لانڍين واڙين کي به نه وساريو اٿس. انهن جي زندگيءَ کي ظاهر ڪيو اٿس ته اهي ڪيڏا نه مجبور ۽ لاچار آهن، انهن جا انگ اگهاڙا ۽ پيٽ بکيا آهن ته به محنت ۽ مزدوريءَ ۾ مگن آهن، جن جي پورهئي سان زمين زرخيز ٿئي اهي ئي ان لپ لاءِ آسائتا آهن. مطلب ته پڻائي ظالم جي مخالفت ۾ آهي، مظلوم جي حمايت ۾ آهي، محنت جي عظمت ۾ آهي، حق جي حفاظت ۾ آهي ۽ سندس پيغام هدايت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پروفيسر مير محمد پيو

ليلا - ڪردار جي آئيني ۾

سنڌ جي ڪامل ولي ۽ سنڌي زبان جي ڪامل شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو سمورو ڪلام ناصحانه نڪتن سان ڀريل آهي سر ڪلياڻ کان وٺي سر بلاول تائين سڄي ڪلام جو مطالع ڪبو ته هرهڪ سر تہ ڇا بلڪ هرهڪ باب انساني زندگي جي فڪري توڙي عملي رهنمائي جو مظهر ڏي نظر ايندو. سر ڪلياڻ توڙي يمن ڪلياڻ ۾ توحيد ۽ رسالت جي تنوار ۽ عشق رسول جو اظهار آهي ته سريراڳ ۽ سامونڊي ۾ سنڌ جي سٺائي سفر جو ذڪر موجود آهي. سر سهڻي وري سراسر محبت جو مظهر ته سسئي جا پنج ئي سر، سسئي جي سنجڻ کان وٺي ساماڻ تائين نسورو سور ئي سور آهن، جن ۾ ڏاگهن، ڏيرن ۽ ڏونگرن جي ڏاڍاين ۽ بي وفائي سان گڏ انهن سان وڏو مهاڏو ڏيڻ ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. نه رڳو ايترو بلڪ هن ڪي سنڌس غفلت ۽ گهنواري جي نتيجي کان به واقف ڪيو ويو آهي. مارئي ته سراسر پنهنجي مارن ۽ ملڪ جي محبت جو مجموعو ۽ ان جي سيل ۽ ست جو لافاني ڪردار آهي. نوري ۽ وٺ نياز ته سورٺ ۾ پنهنجي ور لاءِ ورلاپ ۽ راءِ ڏياچ جي قرباني ۽ سخا پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سر سارنگ ۾ وري قدرت جي لاثاني نظارن، مينهن جي ماندڻ ۽ ڪارونڀار ڪرڻ جا ڪڙڪا، ابر جا آهاڻ، سارنگ آئي سڪار ۽ ڌرتيءَ جي سائي پوشاڪ پهرڻ جا عجيب اشارا ملندا.

ڏهر، رپ، رامڪلي، ڪاهوڙي ۽ بلاول ۾ ڪٿي قادر جي قدرت ته ڪٿي سپڙ چام جي سخا ته ڪٿي ابڙي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سام ته وري ڪٿي جوڳين ۽ سنياسين سان سفر ته وري ڪٿي وڳهند تي طنز جو تڪرار نظر ايندو. مطلب ته سڄو رسالو لفظن، نون خيالن، نڪتن ۽ هدايت سان گڏ انساني معراج جو مظهر نظر ايندو.

جيتري قدر سر ليلا چنيسر جو تعلق آهي ته هن سر ۾ لاڪيڻي لطيف نه فقط نادر نڪته بيان ڪيا آهن، پر تصوف جي باريڪ ۽ نازڪ خيالن کي به واضح ڪيو آهي. هن ئي سر ۾ شاه صاحب رحه الله واحد القهار جي قهاري سان گڏ ان جي رحيمي ۽ ڪريمي جو به سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. الله جو ٻانهو جڏهن ان جو اطاعت گذار ۽ سچو فرمانبردار رهي ٿو ته ان تي نهايت ئي مهربان رهي ٿو. پر ساڳئي وقت جڏهن اهوئي ٻانهو ان جي قادري ۽ قرب ۾ ڪنهن غير الله کي شريڪ ڪري ٿو ته اهڙي ٻانهه جو اهو عمل شرڪ ۾ شمار ٿئي ٿو، جنهن جي سزا جهنم ئي مقرر ٿيل آهي. هيءَ ئي اهو عمل آهي جيڪو رب جليل کي قطعي پسند نه آهي ۽ نه وري اهو عمل معاف ڪرڻ جهڙو آهي.

در حقيقت ڏنو ويندو ته الله تعاليٰ جي قرب ۾ خلل وجهڻ وارو اهوئي شيطان آهي، جنهن آدم عليه السلام کي جنت مان تڙايو. گويا شيطان انسان جو ازلي دشمن آهي، جنهن کان هروقت هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي. هيءَ اهو شيطان آهي، جنهن کي تصوف جي ترڪيب ۽ محاوره ۾ نفس اماره چيو وڃي ٿو ۽ انسان کي حرص، خود غرضي، لالچ ۽ نافرماني وغيره روحاني بيمارين ۾ مبتلا ڪرڻ جي لاءِ هر وقت ڪوشان رهندو آهي.

ذڪر ڪيل بيماريون ليلا جي ڪردار ۾ نمايان نظر اينديون. ليلا هڪ اهڙو ڪردار آهي، جنهن کي چنيسر جي ڪمال قرب سان گڏ هر آسائش ۽ آرام موجود آهي. هوءَ راڄ راڻي به آهي، جيڪا بقول ڀٽائي رحه جي "وڏيري هياس، چنيسر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي راج ۾." ڏسجي ٿو ته ليلا کي چنيسر جي اٿاهه قرب تي وڏو ناز آهي. اهوئي سبب آهي جو هن وٽ نياز جي کمي پئي محسوس ٿئي. ٻيءَ صورت ۾ هوءَ ان ڳالهه جو تصور به نه ٿي ڪري سگهي ته ڪو ڪنهن وقت سندس والهو ڪيس نظرانداز ڪري سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هوءَ پنهنجي اکين نار ناڪر کي ڪونئرو جي پيش ڪيل معمولي مٺڻي تي هيٺن مٿڻ جي جرئت نه ڪري سگهي ها. ڪانئس هيءَ ڳالهه وسري وڃي ٿي ته، چنيسر وڏو غيور آهي، زورآور هر شئي تي غالب ۽ ڏيهان ڏيهه ڌڪار وارو آهي گويا پوري خدائي هن جي قبضي ۽ قدرت هيٺ آهي. هن کي هيءَ احساس هئڻ کپندو هو ته هن جي لغزش ۽ خطا هن لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. لطيف سائين چنيسر ۾ غيرتمند عنصر طرف تمثيل طور اشارو ڏيئي هيءَ واضح ڪيو آهي ته بيشڪ هو غيور آهي. جڏهن ليلا مٺڻي يعني مادي اسباب ۽ ظاهر زيب ۽ زينت تي موهجي، پنهنجي اصليت کي بلڪل وساري ڇڏيو ۽ ڪونئرو کي چنيسر جي قرب و محبت ۾ شريڪ ڪري، چنيسر جي عتاب ۽ بي‌رخي جو شڪار ٿي ويئي، اهڙي ريت جيڪڏهن بندو به الاهي قرب ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪندو ته اهو به الاهي عتاب جو مستحق ٿي ويندو ۽ الله تعاليٰ هن جي مٿان رحمت ۽ قربت جي ڇانو هٽائي ڇڏيندو. هينئر جڏهن هن کي سندس ڪيل لغزش ۽ خطا جو احساس ٿئي ٿو ته لطيف‌رحه جي زباني ڪيس هينئن تنبيهه ٿئي ٿي ته:

مٺيو وڃهان سچ ۾ هائيءَ وڃهان هار
سوڀي! سڪ سيد چي، ڪرين ڪوهه قرار
راجا ريساڻو گهٽو سٺاڻو سردار
ڇوڏس چنيسر ڇام جو ڏها ڏهه ڏڪار
ناڪر اکئين نار، مٺيئي تي مٺئين؟

درحقيقت هيءَ مٺو، هي هار ٿي ته اهو شيطان، نفس‌اماره

آهي، جيڪو ليلا کي حرص ۾ مبتلا ڪري، زيب ۽ زينت طرف مائل ڪري ٿو، ٻيءَ صورت ۾ اهي مٽيا پنهنجي محب ور جي محبت آڏو ڪا شئي نه آهن بلڪ ڪوڙ ڪٽيون آهن تڏهن ته شاهه صاحب فرمايو ته:

مٽيون نــاهه مٽيون، جو تون پسي هــار هر ڪينءَ،
اصـــل آهـــي اڳهين، ســـدو ڪوڙ ڪٽيون،
ان گهوڙن هنئي گهٽيون، دوسنئان دور ڪيئون.
نه رڳو ايترو پر اهو هار سورن جــو سڱرو ثابت ٿيو.

جئن شاهه صاحب فرمايو ته:

ڏــو جو پانيو هــار، سو سورن جـــو سڱرو
چنيسر چٽ ڪٽي، ٿئو پورهيت جو پـــار،
اوڻت، جو آچار، ڪانڌ ڪهين سين نه ڪري.

لاکيڻي لطيف رحه هن ڳالهه کي واضح ڪري ڇڏيو ته هي ظاهري مادي اسباب، جن کــي انسان زندگي جو محض مقصد ٿو سمجهي، سي درحقيقت سگرو آهن، ڳٽ ۽ طوق آهن اهي ته دوستن کان دور ڪن ٿـا. ليلا کي بـه انهن پنهنجي دوست ۽ ور کان ڌار ڪيو هو. هن شايد هيئن ٿي سمجهو ته هن جي دوست ۽ ور کي ظاهر زينت وڻي ٿي، پر اها ڀليل هئي. درحقيقت هن کي ظاهر زيب نه، پــر اخلاص پسند هو. هينئر ليلا هيئن به سمجهڻ شروع ڪيو آهي ته ائين ته نه آهي تــه اهي شيون مور ڳو هڪ بهانو بنجي آيون ۽ ڪانڌ کو اڳئي ڪاوڙيل ته نه هو! جئن حضرت آدم عليه السلام لاءِ ڪڻڪ جو داڻو بهانو بنجي آيو. جيڪو اڳتي هلي باعث تخليق ڪائنات بنيو.

هيءَ اٽل حقيقت آهي ته رب جليل کي انسان جــي ظاهر زينت ۽ روايتي عبادت سان گڏ انسان جو خلوص ۽ قلبي صداقت درڪار آهي. ان سان انسان کي اهڙي عبادت تي ناز ۽ فخر نه ڪرڻو آهي، جئن ليلا کي چنيسر جي قربت ۽ محبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ناز هو. ان جو نتيجو اهو نڪرندو، جو اهو ڪبر ۽ فخر ڪيس اوڙاهه ۾ اڇلائي سگهي ٿو. تڏهن ته لطيف رحه ليلا کي هيئن ٻڌايو ته:

ليلا جــم لڪايئين، چـنـــي چنيسر ســاڻ
ور سين وڙهڻو آئيين، موڙهي منـءِ پاڻ
پوري! ڪيءِ پاڻ، تي آئيءِ ڏنءُ ڏهاڳ جو.

هي ڳالهه ظاهر ٿي وئي ته ان "پاڻ" وڏائيءَ پوريءَ کي ڏهاڳ جو ڏنءُ ڏنو.

ان ڪان سواء رب جليل کي هيءَ ڳالهه قطعي پسند نه هوندي آهي ته سندس ٻانهو اهـا وصف اختيار ڪري جـا صرف ڪيس جڳائي، جئن ته پاڻ اڪبر آهي، ڪبر جي وصف به رڳو ان کي ئي سونهين ٿي. ان ڪري هڪوار جيڪڏهن ٻندي "پاڻ ۽ مان" اختيار ڪيو ته اهو وڏي ٽوٽي ۽ نقصان ۾ پئجي ويو. اهوئي سبب آهي جو پٽ ڌڻي بادشاهه ليلا کي هيءَ چٽيءَ طرح ٻڌايو ته:

چنيسر سين چـاهُ، متان ڪا مـنــڊ ڪري،
ڪانڌ ڪهين جو نه وٺـي، گيرب ۽ گاهُ،
جي تڙي تــورڙياءُ، تــه دوس دسائي داسڙو.

گويا ڪيس هي ناز ۽ اجائي آڪڙ يا وڏائي پسند نه آهي، هن کي سدائين هوشيار رهڻو آهي. ڇو ته معمولي خطا هن لاءِ وڏو وڏاهه پيدا ڪري سگهي ٿــي. ان ڪري بزرگ پڻائي ليلا کي هي به ٻڌايو ته ڳچيءَ هس ۽ هار پائي ائيـن سهاڳڻيون سڏائي ناز ڪرڻ ڪافي نه آهــي. در حقيقت ڍول انهيءَ جي ڍار ۽ گس ويندو، جيڪي هيڻانهين هلنديون. ائين ڪٿي چئجي ته بقول لطيف رحه انسان کي عبادت ۽ قربت تي ناز نه، مگر عاجزي ۽ انڪساري اختيار ڪرڻي آهي. ائين ئي ته هن جو موليٰ هن تي مهربان رهي سگهي ٿو. جئن شاهه صاحب فرمايو ته:

Scanned with CamScanner

”ڏول تنين جي ڏار، هيٺاهيون هلن جي.“

الله تعاليٰ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ به هيئن ارشاد فرمايو ته، زمين تي آڪڙجي نه هلو بيشڪ الله تعاليٰ آڪڙ واري کي پسند نه ٿو ڪري.

هينئر ليلا جڏهن ڏٺو آهي ته سندس ولهو هنجي هٿن مان هليو ويو آهي ۽ ڪونئرو جو ڪردار هن کان مٿانهون ٿي ويو آهي، ته ڪيس پنهنجي هن جرم ۽ خطا جو احساس ٿيو آهي. نه صرف ايترو بلڪ هن هيءَ ڳالهه به سمجهي ورتي آهي ته بيشڪ هن جي ڪردار سبب ڪانڌ جو ڪٽرجڻ حق ۽ سچ آهي. هوءَ ندامت ۽ پشيماني ۾ پڇتاءُ سان گڏ پنهنجي گناهه جي اقراري پڻ آهي. بس هن وٽ هن ڳالهه کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه رهيو آهي ته اها رجوع ٿي پنهنجي راءِ کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪري. هينئر هوءَ پنهنجي ور کي ورائڻ لاءِ ليلائي ۽ ٻاڪاري ٿي، ڇو ته هن اهو به محسوس ڪيو آهي ته هوءَ چنيسر جي راڄ ۾ اها وڏيري نه رهي آهي. جنهن پٺتائي صاحب رح فرمايو ته:

”وڏيري هياس چنيسر جي راڄ ۾.“

پر هوءَ هڪ نهايت ئي خسيس عورت وڃي رهي آهي. تڏهن ته هي اها آڪڙ ۽ وڏائي نه، پر عاجزي ۽ اڳلائي اختيار ڪري ٿي. مگر واپس ورڻ ۽ راضي رهڻ، وري به ولهي جي وس ۾ آهي. جنهن شاهه صاحب فرمايو ته:

لکڻ ڪيم لکيج، جي مورانهين ناهه مون،
مونکي ملهائيج، وارو ڏيئي ولها.

هتي انسان ايڏو ته عاجز آهي، جو هو فقط پنهنجي پشيماني سبب رب طرف رجوع ٿي ٿئي ٿو، مگر پرچڻ يا رحمت جو پاڇو ان تي پوڻ، اهي ڳالهيون ان جي وس ۾ نه آهن ۽ نه وري هن جي ڪا ضمانت ئي حاصل ٿي سگهي ٿي. هيءَ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رب ڪريم جي قادري آهي، جنهن ۾ ڪنهن جي حجت ۽ دليل جو ڪوبہ دخل نہ آهي. بقول ڀٽائي رحہ جي تہ:

”وٺندن تہ وڙ ڪندا، نہ تہ اگهين جي اختيار“

ان ڪري تہ لطيف ليلا جي روپ ۾ انسان کي هيءَ بہ ٻڌائي ٿو تہ پالڻهار جي ترت نہ پرچڻ تي نہ تہ مايوس ٿيڻ گهرجي ۽ نہ نا اميد، بلڪ وري وري روئي ريجهائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان ڪانسواءِ کيس هيءَ بہ هدايت ٿو ڪري تہ هن کي صرف پڇتائڻ نہ پر سچي دل سان توبہ تائب ٿيڻ گهرجي. هتي ڪنهن بہ حيلي ۽ حرفت جي جاءِ نہ آهي، بس رڳو اخلاص ۽ صدق دلي سان توبہ جي ضرورت آهي. پر جي ان ۾ رتيءَ جيتري بہ حرفت يا منافقت هوندي تہ اهو پورهيو اڃا جو اڪارت ٿي ويندو. جئن شاهہ صاحب فرمايو تہ:

ليلا حيلا ڇڏ، جي تون سويي! سڪئين
پائي پاند ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبيءَ گڏ
هڏن چوندءِ لڏ، جي ڪارون آئين ڪانڌ کي.

بس. هن کي هيءَ ئي زبان اختيار ڪرڻي آهي تہ:

ڏولا ڏيل ۾ مون، ڪانڌ ڪميڻي آهيان،
سڀ تنهنجي سپرين، ٻيري وڏيس ٻون،
مون ور تو نهين تون، تو ور وهون ڪيترين.

پاڻ کي غريبي ۾ گڏي، ڪميڻي ڪوٺائي، هيڻائيءَ اختيار ڪرڻي آهي. ائين ڪرڻ سان شايد هو ڏکاري نہ ڇڏين پرجي اڃا بہ پرچڻ ۾ دير ٿي تہ وري وري ليلائي، آزي ۽ منٿ ڪرڻي آهي پر، نا اميد اصل نہ ٿيڻو آهي، ڇو تہ نا اميدي ڪفر آهي ۽ الله جي بي پايان رحمت ۾ هر وقت اميدوار رهڻو آهي. جئن شاهہ صاحب هيءَ کولي بيان فرمايو تہ:

ليلا ليلائيج، اُٿي ماڳ منٿ جو،
جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج،
آسرم لاهيج، سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.

هن ٻاري ۾ ارشاد باري تعاليٰ آهي تہ:

لا تقنطومن الرحمة الله

الله جي رحمت مان نا اميد نہ ٿيو.

شاهہ صاحب جي هن بيت جو مطلب بہ اهوئي آهي، جيڪو مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

شاهہ صاحب جي هن سر ۾ ٽي ڪردار نهايت اهم آهن. يعني ليلا، چنيسر ۽ ڪونئرو. عام انساني لحاظ توڙي تصوف جي نقطہ نگاهہ کان هڪ انسان يا هڪ سالڪ پنهنجي عبادت ۽ رياضت تي ناز ڪري، نفس اماره جي قندي ۾ ڦاسي حرص اختيار ڪري قناعت جي دامن کي ڇڏي ڏئي ٿو تہ هن وٽ صبر جهڙي اعليٰ قدر جو هئڻ محال ۽ مشڪل ٿيو پوي. هو دنيوي خواهشات جو غلام ٿي، اطمينان قلب کي ضايع ڪري اهڙيون تہ عجيب حرڪتون ڪري ٿو، جنهن سبب هن جي انساني حسن تي داغ ٿيو پون. هن وٽ جائز ناجائز ۽ حلال حرام توڙي نيڪ ۽ بد جي تميز ختم ٿيو وڃي.

بس! هن جي زندگي جو محض مقصد دنيوي ۽ عارضي مادي اسباب، عيش عشرت ظاهر زيب و زينت رهن ٿا ۽ نعوذباالله هن جي نظر ۾ پيٽ ڏيڊ خدا آهي، جيڪو ڪنهن بہ صورت ۾ زندگي جو محض مقصد ٿي نہ ٿو سگهي. هن جي ثابتي هن ڳالهہ مان حاصل ٿئي ٿي تہ جڏهن ليلا هوس ۽ حرص جي قندي ۾ ڦاسي ڪوڙي مڻين کي حاصل ڪيو تہ پنهنجو ور وڃايو، هوڏانهن جڏهن ڪونئرو انهن ڪوڙ ڪڻين کي هٿان ڇڏيو تہ هن کي پنهنجو مطلوب چنيسر ملي ويو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هڪ نفس اماره جي اثر هيٺ اچي نقصان ۾ پئي تہ ٻي نفس مطمئنہ جي دولت حاصل ڪري پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي. هونءَ به الله تعاليٰ جو واضح ارشاد آهي ته ”مال ۽ اولاد انسان لاءِ هڪ آزمائش آهن.“ پوءِ جيڪي انهيءَ آزمائش مان پار پيا ته انهن کي ڪاميابي ۽ ڪامراني حاصل ٿي، پر جيڪي انهيءَ ۾ اٽڪي پيا، انهي کي نامرادي ۽ ناڪامي نصيب ٿي. ان مان ظاهر ٿيو ته قناعت ۽ شڪر اهي اقدار آهن، جنهن سبب انسان کي اطمينان قلب حاصل ٿئي ٿو. پيءَ صورت ۾ خالق اڪبر اهڙي بندي کان منهن موڙي ان جي مٿان رحمت جو پاڇو به هٽائي ڇڏيندو آهي. جڏهن هيءَ ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي ته انسان کي اهڙي خساره جو احساس پيدا ٿئي ٿو ۽ پنهنجي وڃايل وٿ حاصل ڪرڻ لاءِ ندامت ۽ پڇتاءُ اختيار ڪري پنهنجي پالڻهار جي طرف رجوع ٿي، معافيءَ جي درخواست ڪري ٿو. جيستائين اهـــا عفو ۽ درگـــذر جـــي درخواست قبوليت حاصل ڪري، تيستائين هن کي ليلا ڏي وري ليلائڻو آهي، بلڪ صبر جي دامن کي نه ڇڏي ڪنهن به صورت ۾ نا اميد نه ٿيڻو آهي، ڇو ته نا اميدي ڪفر آهي. هڪ ڳالهه ڌيان ۾ ضرور رکڻي آهي ته ان عجزو انڪساري ۾ اخلاص جو هئڻ اشد ضروري آهي، بلڪ ڪنهن به حيلي، حرفت ۽ زباني جمع خرچ کان ڪم نه وٺڻو آهي. جئن شاهه صاحب فرمايو ته:

اوگـــڻ ڪري اپـــار، تـــو در آيس، ڏاـــڙال،
جئن تو رسڻ سنديون روح ۾، ته مون پيٽي ناهه پتار،
سائين لڳ ستار، ميٽ مـــدايـــون منهنجون.

يـــا

ڇڏي چنيسر چام سين، ليلا! لڪاءِ م تـــون،
ري ڪانڌ ڪنهن جو نه ٿئي، نه ڪا مون نه تون،
رنڌي ڏنيون ســـون، ان در مٿي داڏليون.

اهڙي ريت بيشڪ انسان کي الله جي طرف رجوع ٿيڻ کان پوءِ قلبي سڪون حاصل ٿئي ٿو ۽ ان جو نتيجو اهو نڪري ٿو، جو هن مان حيواني ڪيفيتون ختم ٿي وڃن ٿيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ان جي عيوض ملڪوتي اوصاف هن ۾ داخل ٿين ٿا.

حاصل مطلب ته انسان کي حرص و هوس، ڪبر ۽ وڏائي لوڀ ۽ لالچ خواهه خود غرضي ۽ ناشڪري جهڙين بيمارين ڪان بچڻ گهرجي ۽ مادي اسباب کي زندگيءَ جو محض مقصد نه سمجهڻ گهرجي، ڇو ته اهي فاني آهن ۽ انهن ۾ ابدي راحت موجود نه آهي ان جي بدران جيڪڏهن انسان صبر و شڪر، قناعت، نياز، رجوع، حلم، اميد ۽ احساس جهڙين وصفن کي اختيار ڪندو ته هو پنهنجي دنيا ۽ عاقبت سنواري ۽ سينگاري سگهندو. درحقيقت هنن ئـي اعليٰ قدرن ۽ وصفن کـي لافاني حيثيت حاصل آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محمد رمضان ڀاڻ

ديدار لطيف ۽ سنڌ جو پيغام

تحقيق اها ڳالهه قابل فخر ۽ باعث مسرت ٿيندي ته اسانجي "سنڌ"، اسانجي ملڪ پاڪستان جو هڪ عظيم صوبو آهي، جنهن پنهنجي گود ۾ مايه نـاز شاعرن، مدبرن، صوفياء ڪرام ۽ بين قابل احترام بزرگن ۽ درويشن کي جنم ڏنو. سندن خدمت، ايثار ۽ قرب، بي لوث محبت ۽ حب الوطني جو جذبو بني نوع انسان لاء روحاني توڙي مذهبي نقطه نگاه کان بي مثال آهي ۽ هميشه ياد رهندو. بيشڪ اهڙيون هستيون ملڪ ۽ قوم جو سرمايو آهن، جن جي بي لوث خدمت ڪڏهين به وساري نٿي سگهجي.

اهڙي طرح شاهه عبداللطيف رحه هڪ عظيم شاعر، هڪ درويش ۽ مفڪر سنه ١٦٨٩ع ۾ "هـالا حويلي" تعلقو هـالا، ڊسٽرڪٽ حيدرآباد ۾ تولد ٿيا. سندن تعلق هڪ معزز سيد گهراڻي سان هو. سندن والـد، موروثي طور الله تعاليٰ جي محبت ۾ سرشار هئا ۽ سندن دل رب جليل جي عظمت ۽ روحانيت جي بصيرت سان تمتار هئي. اهو سبب آهي جو شاهه عبداللطيف رحه جي دل ۾ پڻ خداء ذوالجلال جي حب ننڍي هوندي کان ئي موجزن هئي، جنهن جو مثال هرڪنهن جي آڏو، عالم آشڪار آهي ته جڏهين کيس مدرسي ۾ موڪليو ويو ته سندن استاد آخوند نورمحمد چيو، "پڙهه الف." سائين الف پڙهيو. جڏهين کين چيو ويو "ب" پڙهو. ڀاڻ فرمايائون، الف معني "الله" کان پوء ڪجهه به نه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظاهر ۾ هي هڪ اهڙو ثبوت آهي، جنهن جي حقيقت پڌائي ٿي ته شاهه صاحب مجسم پاڪيزگي، سراپا نور رب پاڪ جا متوالا ۽ حضور صہ جن جا شيدائي هئا. محض ٻالپڻ کان ئي سندن دل ۾ رب پاڪ جي محبت وسندي هئي. هن جو اهو مطلب هرگز نه ٿو ٿي سگهي ته کو ڪين علم حاصل ڪرڻ جو شوق نه هو. ليڪن جنهن جي دل ۾ پرين جي پريت اڪل هجي، سو پيو ڪو لفظ ڪيئن پولي.

جڏهين شاهه صاحب ٢٠ سالن جي ڄمار کي پهتا ته سندن والد کين هڪ پاڪ سيرت و صورت بيبي نالي 'بيبي سعيده" جيڪا مرزا مغل بيگ جي نياڻي هئي، ان سان پرڻايو. مرزا مغل بيگ، شاهه صاحب جي والد شاهه حبيب جا مريد هئا. بلڪ مرزا مغل بيگ پڻ شاهه لطيف سائين جي ڪرامتن ۽ معجزات کان متاثر هئا. شاهه لطيف سائين جيڪو پنهنجي رفيقه حيات کي گهڻو چاهيندا هئا، سندن رحلت ڪانپوءِ ايڪانت ۾ رهڻ لڳا. ظاهر ۾ پاڻ پنهنجي خيالات، احساسات، غم ۽ خوشي جو اظهار پنهنجو پاڻ سان ڪندا رهيا ۽ اهو درد شعرن جي صورت ۾ اڀريو. دنيا جي ڪوڙي وڏائي، شان و شوڪت هٺ ۽ تڪبر مطلب ته هر شيءِ کان نفرت ٿيڻ لڳي. محض خدا جي محبت ۽ روحانيت حاصل ڪرڻ خاطر شاهه سائين ديس به ديس، هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ، هڪ ماڻريءَ کان ٻي، جنگل ٻے جنگل سفر ڪيو. انهيءَ ڳس تان جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو، تنهن پرين کي پسڻ لاءِ دل ۾ وڌيڪ آڪير پيدا ڪئي ۽ پاڻ "وحدت الوجود" جي عشق ۾ وڌيڪ محو ٿي ويا.

سندن پياس وڌندي ويئي، جنهن جي حد انسان ذات جي تصور ۽ پهچ کان ٻاهر آهي. انهيءَ سچي عشق کان پاڻ نه پنهنجي ذات، بدن يا روح، جسم يا حال جو خيال ڪيو ۽ مسلسل ٿي ڏينهن، پرين کي پسڻ لاءِ دز ۾ لڻجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويا. حالانڪ، هر بشر کي پنهنجي جان عزيز آهي. ليڪن اهڙا عاشق پنهنجي جان جو چو خيال ڪن. تحقيق پاڻ رب جا سچا عاشق هئا. جنهن دنيا جي ڪا تڪليف محسوس نہ ڪئي. نہ ٻرندڙ سج جي روشني، نہ گرم واري جو احساس نہ ٻاهرين حالات جو فڪر. بلڪ پنهنجو تن من، جان و دل، رب پاڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو.

آخر تن ڏينهن جي ڳولا ڪان پوءِ، سندن والد کي هڪ ڀيرار، ان جڳهہ جو نشان ٻڌايو، جتي شاهہ سائين واريءَ ۾ اٽڪي ويا ۽ ڪجهہ چولي جو پلاند ٻاهر اچي رهيو هو. اتي سندن والد هيٺيون بيت چيو:

”لڳي لڳي واءُ، ويا انگڙا لٽجي“

پاڻ فرمايائون:

”پيئي ڪٿي پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي“

جيڪر اسين سوچ ويچار ڪريون تہ هي ثابت ٿيندو تہ اسان کي ”هن دنيا ۾ اهڙو ڪو بہ مثال نہ ملندو تہ هڪ شاعر، پرينءَ جي سڪ ۾ پنهنجو تن من ۽ وجود الله جي سپرد ڪري ڇڏيو هجي. ليڪن شاهہ سائين جي سڪ انتها جي درجي تائين هئي، جيڪا لافاني منزل تائين هئي. پاڻ نہ فقط فطرتا هڪ عظيم صوفي شاعر هئا، پر خدا جا ولي پڻ، جنهن جا معجزا بي مثال هئا. اهوئي سبب آهي جو لطيف سائين جي شاعري ۽ طرز بيان دلسوز آهي ۽ فلاسافي جو مظهر آهي. سندن رسالو مشعل- راهہ آهي جيڪو بنيادي طور تي تاڪيد ٿو ڪري تہ اسان کي حضور پاڪ جن لاءِ دل ۾ سچي محبت ۽ احترام هئڻ گهرجي ۽ بني نوع انسان لاءِ پڻ پيار ۽ همدردي هجي. بلڪ شاهہ سائين جا بيت رب جليل جي وحدانيت ۽ صدق دل سان يقين ڪرڻ جي تلقين ٿا ڪن.

فطرت جي حقيقتن جو ذڪر ڪندي شاهہ سائين، رب پاڪ جي قدرت ۽ ڪل عالم جي تخليق، جهڙوڪ پکي پکڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرندہ پسون، وڻ ٽڻ آب و هوا، بهار و خزان، جبل ۽ ڏونگر، مارو ۽ مال، پرين جو حسن و نزاڪت، سج ۽ چنڊ، دريا ۽ سمنڊ، تارا ۽ ڪتيون، گل و خوشبو، ڪي پڻ ساراهيو آهي.

انهيءَ ۾ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو، جيڪڏهن اسين چئون تہ شاهہ سائين جي شاعري ۾ مٺاس ۽ شيريني تمام گهڻي آهي، جيڪا زمانہ جديد يا قديم دور جي شاعرن جي اشعار ۾ هرگز نہ آهي. خاص طرح سندس شاعري رب پاڪ جي محبت، هم ذات سان قرب ۽ انسانيت لاءِ همدردي ڪرڻ جي نشاندهي ڪري ٿي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ سائين، مارئي، سسئي، مومل، سهڻي، ليلان، نوري ۽ سورٺ کي انسان ذات جي لازوال ۽ لافاني محبت جو بي مثال شاهڪار بنائي پيش ڪيو آهي، جن پنهنجون جانيون سچي پيار ڪارڻ قربان ڪري ڇڏيون.

ان ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ شاهہ جو رسالو اسانجي پياري سنڌي زبان جي ميراث آهي ۽ هڪ عظيم ڪاوش جو آئينو آهي، جيڪو بني نوع انسان لاءِ راهہ نجات جو وسيلو پڻ آهي. "شاهہ جو رسالو" جيڪو مسٽر ڪلياڻ آڏواڻي، سنہ ١٩٥٨ع ۾ مرتب ڪري شايع ڪرايو، ان جي ابياس ڪان پوءِ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شاهہ سائين جا انداز ڏيڍ هزار بيت قلم بند ڪيا ويا آهن، جي ڏوهيڙا، ڪافيون، وائي ۽ ڪلام تي مشتمل آهن، ٣٠ سرن تي مبني آهن. سندن شاعري ان وقت جا روماني داستان ۽ ٻيا حقيقي واقعات جيڪي تي گذريا انهن جي پروڙ ڏيئي ٿي- رهي ڳالهہ، سندس گم ٿيل بيتن جي ان جو ڪم اسان جي ملڪ جي وڏن مفڪرن جي هٿ هيٺ آهي.

تحقيق شاهہ سائين جي شاعري ۾ اهڙو مٺاس، سوز ۽ تاثير آهي جيڪو دل جي اونهاين، جسم ۽ روح ۾ سمائجيو وڃي. لاشڪ سندن شاعري اسان جي "سنڌ" صوبي جو روح آهي جيڪا سچي محبت، تهذيب تمدن، وڻج واپار اسان

جي ريتن ۽ مذهب جي نشاندهي ڪري ٿي.

هتي اڻون سنڌس هڪ بيت پيش ڪريان ٿو جيڪو اسان جي لطيف سائين جي نظريہ مطابق واضح ڪري ٿو تہ انسان فنا آهي، ڇاڪاڻ جو سنڌس وجود عارضي طور آهي ۽ ڪيس نهايت ٿوري حياتي ملڻل آهي.

ڪڏهين ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهين مڙه مقام ۾

سنڌو واري ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو.

بلڪ سنڌس شاعري تلقين ٿي ڪري تہ اسين خلوص ۽ صحت، اخلاق ۽ مساوات جو سبق پڙهون غرور ۽ تڪبر کان پاسو ڪري، زندگي صلح، امن ۽ سانت سان گذاريون جنهن ۾ هرهڪ جي فلاح آهي.

نمي ڪم نهار تون، ڏمر ڏولائو

ٿيمي ساڃائو، جي ايئين ان پير تي.

بيشڪ اهو هڪ عالمي پيغام آهي جيڪو ٻڌائي ٿو تہ اسان ظلم، ڏاڍ، نسل پرستي ۽ تشدد کان نفرت ڪريون ٿا. شاهہ تلقين ٿو ڪري تہ اسين ”امن“ برقرار رکون ۽ پنهنجي هم ذات سان محبت ڪريون ڇو جو هر اهو قدم جيڪو انساني دل کي مجروح ٿو ڪري، تاڪيدي طور غلط راهہ لاءِ نيو وڃي ٿو ۽ انسان جو بدترين انت آڻي ٿو.

دنيا جي هر شيءِ کي ترڪ ڪري، جن مان ڪيس ڪابہ روحاني خوشي نہ ملي، پاڻ هڪ ويران جڳهہ تي پنهنجو ديرو لڳايو، جنهن کي ڀٽ جو دڙو ڪري ڪوٺيندا هئا ۽ بعد ۾ سڄي دنيا ۾ ڀٽ شاهہ جي نالي سان مشهور ٿيو آخر سنہ ١٧٥٢ع ۾ شاهہ سائين، اسان جي سنڌ جو عظيم صوفي شاعر هن شعبده باز دنياکي هميشه هميشه لاءِ الوداع ڪري، پنهنجي پرينءَ سان وڃي مليو.

اهڙي طرح وقت جي حاڪم، ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي سنڌن سهڻو ۽ يادگار مقبرو تعلقو هالا، سنڌ ۾ ٺهرايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يار محمد شاهه

شاهه جو موضوع وار رسالو

اسين سڀ اڄ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه جي عرس مبارڪ جي موقعي تي مقرر ڪيل ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيس خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ سندس ڪلام تي وضاحت لاءِ اچي حاضر ٿيا آهيون. بندو ١٥ ورهين کان لطيف سائينءَ جي ڪلام جي معنيٰ ۽ تشريح لکي رهيو آهي انشاء الله هلندڙ سال ۾ مڪمل ٿيندي. لطيف سائين فرمائي ٿو ته:

”جي تون بيت ڀانئين سي آيتون آهين،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.“

ان مطابق سڄي رسالي کي ٽيهن پارن ۾ ورهايو ويو آهي جيڪي هي آهن: وحدانيت، رسالت، امامت، شهادت، صداقت شجاعت، سخاوت، عبادت، عدالت، نصيحت، حب الوطني، عشق، قرباني، وحدت الوجود، وحدت الشهود، درد، صبر، توڪل، حق جي راهه، موتوا قبل انت موتوا، حقيقت، فڪر، غم فراق، مشڪلاتون، آسروند اشارتون غفلت پڇتاءُ، ڏڏيءَ جي اکيان التجائون. هر هڪ پاره کي ڪيترن موضوعن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ هر هڪ موضوع ۾ ڪيترائي بيت آهن جيڪي چونڊي سڄي سرن مان ڳولي هر هڪ موضوع مطابق شامل ڪيا ويا آهن ۽ هر هڪ بيت جي خاص اکرن جي معنيٰ لکي پوءِ سڄي بيت جي معنيٰ لکي ويئي آهي. اهڙيءَ طرح موضوع وار رسالو لکجي رهيو آهي. نموني طور هڪ بيت جي معنيٰ پيش ڪجي ٿي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وڻن ويٺا ڪانگ وچين تي ويلا ڪري،
گهڙي گهڙو هٿ ڪري سٽي سانجهي ٻانگ،
سيئي ڍونڍي سانگ جتي ساھڙ سپرين.

ڀهرينءَ سٽ ۾ وڻ، ڪانگ، وچين ۽ ويلا چار خاص اکر آهن. لطيف سائين چائي ٿو ته وڻ ويچارو پاڻ اُس ۾ سڙي ۽ ٻين کي ڇانوَ ڏئي، ڇانوَ ۾ وهندڙ ماڻهو پگهر سڪائي آسائش ڪري مٿي نهاري ته گهاڙها ٻير يا ڪوبه ميوو ڏسي ته ٺڪر پٿر چاڙهيون هٽي سٽي ڪٽي ميوو چاڙهي ڪاڍي پوءِ ڪرت کهاڙا کٽي همراه وٺي اچي وڻ کي وڍي چلي ڪامون، داسا، پٽيون ڪري پنهنجي گهر جي ڇت ٺاهي پوءِ جڙ ڪوٽي لاهه ڪڍي ٽارين سان گڏي ڪوري چلڙهي ڪوئلا ٺاهي وڪٽي. ڪوئلا به ڪم ڏين لوهارن جي ڪم ۾، سونارن جي ڪم ۾ ماني پچائڻ هٿن سيڪڻ جو ڪم ڏين ۽ ٻري ٻري رک ٿي وڃن رک به ڪم ڏي مڃيءَ پلي وارا برتن صاف ڪري چمڪائي انهن جي غلاظت پاڻ ۾ جذب ڪري پوءِ انهي رک کي ڪڌ ۾ اڇلايو وڃي جتي گڏ ٿي ورهين پڇاڻان پاڻ ٿي پٽي جيڪو ٻنيءَ ۾ وجهڻ سان وڌيڪ اناج پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪري پر جي اهو ماڻهو درياءَ ۾ ٻڏندو هجي ته ڪشتيءَ جي صورت ۾ هن کي ٻڏڻ کان بچائي ڪنڌي تي پهچائي، ڪشتي به ڪاٺ مان ٿي ٺهي پر جي اهو ماڻهو سخت بيمار ٿي پئي ته دوا جي صورت ۾ کيس تندرست ڪري دوا به وڻ جي پيدائش آهي جو ول به وڻ جي بدليل صورت آهي. لطيف سائين چائي ٿو ته وڻ رڳو چڱائي ڀيو ڪريءَ فائدو ڀيو پهچائيءَ وڻ جي تمثيل ۾ وڻ واريون خاصيتون رکندڙ ماڻهن جو ذڪر ٿو ڪري، ٻيو اکر ڪانگ آهي جنهن جو صحي نالو ڪانءُ آهي جيڪو صبح جو اُٿڻ سان ڪانءِ ڪانءِ ڪري پنهنجي مشهوري پاڻ ٿو ڪري ۽ اخلاق جو ايترو ڪريل آهي جو هڪڙي يتيم ٻار کي رات ڪتان به ماني ملي ڪانه سگهي آهي ۽ بک کان روئي روئي سمهي رهيو آهي صبوح جو اٿڻ سان به بک کان روئي رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي ڪنهن ماڻهو قياس آڻي مانيءَ جو ٽڪرو ڏنو اٿس جو خوش ٿي ڪائي لاءِ وات ڏائين مس آندائين ته ڪانءَ جهپ هڻي ڪسي ويس پر جهپ سان چپ به زخمي ڪري ڇڏيائينس هاڻي يتيم ٻار بک ڪان ۽ زخم ڪان ڪيهون ڪري روئي رهيو آهي ۽ ڪانءَ ڪنهن مٿاهين هنڌ ويهي اهو ڪسيل مانيءَ جو ٽڪرو مزي سان کائي رهيو آهي هنکي اهو احساس بلڪل ڪونهي ته هڪڙي ٻڪايل ٻار جي وات تان گراه کسي آيو آهيان بلڪ ائين ٿو ڄاڻي ته پنهنجي روزي ڪمائي آيو آهيان اڃا به ايترو اخلاق جو ڪريل آهي جو مردار ڏوند يا ڪرفتي ڏسي ته ان مان به کائي پيٽ ڀري هنجو پيٽ ڀرڻ سان مطلب آهي حلال ۽ حرام جي هنکي تميز ڪانهي. لطيف سائين ڪانگ جي تمثيل ۾ ڪانگ جهڙي اخلاق وارن ماڻهن جو ذڪر ٿو ڪري جيڪي جهٽ پيا هڻن حلال ۽ حرام هنن لاءِ هڪجهڙو آهي. ٽيون اکر آهي وڇين لطيف سائين ماڻهن کي ٽن درجن ۾ ٿو ورهائي هڪڙا تمام اوچ درجي وارا ٻيا تمام نيچ درجي وارائيان وچولي درجي وارا جن لاءِ وڇين اکر ڪم آندو اٿس چوٿون اکر آهي ويلا يعني وقت لطيف سائين چوي ٿو ته آسماني گردش هلي رهي آهي جنهن جي انسان کي پروڙ ناهي ڇو ته انساني عقل زمان مڪان ۽ سبب جي حدن اندر محدود آهي ۽ باري تعاليٰ جي قدرت لامحدود آهي تنهنڪري محدود عقل لا محدود جي پوري حقيقت معلوم ڪري ڪين سگهندو. شيخ سعدي چوي ٿو ته:

گردش گردون گردان گردگان را گرد کرد
بر سر اهل تميزان ناقصان را مرد کرد

يعني آسماني گردش هلي رهي آهي ۽ جيڪو انهيءَ گردش ۾ اچي ويو تنهن کي خاڪ ڪريو ٿي ڇڏي پوءِ اهل تميز دانائن جي مٿان ناقص سوار ٿي ٿا وڃن. لطيف سائين چوي ٿو ته، ويچارا وڻ صفت ماڻهو انهي آسماني گردش ۾ اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجون جايون خالي ڪري ويا ۽ ڪانگ صفت ماڻهن اچي انهن جون جايون والاريون انهي تبديليءَ جو اثر وچولي درجي جي ماڻهن تي ڏاڍو ڏکيو ٿو پئي ڇو ته تمام اوچي درجي جا ماڻهو هر حالت ۾ هر حيلي سان پنهنجي طاقت جو توازن قائم ٿا رکن ۽ تمام نيچ ماڻهو انهن جي خوشامند ڪري بوٽ پالش ڪري اوبر سوبر هڏوگڏو ڪائي، ديگڙا چٽي وقت پيا گذارين باقي رهيا وچولا سي اوچ درجي وارن سان ته ڪلهو هڻي نٿا سگهن جو هنن جي پهچ کان ٻاهر آهي ۽ نيچ ٿيڻ جي ضمير اجازت نٿو ڏين پوءِ ويچارا مشڪل وقت پيا گذارين. ٻـي سٽ آهي.

گهڙي گهڙو هٿ ڪري سٺي سانجهيءَ ٻانگ

هن سٽ ۾ گهڙو سانجهي ۽ ٻانگ ٣ خاص اکر آهن. گهڙو جيڪو درياءَ پار ڪرڻ لاءِ اڻ پورو وسائل آهي. سانجهي اهو وقت آهي جيڪو ڏيکاري ٿو ته سج غروب تي ويو آهي ۽ ان جي روشني تي ختم ٿئي ۽ اونده انڌوڪارتوشروع ٿئي ۽ جنهن پوءِ ٿيڻ اونده انڌوڪار ويندو زور وٺندو تان ڪ گهگهه اونده انڌوڪار ٿي ويندو جنهن ۾ نڪي ماڻهو سڃاڻي سگهبو ۽ نڪي سچي ۽ ڪوڙي سڪي جي پرک ٿي سگهندي. روشني جي تمثيل ۾ سڀ چڱيون شيون لاڳو ٿي سگهن ٿيون جنهن ته حق انصاف دين ايمانداري رحم ڪرم نيڪ نيتي خيرخواهي پر اپڪاري بلند اخلاقي وغيره ۽ اونده انڌوڪار جـي تمثيل ۾ برائين جو شمار ٿئي ٿو جنهن ته: ڪوڙ، ڪپت، دغا دولاب فريب، ناحق ظلم، غضب، حق تلفي، ٻـي انصافي، ٻـي ديني، بي رحمي، بي ايماني، بد نيتي، بد خواهي، خلق آزاري، بد اخلاقي وغيره ٽيو اکر آهي ٻانگ يعني اعلان. لطيف سائين چويٿو تـه اصل کان هر ملڪ تي هر زماني ۾ اهڙا دؤر ايندا رهيا آهن جن ۾حق توپڏي،ناحق توزوروني انصاف جي ٻيڙي ٿي ٻڏي ۽ بي انصافي ٿي زور وٺي دين ٿو ٻڏي ۽ بي ديني ٿي زور وٺي اهڙي ڏکئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقت ۾ قدرت اهڙا محب وطن عظيم انسان پيدا ٿـي ڪري جيڪي ظالمن غاصبن حق تلفي ڪندڙن استحصالي قوتن سان باوجود اڻ پوري وسائل جي مقابلو ڪري وطن ۽ وطن واسين کي نجات ڏياري وچايل حق واپس ٿا وٺن. سنه ٦١ هجريءَ ۾ عرب ملڪ ۾ يزيد پليت جـي خلافت جو اعـلان ٿيڻ سان مذڪوره نامناسب حالتن جي نمودار ٿيڻ تي حضرت امام حسين عليه السلام انتهائي ناسازگار حالتن ۽ اڻپوري وسائل سان فقط ٧٢ محب وطن جان نثار مجاهدن جي حمايت سان يزيد پليت ظالم غاصب جي زبردست فوج سان ڪربلا جي رڻ ۾ بهادريءَ سان مقابلو ڪندي سڀ شهيد ٿيا ۽ سندن اهـا عظيم قربانـي رائيگان ڪانه ويئي ۽ آخرين نتيجو اهو نڪتو جو يزيد پليت ۽ سندس خاندان جـي ظالم حڪومت نيست نابود ٿـي ويئي.

ٿي سٽ آهي:

سيئي ڏونڊي سانگ جتي ساهڙ سپرين.

هن سٽ ۾ ٣ خاص اکر آهن. ڏونڊي يعني ڳولي سوچي سانگهه يعني ماڳ هـنـڌ طور طريقا ساهڙ سپرين يعني اعليٰ مقصد، وطن هن سٽ جي معـني ٿيندي ته محب وطن مجاهـد ڳولي سوچي سمجهي اهي ئي هنڌ ماڳ طور طريقا اختيار ڪري ته جئين وطن ۽ وطن واسي ڏکن ڏولائن مشڪلاتن مصيبتن اذيتن عذابن ظلمن بي انصافين حق تلفين مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري پنهن جا وچايل حق حاصل ڪن. لطيف سائين سر گهاتوءَ ۾ به بين سرن وانگر تمثيل رکي آهي. ظاهر ۾ آهي ته مـورڙي مهاڻي جا ڀائر ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سمنڊ مـان مڇي ماري آڻيندا هئا جنهن تي سڄي گهر جو قوت گذران ٿيندو هو هڪڙي ڏينهن ڪلاچيءَ جي ڪن ٻيڙيءَ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو مهاڻن ٻيڙيءَ کي ڪن کان بچائڻ لاءِ گهڻيئي حيلا هلايا پر ڪن جي زبردست طاقت اڳيان سڀ بيڪار ٿيا ۽ ڪن ٻيڙيءَ کي ڇڪي چڪر ڏياري پاڻي ۾ غرق ڪيو. ڪن ۾ مانگر مـڇ

Scanned with CamScanner

هو جيڪو مهاڻن کي ڳڙڪائي ويو پوءِ مڙد مجاهد مورڙي همت نہ هاري ۽ وطن واسين کي متحد ڪري باوجود اڻ پوري وسائل جي سر جو سانگو لاهي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي مانگر مڇ سان مقابلو ڪري وطن واسين جي مدد سان مانگر مڇ کي ماري سڄي ملڪ کي ان آفت مان نجات ڏياري.

انهي تمثيل ۾ لطيف سائين چوي ٿو تہ دنيا ۾ وڏيون استحصالي طاقتون ڪمزور هيٺن ننڍن ملڪن جي رهواسين کي سندن مرضيءَ جي خلاف زبردستيءَ سان ڇڪي پنهنجي تسلط هيٺ آڻين ٿيون جيئن مهاڻن جي ٻيڙيءَ کي زور زبردستيءَ سان ڪلاچيءَ جي ڪن ڇڪي چڪر ڏياري پاڻي ۾ غرق ڪيو هو ۽ جيئن مانگرمڇ مهاڻن کي ڳڙڪائي ويو تيئن استحصالي قوتن جا مانگرمڇ هنن هيٺن ڪمزور ملڪن جي رهواسين جا حق ڪسي ٿا وٺن بلڪ انهن جي ڪمائي بہ ڳڙڪايو وڃن. اهڙيءَ حالت ۾ ڪمزور ملڪن جي رهواسين محب وطن مجاهدن کي لطيف سائين تلقين ٿو ڪري تہ جيئن مورڙي وطن واسين کي متحد ڪري باوجود ڪمزوري ۽ اڻ پوري وسائل سان طاقتور مانگرمڇ سان مقابلو ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي هئي تيئن اوهين بہ متحد ٿي مانگرمڇن جهڙن استحصالين سان مقابلو ڪري پنهنجا حق حاصل ڪريو.

سر گهاتوءَ جو پهريون بيت آهي تہ:

گهنگهريا گهڻ چاڻ، موهي مت مهائين،
ويا ڳڏجي ويڙ ۾، پيا منهن مهراڻ
اکيان پويان ڏاڻ، ويا ويچارن وسري.

گهنگريا يعني وماس ۾ پئجي ويا حيرت ۾ حيران ٿي ويا، پريشان ٿي ويا. پيو اکر : گهڻ چاڻ يعني حقيقت بين عارف داناءَ ماهر مفڪر چاڻو: ٽيو اکر آهي موڙهي مت يعني انساني سمجهہ فهم عقل ادراڪ ڪان اها حالت متي چڙهي ويئي. چوٿون اکر آهي مهائيين يعني وڏا ويڙ وريام عظيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انسان محب وطن مجاهد سورهيه اعليٰ مقصد جي حاصلات خاطر سر جو سانگو لاهي جان جي قربـاني ڏيندڙ. ٻيءَ سٽ جو هڪڙو اکر آهي وِير يعني سمنڊ جو خوفناڪ خطرناڪ چاڙهه آٽل، پوڙ، ٻيو اکر آهي پيا منهن مهراڻ يعني خوفناڪ خطرناڪ تيز وهڪري واري درياءَ جي لهرين ۾ لڙهيا ۽ غوطا کاڌائون ٽي سٽ جو هڪڙو اکر آهي اڳيان پويان ٽاڻ يعني ماضيءَ واري وقت جا سک سهنج عدل انصاف مـان شان مـرتبا ٻيو اکر آهي ويا ويچارن وسري يعني مشڪلاتـن مصيبتن واري گردش جي حالت ۾ حقيقت بين عارفـن عظيم انسانـن محب وطن مجاهدن لاهي ماضيءَ وارا مان شان مرتبي وارا خيال دل تان لاهي ڇڏيا. لطيف سائين چوي ٿو ته: ڪنهن ملڪ قومن قبيلن انسانن جي مٿان گردش نازل ٿئي ٿي تـه گـردش جي مشڪلاتن، ناحق، ظلم، غضب، حق تلفين، بي انصافين، اذيتن، عذابن ۾ مبتلا ٿيل حقيقت بين عارف، داناءَ، ماهر، مفڪر چاڙهو عظيم انسان به وماس ۾ اچيو وڃن. حيرت ۾ حيران ٿيو وڃن پريشان ٿيو وڃن. اها گردش واري سخت خطرناڪ حالت وڏن وير وريامن محب وطن مجاهدن عظيم انسانن جي به سمجهه فهم عقل ادراڪ کان مٿي چڙهيو وڃي. حقيقت بين عارفن، دانائن عظيم انسانن انهي خطرنـاڪ گردش واري خوفناڪ دهشت انگيز تيز وهڪري واري درياءَ جي لهرين ۾ لڙهي غوطا کاڌا انهن حقيقت بين عارفن، دانائن گردش سبب پيدا ٿيل مشڪلاتن مصيبتن، ظلم، ناحق، حق تلفي، بـي انصافيءَ واريون حالتون ڏسي ماضيءَ واري وقت جا سک سهنج مان شان مرتبي وارا خيال دل تان لاهي ڇڏيا. ٻيو بيت آهي:

اٿين جا لڏو لوڏ، ايءَ ۾ گهٽ گهاتوئڙن جي،
ڪن ڪلاچي ڪوڏ، سک نـه ستا ڪڏهين.

يعني اوهانجي هلت چلت، طور طريقو، حب الوطني قربانيءَ جي جذبي سان قدم اڳتي وڌائڻ جو نمونو گهاتوئڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جھڙو آھي. گھاتوئڙا يعني گھاتو، گھوٽا ھُئندڙ ٽٻيون ھڻندڙ غواص، ڳولائو، عارف، مفڪر، محب وطن، مجاھد جيڪي وطن ۽ وطن واسين جي حق ڪسيندڙن استحصالي قوتن سان مقابلو ڪرڻ خاطر سر جو سانگو لاھي، جان جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ٿا ٿين. ڪن ڪلاچي يعني سمنڊ يا ظالم دنيا جو اھو خطرناڪ فريبي ھنڌ جيڪو ھيڻن ڪمزورن کي سندن مرضيءَ جي خلاف زور زبردستيءَ سان چڪي چڪر ڏياري پاڻ ۾ غرق ٿو ڪري يعني پنھنجي قبضي ۽ تسلط ھيٺ ٿو آڻي ڪوڏ يعني قربانيءَ جو جذبو ذوق عشق جيڪو محب وطن مجاھد کي پنھنجي وطن ۽ وطن واسين کان ڪسيل حق واپس وٺڻ خاطر ظالمن، غاصبن، حق تلفي ڪندڙن استحصالي قوتن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ دل ۾ جاڳي ٿو. انھن محب وطن مجاھدن حب الوطنيءَ جي جذبي جوش ۽ شوق ۾ سرشار ٿي ننڊ غفلت سک سھنج فرحتون عيش آرام ترڪ ڪري ڇڏيا. ٽيون بيت آھي ته:

ابڙن نه مرن مڇ، جڻن جھڳا پائيين جھول ۾
سِٻر ڏار سمونڊ جا، رائون رڳيون رڇ،
ھي چاڙون ۽ چڇ، اڇا وھ اڳي ٿيو.

مڇ يعني مانگرمڇ جيڪو ڪمزورن ھيڻن کي ڳڙڪايو وڃي. جھڳا يعني ننڍا چار جن ۾ ننڍيون مڇيون ڦيون ڦاسن. جھول يعني ماڏو پاڻي بنا لھرين وارو سِٻر يعني طاقتور پڪو پختو رسو جيڪو گھڻين رسن کي ملائي متحد ڪري وٽيو آھي. سمونڊ يعني اھو خوفناڪ طاقتور جنھن ڪيئي آسروندن جون ٻيڙيون ٻوڙي ڇڏيون. يعني ظالم دنيا، رائون رڳيون رڇ يعني وڏيل رڳيل ڀروسي جھڙين رسين کي ملائي متحد ڪري ھڪ مضبوط رڇ ٺاھڻ. چاڙون ۽ چڇ يعني ٽانگھو پاڻي اوڙاھ يعني سخت خطرناڪ ٻوڙيندڙ درياءَ يعني ظالم دنيا. ظالم مانگرمڇ جيڪو ڪمزورن ھيڻن کي ڳڙڪايو وڃي سو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڻ پوري وسائل واري مقابلي ۾ نه مرندو ان جي مقابلي لاءِ متفق ۽ متحد ٿي مضبوط بندوبست سان مقابلو ڪرڻو پوندو. چوٿون بيت آهي:

گهوريندي گهور پيا، اگهور گهورياڻون،
ميڪر ماربائون، ملاحن منهن سنرا.

يعني محب وطن مجاهد وطن لاءِ قرباني ڏيندي مانگرمڇ يعني هيٺئين ڪمزورن کي ڳڙڪائيندڙ جي ڪن ۾ ڦاسي پيا ته اگهور گهورياڻون يعني نه قربان ڪرڻ جهڙو به قربان ڪري ڇڏيائون ۽ مانگرمڇ کي ماري وطن ۽ وطن واسين کي ڇوٽڪارو ڏياري وڃايل حق واپس وٺي ڪامياب ۽ سرها ٿيا جو سندن قربانيون رائگان ڪونه ويون.

لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ نيڪيءَ جي تلقين ڪئي ۽ برائيءَ کان منع ڪئي آهي. چوي ٿو ته هيءَ دنيا آخرت جي زراعت آهي هتي جيڪا پوک پوکيندين سا آخرت ۾ لڻندين. چوي ٿو ته:

وحده لا شريڪ له اي وهائج وي،
ڪتين جي هارائين تـه هند تنهنجو هيءَ،
پاڻان چونديئي پئي پـري جام جنت جا.

ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪچ اتي اور الله سين،
ڪيڏ تون دغا دل مان صاحب وٺي سچ،
ان پر اٿي اچ تـه سودو ٿئي ڏي سڦرو.
(شاهرح)

لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ سچي دين محمدي تـي عمل پيرا ٿيڻ جي تلقين ڪئي آهي جيڪو دين فطرت ديـن الاهي دين اسلام صلح ڪل مذهب انسانيت آهي. جنهن جو مقصد اتحاد انساني امن عالم ترقي بني آدم آهي جنهن ۾ سچ آهي ڪوڙ هرگز ناهي جنهن ۾ انصاف آهـي بـي انصافي هرگز ناهي جنهن ۾ حق آهي ناحق هرگز ناهي جنهن ۾ خيرخواهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي بد خواهي ناهي، جنهن ۾ پر اپڪاري آهي خلق آزاري ناهي جنهن ۾ امن ۽ سلامتي آهي خونريزي ناهي جنهن ۾ محبت مروت آهي ڪلفت ۽ نفرت ناهي جنهن ۾ بلند اخلاقي آهي بد اخلاقي ناهي. جنهن مسلمان جو ان جي اُبتڙ عمل آهي تنهن ڪي لطيف سائين چوي ٿو ته:

ان پر نه ايمان جئن ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾ شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان اندر آذر آهين.

—

منهن تہ موسيٰ جهڙو اندر ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث ڪڍي ڪوه نه ڇڏيئين.

اڄوڪي دور ۾ لطيف سائين جي ڪلام جي رهبريءَ جي اهميت وڌي ويئي آهي چو ته خود غرض مطلب پرستن هر چڱيءَ شيءِ ۾ ملاوت ڪري انجي اصلي صورت ۽ خاصيت بدلائي ڇڏي آهي انڪري لطيف سائين جي ڪلام جي ڪسوٽيءَ تي شين جي حقيقت جي پرک ڪرڻ تمام ضروري ٿي پئي آهي. ان ڪسوٽيءَ تي سچ ۽ ڪوڙ جي حلال ۽ حرام جي حق ۽ ناحق جي انصاف ۽ بي انصافيءَ جي دين ۽ بي دينيءَ جي پرک ٿي سگهي ٿي. لطيف سائين چوي ٿو ته:

اڃو پاڻي لڙ تيو ڪالوريو ڪنگن،
ايندي اڄ مرن تنهن سر متي منجهرا.

—

سر آهيئي ساڳيا پکي بيا پيا،
جن لميو تي لاتيون ڪيون سي ويچارا ويا،
اچي پاڻوندر پيا جن ڪينجهر هٿي ڪنو ڪيو.

—

سارنگ سار لهيج الله لڳ اڄين جي،
ڀائي ڀوڄ پٽن تي ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج تہ سنگهارن سک ٿئي.
حڪم ٿيو بادل کي تہ سارنگ سات ڪجن،
وچون وسڻ آئيون ٿهہ ٿهہ مينهن ٿمن،
جن مهنگي لٿہ ميڙيو سي ٿيا هٽ هٽن،
پنجن مان پندرهن ٿيا ائين ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهہ مان موذي شال مرن،
وري وڏيءَ وس جون کيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چئي سين، آہ تہ وهہ تنهنجو آسرو.
حق موجود.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي

سر سارنگ جو تهذيبي ۽ سماجي پس منظر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ عظيم فنڪار ۽ آفاقي شاعر آهي، جنهن جي شاعرانه ڪلام جو وجود اسان جي ثقافتي تاريخ ۾ هڪ حيرت انگيز ڪرشمي کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ناهي. سندس فن جي همه گيريت جو اهو شان آهي جو اهو بيڪ وقت زندگيءَ جي ڪيترن ئي شعبن تي اثرانداز ٿيو ۽ ان منجهان ڪيتريون اڻمٽ روايتون اسريون. هن ديسي ڌنن ۽ ڪلاسيڪي جي آميزش سان سرن ۾ جانداري ۽ دل آويزي پيدا ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي سنگيت کي ڀرپور، پيرو آبدار ۽ دلنشين بنائڻ واري تجربي جي روايت جي بنا وڌي. ازانسواءِ سندس شاعريءَ جو اهو اعجاز آهي جو ان وسيلي سنڌي ادب ۾ صحتمند ۽ آفاقي قدرن جي روايت مقبول بڻجي آسري نه رڳو ايترو بلڪ هن پنهنجي سرت ۽ چاڻ سان ٻوليءَ کي هڪ لازوال سگهه عطا ڪئي. مطلب ته سندس فنڪارانه ڪاوش قوم جي ذهن ۽ ذوق کي هر طرح سان جلا بخشي. اسان جي فنڪار جي تخليق هڪ اهڙي تثليث جي مصداق آهي، جنهن ۾ فن، فڪر ۽ لسان ٽنهي جو جوهر شامل آهي. هن جو فن نه رڳو ان دور جي ثقافتي زندگيءَ کان ڀرپور ٿيو آهي، بلڪ ان جو ترجمان به آهي ۽ پنهنجي دلپذير آداب ۽ آواز سان معاشري تي به ساڳي وقت اثرانداز ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن جي ڏاهپ پري گفتار آهي ته ”سهڻي سخن ۽ تاثير جو نالو ئي ادب آهي.“ اعليٰ صفت شاعر پنهنجي پڙهندڙ کي فقط اهو محسوس ڪرائيندو آهي ته انسانيت سڀني کان بلند تر مقصد آهي. اديب زندگيءَ جو اهڙاس تعصبات Prej dice کان هٽي فقط هڪ انسان جي حيثيت سان ڪندو آهي، جنهن سان ئي ادب ۾ آفاقيت جو پهلو نکري بيهندو آهي. شعر جا عموما ٻه پهلو ليکيا ويندا آهن، جن کي ظاهري ۽ باطني جي نالن سان الڳ ڪيو ويجي ٿو. پهرين ۾ شعر جي ٻولي، جوڙجڪ ۽ ظاهري محاسن شامل آهن ۽ ٻئي ۾ وري شعر جون باريڪيون حسن تخيل ۽ ان مان پيدا ڪيل اثر بيان ڪيا ويندا آهن.

اسان وٽ ڪلام سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ۾ هڪ افسوسناڪ روش ابتدا کان ئي هلندي اچي ٿي، جنهن ۾ شاگردن ۽ طالبين کي اندروني ۽ باطني رازن کان روشناس ڪرڻ تي زور ڏنو ويندو آهي، جنهن مان فقط ڪلام جي تصوفانه پهلوءَ جي تشريح مقصود هوندي آهي. اهڙيءَ طرح شاهه لطيف کي صوفي شاعر چئي سندس ڪلام کي عملاً ”تصوف جي دائري“ ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پر ياد رکڻ گهرجي ته تصوف ۾ زندگيءَ جي سڀني پهلوئن ۽ گوشن کي ڪڏهن به اجاگر نه ڪيو ويو آهي. ان جي برعڪس جيڪڏهين لطيف جي رسالي جو مطالعو ڪبو ته اها ڳالهه پليءَ پٽ معلوم ٿيندي ته شاعر انساني زندگيءَ کي فقط هڪ صوفي جي نگاهه سان ڪونه ڏٺو آهي بلڪ سندس شاعري سموري انساني حيات تي محيط آهي، جنهن ۾ ان جا ڪئين رنگ روپ منعڪس ٿيل ملن ٿا.

آءُ اُئين چوڻ کان انڪار ته ڪونه ڪندس ته شاهه لطيف جي ڪلام جو بنياد صوفيانه فڪر تي رکيل نه آهي، بلڪ منهنجي چوڻ جو مقصد صرف ايترو آهي ته هن پنهنجي شاعرانه اظهار لاءِ ڀرپوريءَ جي زندگي ۽ ان جي مادي ۽ جذباتي پهلوئن جي تصويرن کان مدد ورتي آهي ۽ ڪيس پنهنجي زماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ حياتيءَ جا ظاهري ۽ باطني، حقيقي ۽ روايتي جيترا بہ روپ نظر چڙهيا آهن، تن تي نظر رکندي، انهن مان ئي ڪلام جو ڏاڍو پيڙهو تيار ڪيو اٿس. اهوئي سبب آهي جو سندس خيالات سراسر تصوف تي ٻڌل هئڻ جي باوجود بہ خشڪ ناهن. هن بعض ٻين شاعرن وانگر پنهنجو زور طبع صرف تصوفيانہ نڪتن ۽ رموز کي بيان ڪرڻ ۾ نہ لڳايو آهي، جنهن ڪري سندس ڪلام ۾ هڪ سچي جذبي لاءِ لڳن ۽ تڙپ معلوم ٿيندي ۽ اهو هڪ اهڙي عشق ۽ ولولي سان ٽمٽار ٿيل ملندو، جنهن ۾ فلسفي بجاءِ رومان جي لغار آهي. شاهہ عبداللطيف جي ڪلام ۾ اشاريت Allegory کان ڪم ورتو ويو آهي، ليڪن ٻين صوفي شاعرن ۽ شاهہ لطيف جي روش ۾ هڪ واضح ترين فرق ظاهر ظهور نظر اچي ٿو. سندس اشاريت ۾ هڪ عمومي رنگ جهلڪا ڏئي رهيو آهي ليڪن اسين ٻئي طرف ڏسندا سون تہ ايران جي وڏن وڏن صوفي شاعرن جي اشاريت، جو فن بہ خصوصي ۽ ڏهيل جڙيل آهي، جنهن جو اختراع علم ڪلام جي نقطن جو پرورده آهي. انگريزي شاعر ملٽن جي ”فردوس گمشده“ جي بہ ساڳي حالت آهي، جنهن جي اشاريت ايتري تہ پيچيده آهي، جنهن سندس شعر کي فقط ذهن رسا ۽ دقيق بنائي ڇڏيو آهي.

شاهہ عبداللطيف جي فني نگاهہ انهن کان بلڪل علحده آهي. هن فقط عام زندگيءَ مان ئي اشارا ڪنايا ونڊ پسند ڪيا آهن ۽ اهوئي سبب آهي جو جڏهن هو ڪا اخلاقي تعليم ڏيڻ گهري ٿو تہ اها بيحد تصور آفرين بڻجي پوي ٿي. جيئن تہ ان ۾ سماج جي ڏٺل وائٺل ڪا جهلڪ يا فطرت جي پهلو جو ڪو رنگ هوندو آهي، ان ڪري پڙهندڙ پنهنجي ذهن ۾ هڪ چٽي تصوير ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ۽ جنهن جي مدد ذريعي هو تخيل جي نزاڪت تائين آسانيءَ سان پهچي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح شاهہ لطيف جو ڪهڙو بہ سر

داستان پڙهندا ته ان ۾ توهان کي حياتيءَ جون ننڍڙيون ننڍڙيون شيون ڏيکاڻي ڏينديون ۽ انهن ۾ بظاهر عام ۽ معمولي شين ۾ هڪ وسيع مفهوم سمايل هوندو آهي جو ڪڏهن جذباتي ته ڪڏهن اخلاقي ته ڪڏهن سماجي ۽ ڪڏهن وري معاشي هوندو آهي. اهين سر سارنگ جي بيروني (ٻاهرين) زندگيءَ جي تصوير ڏاهيندا سون ته ان جو اندارو ڪجهه هيٺين ريت هوندو، جنهن ۾ شاعر جي زماني جي تهذيب ۽ معاشرت جو پورو پورو عڪس سمايل ملي ٿو. ان سر ۾ سنڌي زندگيءَ جو جيڪو روپ بيان ڪيو ويو آهي، سو مينهن جي آمد سان واسطو رکي ٿو. انسان ته انسان پر پکي پکڻ به خشڪ ساليءَ ڪان پريشان آهن. جيئن ئي آسمان ۾ برسات جا آثار نمودار ٿين ٿا تيئن ئي ماڻهن جي مرجهايل چهرن تي هڪوار رونق موٽي اچي ٿي ۽ سندن خواهشون ڪر موڙي جاڳي پون ٿيون. پوري سماج ۾ ولولو پيدا ٿي وڃي ٿو. شاعران دور جي معاشرت ۾ رهندڙ مختلف فردن ۽ سندن سوچ ۽ رغبتن کي نهايت ڪمال خوبيءَ سان چٽيو آهي، مالوند، هاري ناري، وريتيون، وانديون، بي واهه ۽ بي سهارا زالون فرقت ۾ انتظار جون گهڙيون ڪٽيندڙ عاشق ۽ محبوب انهيءَ خوشگوار ساوڪ پري ارزاني موسم ۾ سيڪنهن جي تڙپ ۽ خواهش جي تڪميل جو جذبو جاڳي پوي ٿو! ڪلام جي ابتدا هيٺين بيت سان ٿئي ٿي:-

آڳمئو آهي، اڱهه پس لطيف چئي،
وٺو مينهن وڏ ڦڙو، ڪڏيو ڏڻ ڪاهي،
چڙهن چڏي پٽ پٺو، سمر سنباهي،
وهو م لاهي، آسرو الله سان.

شاعر چوي ٿو ته لوڪو! ڏسو ته آسمان ۾ ڪارونڀار ٿي آهي ۽ ڪڪر هيٺ لهي آيا آهن، وڏڦڙو مينهن وسڻ شروع ٿي ويو آهي ۽ مايوس ٿي ويهڻ ۽ سستي ڪرڻ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاڻي ڪوبه سبب نه رهيو آهي. ڏينهن تان نڪري سنوان پٽ ۽ پوٺا هلي وسايو. هر ڦار ڪٺي هلو ۽ زمين کيڙڻ ۾ دير نه وجهو! ان بعد ساوڻ يعني ته وسڪاري جي رت ۽ عوامي زندگيءَ ۾ ڪهڙا رنگ رچي وڃن ٿا، شاعر مختلف بيتن ۾ نهايت عمدگيءَ سان اهو بيان ڪيو آهي، ايتري قدر جو ان زماني جي ثقافتي حالت جو هڪ نهايت دل پسند ۽ خوبصورت نقش اڀري اچي ٿو. جڏهين سارنگ جا ڏينهن ورڻ تي هوندا، تڏهن اڀ ۾ وڄن، گوڙن جي گهوگهٽن کي ٻڌندي ماڻهن جي انتظاري ڪيفيت به وڃندي بيچينيءَ ۾ وڌندي، تان ته جڏهن برسات جي موج لڳندي، تڏهن وڃي مس مس هرڪو سک جو ساهه پٽيندو ۽ هر جاءِ بهاري ٿيندي ڪڏون ڪوبا ۽ ترايون پاڻيءَ ۾ پرجي ڌار ٿينديون. سک ۽ آسودگيءَ جو نظارو عام جام ڏسڻ ۾ ايندو. اناج جون گنديون ڀرجي وينديون. کير ۽ مکڻ جام ٿيندو. صبح ساجهر گهر ڏچاڻين جو چاڏين ۾ ڏڌ ولوڙڻ جي جهوجهو جو گهرن اندران آواز پيو ٻڌبو. مال جا واڙا ۽ وٿاڻ، چنا ۽ ڇپر سڀ برسات ۾ ڀڄي پوندا. گسن تي گاهه ٿيندا ۽ هر جاءِ وسون ٿينديون مال ميو متارو ٿيندو ۽ ٽلندو وسن ڏانهن ويندو ڏسبو. ڌنار چاهه ۽ چوچ مان آواز ڪندا گسن تان لنگهيا ڏسبا. بوندن وسندي مال وري ڀڄندو وٿاڻ ڏانهن واپس ورندو. مينهون ۽ ڍڳيون سرهائيءَ مان آل جال کير ڏيڻ لڳنديون پيو ته ٿيو ڪنڌ ماديون ڍور به ميون مست ٿي هليو اچو ڪمر ڏهائين. سارنگ ۾ هرڪو مستيءَ ۾ جهومندو ڏسڻ ۾ پيو اچي. غريب غربو، هاري ناري سڀڪو خوش پيو ڏسبو. آسوديون ۽ سنگهار عورتون جتي پنهنجن گهرن ۾ پيون مرڪنديون ٽلنديون، اتي غريب پورهيت زالون پنهنجن جهڳين ۾ وهندي پليون پيون پائينديون. ڪکرن جي قرب سان گاهن گلن جون گلزاريون لڳيون وڃن. ميها، ڇيڙ، ٽنگيون ۽ ڪنڀيون عام جام ٿيو وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنگهار عورتون ان سمي چس چاهه سان مرڪيو گلن جا هار پايو پاڻ سينگاريو وتن. برسات وسڻ کان پوء غريب واڻيندين زالن جا چنا ڏمڻ لڳندا ۽ اهي بي سهارا عورتون پريشان گذارڻ لڳنديون ۽ اڳوڻا گهاريل خوشيءَ جا ڏينهن ياد ڪندي انهن جا نيڻ به ڏمڻ لڳندا. اهڙيءَ طرح شادي شده ۽ وريتيون عورتون به موسم ۾ آس لڳائي ويٺيون هونديون، ته سندن ور ڪڏهن ٿا موٽن، جيڪي روزگار جي سڌي سان ڪانئن جدا ٿي پري هليا ويا هئا.

مٿي ذڪر ٿيل، ساوڻ مند ۾ ماڻهن جي حالت جي عڪاسيءَ جون جا بجا تصويرون اسان کي ڪلام ۾ ملن ٿيون، جيڪي انهن پڙهندڙن ۾ به ڪشش پيدا ڪن ٿيون، جن ماڳهين زندگيءَ جو اهو روپ ڪڏهن پسيو به نه هجي ۽ اهڙيءَ طرح هرڪو انهن کان بيحد لطف اندوز ٿئي ٿو. صرف ۾ ٿي بيت پيش ڪجن ٿا:

بر وڻا تر وڻا، وٺيون ترايون،
پڙ جون ڀتن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ پرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن سامهيون، ٻولايون رايون،
ٻانهيون ۽ ٻايون، پکي سنهن پنهنجي.

—

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿو وڏ ڦڙو، ٿهڪن ٿيون تاريون،
لٿيون ٻڪ لطيف چئي، ڏايون تاساريون،
پچنديون پيتاريون، وري وٿاڻ آيون.

اهڙيءَ طرح ڪافي بيت فقط اهڙا آهن، جن ۾ صرف حيات جي چهل پهل ۽ معاشري جي مصروفيات جو نقش چٽيل آهي. دراصل شاهه لطيف جو ڪلام داخلي ۽ خارجي ٻنهي پهلوئن جو هڪ متوازن ۽ سهڻو ميلاپ آهي. اسان جي مشرق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي وڏن وڏن شاعرن جي شاعري ۾ فقط داخلي جذبن جي اظهار تي ٻڌل آهي. جنهن جي برعڪس لطيف جو ڪلام انساني ماحول ۽ فطرت مان ٿي رهنمائي وٺي ٿو ۽ انهن جي پس منظر ۾ ٿي انساني جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪري ٿو. جيڪڏهين اسين سنڌس هم خيال لفظن ۽ هم جنس جذبن وارن بيتن کي مسلسل گڏي لکنداسون ته اهو معنوي طور يقينن ڪنهن فطرت ڪش انگريزي سانيٽ جو هوبهو مشابهه بنجي پوندو: جنهن جي تائيد مٿين ٻن بيتن مان به ٿي سگهي ٿي.

مثال طور هي بيت به پڙهو:

سارنگ کي سارين ماڙهو رڳهه مينهون
آڙيون ابرآسري، تاڙا تنوارين
سپون جي سمونڊ ۾، نئين سچ نهارين،
پلر پيارين ته سنگهارن سک ٿئي!

جڏهن سارنگ جي موسم اچي آئي ڪانه هئي تڏهن انسان ان لاءِ ڪيڏو نه بيتاب هئا. ماڙهو ته ٺهيو پر پسون به پيا برسات لاءِ واجهائيندا هئا، ڇو ته ساري فطرت ان جي آمد لاءِ سراپا انتظار جي مورت بنجي وئي هئي!

اهڙي طرح جت ڪٿ شاعر زندگيءَ جي پهلوئن کي آشڪار ڪرڻ لاءِ فطرت کي به پنهنجو هم نوا بنايو آهي ۽ جنهن جي مصوريءَ سندس ڪلام جي حسن کي دوبالا ڪري ڇڏيو آهي. ڇو ته انسانن جي خوشيءَ سان فطرت به مستيءَ ۾ جهومي نچي رهي آهي.

اڄ رسيلا رنگ بادل ڪيا برجن سين
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي برچنگ
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي.

يا وري:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سارنگ سائي سٽ جهڙي لاڪي لاڪ جي،
آءُ سي اڀن انگيا، جئن سي چنيءَ چٽ،
ٻرسيو پاسي پٽ، پريائين ڪن ڪراڙ جا.

سر سارنگ جي اڪيچار بيتن ۾ شاعر فطرت جي حسن کي ڪولي بيان ڪيو آهي. ڪڪرن سان سارو آسمان ڇانيو پيو آهي. ڪارونڀار رڇائيندڙ ڪارا سرمائي بادل، ڇٽ ڇٽ نڪتل بادل، ڳاڙها رتا بادل ونيءَ جي رڱي تي نڪتل ڇٽن جهڙا خوبصورت بادل، وڄن جي چمڪاٽ سان بادل پيڪن ٿا ۽ ڳاڙهي ٻجليءَ ۾ آسمان ڪنوار سمان بڻجو پوي. گجگوڙن جو آواز سرندن جي وڄت وانگر پيو لڳندو آهي ۽ ڪڪر اوهيرا ڪريو ٿڌين صراحين مان پاڻي ڌرتيءَ تي پيا وهائيندا آهن. ڪڪرن جون قطارون رنگيبون لايو بيهن جن جي سهڻي سٽا کي ڏسيو سيني جون اکيون ۽ دليون ٺريو پون. مطلب ته لڳاتار اهڙا بيت آهن، جن ۾ خوشين ۾ مخمور ٿي وڃڻ هڪ قدرتي امر آهي ليڪن شاعر جڏهن جماليياتي لوٽ ۾ عام انساني جذبن جي ترجماني ڪري ٿو تڏهن سندس شعر ۾ هر درجي جو تاثير پيدا ٿي وڃي ٿو.

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪر ڪي ڇوڙي،
مدائتي مينهن جسي، ڪنوڻ نـه ڪوڙي.
آءُ لالڻ موٽي، گهوريا رسڻ ڏينهڙا.

فضا ۽ هرڏي حيات کي مست ڏسي عاشق جي دل ۾ ٻه ارمان پيدا ٿئي ٿو، جنهن خيال کي شاعر پنهنجي بيت ۾ نهايت اثرائتن ٻولن ۾ بيان ڪيو آهي. خوشحاليءَ ۽ فارغ البالي‌ءَ ۾ زندگيءَ بسر ڪرڻ انسان جي هر دور ۾ تمنا رهي آهي. هاڻوڪي دور جو انسان پنهنجي زندگين ۾ ڪهڙين شين جي حاصلات چاهي ٿو، تنهن کان ته هرڪو ٻڌهندڙ واقف آهي.

Scanned with CamScanner

ليڪن ان دور ۾ آسودگيءَ جي خواهش کي لطيف ڪهڙن نہ اثرائتن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. سوبہ پڙهو!

اگهڻ تازي ٻاهر ڪنڌيون، پکا پٽ سنهن،
سرهي سيج، پاسي پرين، مر پيا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال هون برابر ڏينهڙا.

برسات جي موضوع تي شاهہ لطيف اولين طور عام ذهني ڪيفيت جي مصوري ڪئي آهي ۽ ان بعد آسپاس ۾ موجود خاص ڪردارن کي چونڊي ماحول جي تصوير کي مڪمل ڪيو اٿس.

”سالوند عورت“ بہ هن سُر ۾ لطيف جو هڪ خاص ڪردار آهي، جنهن جي ارمانن، انديشن، سوچن، اميدن ۽ آسرن کي ڪمال خوبصورتيءَ سان بيتن ۾ چٽيو ويو آهي.

ڪانڌ! مَ وڃڻ ’ڪنڌيون، ڏڻ‘ سيوئي ڏار،
اپريون سيريون پانهنجون، سيون سپ سنيار،
پٽ چڙهي چن ٻني، وڃي ولهارن وار،
تہ اڇي اگهڻ ٻهار، سرلا ڪندي سڌڙا.

خوشيءَ وقت محبتي جوڙا ٻاڙ ۾ هيج ڪيچ لاڏ ڪوڏ ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهن. قرب ۽ محبتون بہ ونڊين تہ هڪ ٻئي تي حيلا ۽ حجتون بہ هلائين. ان بيت ۾ مالوند جي زال بہ پنهنجي ڪانڌ کي ٻورن وڃڻ کان باز رکڻ لاءِ منٿ ڪري رهي آهي.

ازانسواءِ سرسارنگ ۾ عاشق ۽ محبتين کان سواءِ بيواهہ زالون ۽ ورن کان اڪيلو گهاريندڙ زالون بہ شاعر جي خاص ڪردارن ۾ شامل آهن، جن جي درد منداڻہ ڪيفيت ۽ سقيم حالت کي ماحول جي پس منظر ۾ شاعر پيشيو آهي ۽ انهن جي اهڙي عڪاسي ڪئي آهي، جو هرڪا دل ڏک ۾ پرجيو اچي.

ملاحظ فرمايو:

١- اندر جهڙ جهور وهي، پهر برسي بوند اپار
وت جنين جي يار، سي اوڪاڻين نہ اکيون

٢- ڪڻڪن ڪاند چت ڪيو، جهڙ پسيون جهجهن،
وري وانديـــن اڏيـــا، پڪاســـي م پســن،
اتر ڏاهي آن جا تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن،
وارث وري تن، اچن شـــال اون ڪــري.

مٿين ٻن بيتن مان هڪڙي ۾ عاشق ۽ ٻئي ۾ ورڪان وڇڙيل عورت جي حالت زار ۽ ڪيفيت کي بيان ڪيو ويو آهي. چند بيتن ۾ هڪ اهڙي ڪردار کي بہ بيان ڪيو ويو آهي، جيڪو عوام جي حالت خوشيءَ ۾ خاموش آهي. اهـو آهي ذڪاريو يا واپاري: موسم جي بهاريءَ ۾ اهو واحد فرد ئي رنج محسوس ڪري ٿو- چاڪاڻ تہ سوڪهڙو هجي ها تہ هو سانڍيل اناج مهانگو ڪري وڪڻي ها ۽ شاعر اهڙي عوام دشمن ڪردار تي ڦٽڪار وڌي آهي. اسان جي شاعر جي عام ماڻهن سان جيڪا Commitment آهي، سا سنڌس دور کان اڳ يا پوءِ مغرب جي ڪنهن بہ شاعر وٽ ناهي. هن ساري عمر عام ماڻهن سان گڏ گهاريو ۽ گهرن اندر ۽ گهرن کان ٻاهر سندن مادي روحاني ۽ جذباتي زندگيءَ ۾ جن بہ شيــن سان واسطو رهيو تن جو مطالعو ڪيائين ۽ پوءِ سندن خيالن کي مختلف سرن ۾ نغمي جي صورت ۾ ڳاياائين. اهوئي سبب آهي جو هن جي هر بيت ۾ ماڻهن جي دلين جي ڌڙڪــن موجود آهي. جنهنڪري لطيف جي شاعريءَ کي هيئت ۽ روح جي لحاظ کان فقط غنائي Lyrical poetry چوڻ ئي مناسب ٿيندو.

شاهہ جي رسالي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ شاعر زياده تر درد جي ترجماني ڪئي آهي. سنڌس ڪلام تي هڪ مثاس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڙي درد ۽ گداز جي ڪيفيت طاري ٿيل آهي، سر سارنگ جي ٻه بنيادي طرح ساڳي خاصيت آهي. ان دليل جي ثبوت ۾ هيٺ ڏنل ٻه شعر ڪافي ٿيندا.

١- منيهان ۽ نينهان. ٻه ئي اکر هيڪڙي،
بادل ٿي ٻيهان جي اگر اڇڻ جا ڪري.

٢- وسڻ اکڙين جيئن جي هوند سڪين مينهن،
ته هوند راتو ڏينهن، بس بوندون نه ڪرين

شاعريءَ ۾ الميه ڪيفيت جي برجستگيءَ کي قادر الڪلاميءَ جو معيار قرار ڏنو ويو آهي، جنهن جا شيڪسپيئر جي ڊرامن ۾ اڪيچار مثال ملن ٿا لطيف جي شاعريءَ ۾ سوزوگداز جي ڪائنات خلقيل آهي، هن هميشه انساني امنگن ۽ احساسن کي ڳايو آهي. هو هڪ اهڙو موسيقار معلوم ٿئي ٿو، جنهن جي تنبوريءَ جي تان مان ڪڏهين تکا ته ڪڏهين وري ڪومل سرنڪرن ٿا. سندس شاعريءَ جي روح مان هڪ گنڀير سڪون ملي ٿو. ايتريقدر جو جوش ۽ ولولي ۾ ٻه ماڻائيءَ جي هڪ لهر جو احساس ٿئي ٿو.

اڳون شروعءَ ۾ ان ڳالهه جو تذڪرو ڪري چڪو آهيان ته شاهه ڀٽائيءَ جي شاعري پوري انساني زندگي سان عبارت آهي، جنهن ۾ ان جا مختلف روپ ٻهروپ آهن ۽ روزمره جي فطري مشغولين جو ان ۾ هڪ نهايت حسين جميل پاڇو آهي. سرسارنگ ته اول کان آخر تائين اهڙن مثالن سان ڀريل آهي، جنهن ۾ شاعر جي پنهنجي زماني جي تهذيب ۽ معاشرت جو حقيقي عڪس ملي ٿو ۽ اهوئي سبب آهي، جو مانوس فضا ۽ بي تڪلفانه ماحول کي ڏسندي پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ بي انتها پنهنجائپ ۽ قربت محسوس ڪن ٿا ۽ اهوئي سندس شاعريءَ جي مقبوليت جو واحد سبب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ صوفي به آهي ته شاعر به آهي ۽ اهي ٻئي خصوصيتون سندس شخصيت جو اڻ مٽ حصو بڻيل هن انڪري هن جي شاعريءَ ۾ سادگي ۽ احساس جي خلوص سان گڏ روحانيت جو به آهي. ڪلام ۾ جتي دنيوي حقائق جو بيان آهي، اتي الله تعاليٰ جي يڪتائي جو ذڪر آهي ۽ سر سارنگ ۾ به نبي ڪريم ﷺ جن سان والهانه عشق جو به اڪثر بيتن ۾ اظهار ملي ٿو. تاهم سندس خيال ڪٿي ڪهڙو به هجي، ليڪن ان جي شاعرانه وجود جو سبب محض عوام سان لڳاءُ ۽ قرابت محسوس ٿئي ٿي. تصوفانه ڪلام ۾ به شاعر جو اصلي تخاطب عوام سان ئي آهي. هن جو مقصد صرف پنهنجي نفس جي تسڪين ۽ واردات کي اظهار ڪرڻ ناهي، بلڪ هو عام انسانن کي دلسوزي ۽ اخلاص سان صحيح انسان ٿي رهڻ جي تلقين ڪري ٿو ۽ حيات جي ابدي مسرت کان کين آگاهه ڪري ٿو.

برسات جي موضوع تي سر سارنگ ۾ پندرهن سٽن تي مشتمل هڪ ڊگهو بيت شاعرانه تخيل سبب سڀني حلقن ۾ ڏاڍو مقبول رهيو آهي. هن ۾ وطن لاءِ دعا ۽ عوام سان محبت جو لافاني خيال سمايل آهي، ليڪن ان جو ڪئنواس ايترو ته وسيع آهي، جو شاعر نهايت چابڪدستيءَ سان ساري دنيا جي وسعت کي پنهنجي احاطي ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ اشارن ئي اشارن ۾ ساري دنيا جو نقشو اکين اڳيان لهرائي ڇڏيو اٿس. ڪن سنڌي نقادن ان کي اسلام جي عالم ۾ پکڙجڻ ۽ رحمت الاهي جي نازل ٿيڻ سان به مشابهت ڏني آهي.

انهيءَ نظم نما شعر جو تخليقي حسن ته پنهنجي جاءِ تي آهي ئي بي مثال؛ جيڪو فني وصفن جو اعليٰ نمونو نظر اچي ٿو. ليڪن ان کان علاوه اهو شاعر جي فڪر تي به دلالت ڪري ٿو ته سندس اندر ۾ عالمگيريت ۽ آفاقيت آهي. جڻ ته فطرت جي حسن کي ساراهيوڻي ان ڪري اٿس، جو انسان

جي اندر جي آئيني ۾ ان جي سونهن سمايل آهي ۽ شاعر انساني عمل ھئان ڪائنات کي خوبصورت ڏسڻ چاهي ٿو انڪري ئي هو حق ۽ سچ جو پانڌي ٿي، انسانن کي گويا هدايت ٿو ڪري ته هو ڌرتيءَ تي امن قائم ڪن.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميوو خان موچ لغاري

گواهي لطيف جي!

ڳوليِن اگر حبيب کي، اوڳو ٿي ڳول ڦول،
ڏاهن کان آهه ڏور، گواهي لطيف جي.

مون ڀورڙي سان پال پلايا پلي پرين،
سنهنيون سدا ۽ سور، گواهي لطيف جي.

ڪر نرت سان نهار نماڻي نظر ڪري،
دلبر نه ٿو ڪان دور، گواهي لطيف جي.

نيڻن جي ننڊ اکيڙ، پوءِ وصل ۾ نه وٿ،
ويڇا وٿيون وڇور، گواهي لطيف جي.

چوري چپر ۾ چولي، هو هاڙهو مٿي هليا،
ڪچين ڪيو ڪلور، گواهي لطيف جي.

ناتو نياءُ نينهن جو، نٿرت نياز سان،
پن غمزه ۽ غرور، گواهي لطيف جي.

ليلان وڃائي لوڏ، ڪري لوڀ لالچون،
ڪئي چاڳ چور چور، گواهي لطيف جي.

زاري بنا نه زور، هلي ڪو حبيب سان،
زاري ڪرڻ ضرور، گواهي لطيف جي.

اهڙي طري عجيب سان، ناتو نبا هجي،
جڻن چنڊ سان چڪور، گواهي لطيف جي.

دک درد جي دئي وچي هٿي هٿي سان هيٺ ٿيو،
گهڻجو وڃن ٿا گهور، گواهي لطيف جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روئين تہ رو بہ تن لئي، تو لئي بہ جي روئن،
نہ تہ چو نچوئين نور، گواهي لطيف جي.
دنيا دو رنگي ساڻ جڳائي نہ دوستي،
فاني جڳت فتور، گواهي لطيف جي.
ڏک آهہ سونهن سک جي ڏکن ري نہ سک سونهن،
ڏک بعد سک سرور، گواهي لطيف جي.
پسو پنجڙ نہ پاند ۾، تہ بہ هٿ جنين جا هيئن،
سي پار پهرين پور، گواهي لطيف جي.
سهڻو سندم سڄڻ آ، سڄي ڪائنات ڪُن،
حيرت ۾ هرڪا حور، گواهي لطيف جي.
هيئڙي نہ جنجي جار، حسين و حسن جو موج،
سي مرهبا نہ مور، گواهي لطيف جي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فقير محمد "منصور" باسوڙي

نذرانهء عقيدت

سهڻا لطيف سنڌ جو تون سرتاج
ٿي ڪابر علم جو ماڻيو توهان معراج
شعر توهان جا آهن دلپذير
سخن گوهر گفتار آهي بي نظير
ملهه ناهي هنن ماڻڪن جو
قول قربت قرار پرين جو
جي سدا مثل ستارن جي چمڪن
آبدار موتين مثل ٿا مهڪن
اهميت اوهان جي سدا بر قرار
سنڌڙيءَ جو سدا تون سردار
شل پٽ وسئي پيلارا گهوٽ
ناهي تنهنجي خزاني ۾ علم جي کوٽ
ڪريان ٿو پيش هي نذرانهء عقيدت
جنهن ۾ آهي عيان آهنجي اهميت
مدعا ڪري دل سان منصور
ته آهين لطيف دل جو سرور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu